# عربي - سنڌي آئيويتا جو اڀياس

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# عربي- سنڌي آئيوينا جو اڀياس

(A Study of Arabic_Sindhi Alphabet)

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي- سنڌ

حيدرآباد

2016ع

# انتساب

هي پيار جو پورهيو منسوب ڪريان ٿو پنهنجي:
والد مرحوم: محبوب علي جوکئي ڏانهن
جنهن جي شفقت ۽ تربيت، هن ڇڙواڳ سماج ۾
عزت سان جيئڻ جو ڍنگ ڏنو.

والده مرحومہ: زيب النساءِ جوکئي ڏانهن
جنهن جي شروعاتي ۽ آخري وقت منهنجي ميرائين کي ڌوتو.

۽

منسوب ڪريان ٿو پنهنجي استاد
پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي ۽ انهن استادن ڏانهن
جن جي تعليم و تربيت ۽ هدايت ذريعي: پيشي سان
سچو رهڻ، ڌرتيءَ ڌڻين جي خدمت ڪرڻ ۽ عزت نفس
خاطر هرحال ۾ راضي رهڻ وارا عمل حاصل ٿيا.

# ناشر نوٽ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڊاڪٽر الطاف جوکيي جو هيءُ ڪتاب ’عربي- سنڌي آئيوپِٽا جو اڀياس‘ ڇپائيندي مون کي ان ڪري بہ نهايت خوشي ٿي رهي، جو هي ڪتاب، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي عين مقصدن ۽ دائره ڪار تي پورو لهي ٿو. ڊاڪٽر الطاف جوکيي، پنهنجي هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ’عربي-سنڌي‘ آئيوپِٽا جو تاريخي، ارتقائي، سماجي ۽ علمي جائزو ورتو آهي. هن خالص تحقيقي بنيادن تي عربي- سنڌي آئيوپِٽا بابت پنهنجي راين ۽ تجويزن کان پڻ آگاهہ ڪيو آهي ۽ ڪيترائي اهڙا نوان نُڪتا پيش ڪيا آهن، جن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ سان، هن موضوع بابت نوان ۽ اڻ ڇهيل پاسا دريافت ڪري سگهجن ٿا.

هيءُ ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪميٽي منظور ڪيو ۽ اهو پڻ فيصلو ڪيو تہ ڪتاب تي ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني سائين محمد ابراهيم جويو ڪري. جويي صاحب مهرباني ڪري هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني ڪئي ۽ ڪن تجويزن کي ڪڍي ڇڏڻ جو مشورو ڏنو. جويي صاحب جي مشوري مطابق ڊاڪٽر الطاف جوکيي ٻيهر مسودو تيار ڪري ڏنو جيڪو ڇپائي اوهان آڏو پيش ڪجي ٿو.

اسان کي اميد آهي تہ ’عربي سنڌي آئيوپِٽا‘ جي تحقيق اڀياس تي ٻڌل هي ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي ٻوليءَ ۽ الفابيٽ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ وڏو مددگار ثابت ٿيندو.

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن

28 جنوري، 2016
حيدرآباد سنڌ

# ٻه اکر

ٻوليءَ جا سڪي جيان ٻه پاسا ٿين ٿا. هڪ ڳالهائجندڙ ٻولي ٻي لکجندڙ ٻولي. ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا (Dialects) ٿين ٿا، جنهن کي ڪٿي به روڪ ٽوڪ نه ٿي ڪري سگهجي، ليڪن لکجندڙ ٻوليءَ لاءِ ڪي ضابطا مقرر ڪيا ويندا آهن، جن تي مڙني لهجن جا ماڻهو متفق هجن ۽ اهو طريقو دنيا جي مڙني ٻولين ۾ صورتخطين جو آهي. ان صورت ۾ ڳالهائجندڙ جملن تي، ٻوليءَ جي بنيادي اصولن کان سواءِ، ڪا روڪ نه ٿي ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته جملن ۾ هر لهجي جي ماڻهوءَ جو پنهنجو اسلوب ٿئي ٿو، جڏهن ته ٻئي پاسي لفظن ۽ جملن جي صورتخطيءَ تي باقاعده توجهه ڏنو ويندو آهي.

صورتخطيءَ جو بنياد آواز کان اکر ۽ پوءِ رسم الخط کان آئيويتا تائين ٿئي ٿو. ڳالهائڻ هر انسان جي گڏيل فطرت ۽ ٻوليءَ جي ماهيت هن جي جذبن جي عڪاسي آهي. الله سائينءَ انسان کي ڳالهائڻ جي سگهه عطا ڪئي، گهڻو امڪان آهي ته ان سگهه جي بنياد تي پنهنجي آسپاس هوندڙ آوازن جي نقل سان پنهنجي ٻوليءَ جو بنياد وڌو ويو هوندو. اڳتي هلي ڪيس ٻڌڻ وارن روپن واري ٻوليءَ کي غير حاضر ماڻهن يا ايندڙ نسل تائين اکري روپن يا ڏسڻ جوڳن روپن ۾ تبديل ڪرڻ جي گهرج محسوس ٿي هوندي، ڪيترن ئي مرحلن بعد رسم الخط/ لِپيءَ جو انتخاب ڪيو ويو هوندو ۽ ان آڌار ضروري اکرن جون شڪليون جوڙيون ويون هونديون. آخرڪار ٻوليءَ کي محفوظ ڪري نسلن تائين رسائڻ لاءِ يا پنهنجي خيال خاطر باضابطه طور تي جوڙيل اکرن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئڻ جو رواج وڌو ويو هوندو ته جيئن ان سان هڪ مشترڪ صورتخطيءَ جو قيام ٿي سگهي.

ٻوليءَ جي حوالي سان، ٻار جو بنيادي استاد ماءُ ـ پيءُ ۽ گهر جو ماحول آهي، جتان آواز ۽ ڳالهائجندڙ ٻولي رٽي/ سکي ٿو، ان بعد جڏهن ڳالهائڻ ۾ پڪو پختو ٿئي ٿو ته ساڳي ٻوليءَ کي لکڻ يا پڙهڻ لاءِ کيس تعليم ڏجي ٿي، جنهن جو پهريون مرحلو رسم الخط/ لپي ۽ 'آئيويتا' آهي. آئيويتا،

اکرن جي اهڙي پوئيل لڙهيءَ جو نالو آهي، جيڪا هن کي رٽرائڻ/ ياد ڪرائڻ لاءِ سيکاري ويندي آهي.

مختلف رسم الخطن جي حوالي سان آئيويٽائن جي ترتيب جو نظام نرالو آهي، ليڪن اميد اهائي ڪئي ويندي آهي تہ اها اکري ترتيب اهڙي آسان هجي جيڪا بنيادي ٻار چڱيءَ ريت رٽي ۽ لکي سگهي ۽ اها هن کي پڇاڙيءَ تائين ذهن نشين رهي. ٻين آئيويٽائن جي بنسبت عربي ٻوليءَ ۾ ٽن آئيويٽائن جو تصور آهي، هڪ: ابجدي (شماري) آئيويٽا، ٻي: شمسي- قمري (مخرجي) آئيويٽا ۽ ٽي: ابتث (شڪل ۽ ٽبڪن وار) آئيويٽا، ليڪن اڄ سوڌو ابن مقلہ واري ابتث آئيويٽا وڌيڪ مقبول رهي آهي، ان سببان تہ اها بنيادي ٻارن لاءِ آساني رکي ٿي.

عربي- سنڌي آئيويٽا بنيادي طور تي عربي رسم الخط/ لپيءَ مان جوڙيل آهي، جيڪا مختلف مرحلا طئي ڪندي موجوده صورت ۾ بيٺي آهي. هاڻي جڏهن هر نڪتي يا اصطلاح جو سائنسي اڀياس ٿئي ٿو تہ هر صاحب فڪر پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهي ٿو. ايلس آئيويٽا بابت اڪثر عالمن جو اهو چوڻ تہ 'ايلس آئيويٽا ۾ وسرڳ آواز اوسرڳ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي' بيجا ثابت ٿيو آهي. ايلس آئيويٽا ۾ ٻٽا اکر(Digraph) 'جھ ۽ گھ' نرالا وسرڳ آهن، اهي ٻئي پنهنجن اوسرڳن سان رکيل ڪو نہ آهن. اهڙي سهوَ ٻين هنڌن بہ نڪري سگهي ٿي. 'ف' ۽ 'و' مخرج جي لحاظ کان قريب آواز آهن، سي ٻئي ڇڳا پيا آهن، اصل حقيقت ڪا ٻي ظاهر ٿئي ٿي. انگريز دؤر ۾ جڏهن عربي- سنڌي آئيويٽا ترتيب ڏني پئي وئي، سا گهڻي قدر 'ابتث (شڪل ۽ ٽبڪن وار) آئيويٽا' کي سامهون رکي ان جي شڪل جهڙا اضافي اکر، ڪنهن سلسلي سان، ان جي پر ۾ رکيا ويا، اهڙو نتيجو 'ابتث' ۽ 'ايلس آئيويٽا' جي تقابلي ڇنڊڇاڻ مان اخذ ٿيو آهي.

جنهن صورت ۾ سڪي جيان ٻوليءَ جا بہ پاسا ٿين ٿا. هڪ: ڳالهائڻ ٻيو: لکڻ. ان صورت ۾ ڏٺو وڃي تہ آئيويٽا جو تعلق لکڻ سان ٿئي ٿو ۽ لکڻ (خطاطي) جي بنياد تي جوڙيل آئيويٽا ئي بنيادي ٻار لاءِ آسان ٿي

سگهي ٿي. موجوده آئيوِنا ڪافي عالمن ۽ استادن پاران دقيق ليکي وئي آهي؛ اج بہ ڪافي اسڪولن ۾ 1935ع واري شڪل ۾ ٽپڪن وار آئيوِنا رٽرائي ويندي آهي، جيڪا آسان سمجهي وڃي ٿي. ان صورت ۾ اهڙن معاملن تي اپياس ڪيو ويو آهي.

اصل ۾ هي موضوع: 'عربي- سنڌي آئيوِنا جو اپياس'، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيئي جي نگرانيءَ ۾ ڊاڪٽر حافظ عبدالغني شيخ جي معاون نگرانيءَ هيٺ منهنجي پي. ايڇ. ڊي (سنڌي) جي موضوع: 'عربي- سنڌي آئيوِنا ۾ صورتخطيءَ جو اپياس' جو هڪ حصو آهي. پر جيئن تہ منهنجو ڪم ڪافي طول وٺي ويو ان صورت ۾ منهنجي پي. ايڇ. ڊي جي ٻئي سيمينار ۾ ماهر پروفيسرن جي فيصلي مطابق مون کي 'صورتخطيءَ' تي پابند ڪري، موضوع جي تبديل ڪرڻ جي راءِ ڏني وئي. اهڙي ليٽر جي اجراء بعد هي پيار جو پورهيو عوامي سطح تي آندو اٿم؛ ان اميد سان تہ علمي تنقيدي راين سان نوازيو ويندو جنهن ذريعي ڪيل چُڪن جو ازالو ٿي سگهندو. حقيقت ۾ لفظ 'تنقيد' سان 'علمي' لفظ جو اضافو ڏاڍو عجيب لڳي ٿو پر ماحول ۾ هلندڙ رواج موجب ان سان اهڙو جوڙ ڳنڍيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ لفظ 'تنقيد' جو دائرو 'سياست' جيان اسان وٽ ڪجهہ بگڙي ويو آهي. ايتريقدر جو 'تنقيد' تي مقالا لکندڙن ۽ پڙهائيندڙن وٽ بہ 'تنقيد' جو استعمال ڇرڪائيندڙ بڻجي ويو آهي. اصل ۾ تنقيد مان مراد ڪنهن شيءِ جو معيار جاچڻ آهي، جيڪا تحقيق جي معاملي ۾ انتهائي اهم آهي. تحقيق جو پهريون مرحلو (Evolution) لاڳاپيل موضوع هيٺ اڳ ڪيل ڪم جو معيار جاچڻ پوءِ اڳتي وڌبو آهي؛ پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ڪن سببن ڪري اسان وٽ اهڙو ماحول پيدا ٿي ڪونہ سگهيو آهي. بهرحال، ٻولي ۽ علمي معاملا، ڪنهن بہ متانهين ماڻهوءَ کان متانهان سمجهڻ، متانهون عمل پائڻ گهرجي.

هيءَ تحقيق 2012ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي هئم، پبليڪيشن ڪاميٽيءَ مان منظور ٿيڻ بعد محمد ابراهيم جوئي صاحب کي ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو جنهن منهنجي تحقيق جي

آخري حصي جي هڪ جز تي مناسب اعتراض واريو هو. اصولي طور ان راءِ کان پوءِ مذڪوره تحقيق ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ اچڻ گهربي هئي.

ٽيو پلو جو موجوده چيئرمئن سرفراز راڄڙ صاحب اهڙن رڪيل معاملن کي خودبخود اڳتي آندو ۽ لکپڙه ڪئي، جنهن جي اڻ ڏُري فيصلي ۽ اصولي منظوريءَ بعد هن ڪتاب جو منظر عام تي اچڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي. مان، جناب سرفراز راڄڙ صاحب جو سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ اڻ- ڏُريو ٿي رهڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪريان ٿو ۽ سندس ٿورا مڃيان ٿو.

20 جنوري 2016ع ڊاڪٽر الطاف جوکيو

محراب پور.

## هن ڪتاب ۾ حوالي/ ريفرنس جي طريقيڪار بابت

هن تحقيقي ڪتاب ۾ اي.پي.اي حوالي جو طريقو ڪم آندو ويو آهي. جديد دنيا ۾ هي طريقو گهڻو ڪم آندو ويندو آهي، ليڪن اسان وٽ ان جي استعمال تي اعتراض سامهون ايندا آهن. منهنجي ٿيسز جي Evaluation تي ٻه سنڌ مان هڪ ماهر جي غير سنجيده راءِ سامهون آئي هئي، جنهن کي مطمئن ڪرڻ ئي پت سان ٽڪر مترادف هيو. عام طور ڪمپوزنگ جي حوالي سان آفيس ورڊ جي ريفرنس آپشن ۾ اي.پي.اي اسٽائيل پهرين نمبر تي رکيل آهي.

منهنجي تقريباً 28 ڇپيل ريسرچ پيپرن ۾ اهو طريقو ڪم آندل آهي. هي فارميٽ لکڻ توڙي پڙهڻ واري لاءِ ڪافي آسان ۽ اجائي ڊيگهه رکندڙ ناهي. جيئن: 'ايضاً حوالو ساڳيو' وارا لفظ هر هر پيا ڪم آندا ويندا آهن. هن فارميٽ موجب پلي ڪتاب مان سؤ حوالا ڪنيل هجن ليڪن ببليوگرافيءَ ۾ صرف هڪ دفعو ڪم آندو ويندو آهي. ڏسڻ لاءِ مواد ۾ اشاري موجب ليکڪ ۽ سال کي ڏسي، ببليوگرافيءَ ۾ اُن موجب صرف هڪ دفعو ڏسڻو پوندو آهي؛ بعد ۾ مواد ۾ ڏنل هر اشاري کي ئي ڏسي ڪتاب بابت ذهن جڙي ويندو آهي. هتي ان بابت مختصر اشارا ڏجن ٿا.

**حوالي ڏيڻ جو طريقو:** مواد جي حوالي ڏيڻ (Citation) ۾ American Psychological Association (A.P.A) يا Harvard referencing system وارو طريقو ڪم آندو ويو آهي. موجوده حالتن ۾ سائنسي توڙي سماجي علمن ۾ هي طريقو وڌيڪ ڪم آندو وڃي ٿو. هن طريقي موجب ڪنهن حوالاتي ڪتاب (Reference Book) مان حوالي ڏيڻ جا ٻه جز ٿيندا آهن: هڪ: مواد ۾ ڏنل اشارو، ٻيو: لاڳاپيل ڪتاب جو حوالو.

1. **مواد ۾ حوالي جو اشارو ڏيڻ (Citation)**

1.1. **ڪتاب مان مواد جو اشارو ڏيڻ (Citation):** مقالي/ ڪم ۾ مواد کي شامل ڪرڻ بعد، حوالي جي نمبر بجاءِ ڏنگيءَ ۾ ليکڪ جو مختصر نالو، ڪتاب جو سال ۽ صفحو نمبر ڏنو ويو آهي؛ جيئن: " ——————— " (جتوئي، 1996: 25).

(نوٽ: پر جيڪڏهن ليکڪ جو اهو نالو اشاري طور مواد کان اڳ ئي ڪنهن ٻئي لاءِ ڪم آندو ويو آهي تہ پوءِ Citation ۾ ليکڪ جي نالي ڏيڻ ۾ اختيار رهي ٿو، يعني نالو، ذات، تخلص وغيره).

1.2. **جرنل/ مخزن مان مواد جو اشارو ڏيڻ (Citation)**: مواد کي شامل ڪرڻ لاءِ ليکڪ جو نالو، ڇپائيءَ جو سال ۽ ورتل مضمون/ مقالي جا مڪمل صفحا ڏنا ويندا آهن؛ جيئن: "-------------------" (جوکيو، 2008: 72- 92)

(نوٽ: ٻنهي صورتن ۾، ساڳئي ليکڪ جي حوالي سان جيڪڏهن ڪتاب يا جرنل وغيره جو سال ساڳيو رهي ٿو تہ ان حالت ۾ سال سان گڏ الف- ب جو ڳنڍ ڪجي ٿو.)

## 2. ببليوگرافيءَ ۾ ڪتاب بابت حوالي جو اشارو ڏيڻ (Reference)

2.1. **ڪتاب بابت اشارو ڏيڻ (Reference)**: مقالي/ ڪم جي آخر ۾ ببليوگرافيءَ ۾ رواج موجب، پهرين ليکڪ جو نالو، ننڍي ڏنگيءَ ۾ ڪتاب جو سال، ڪتاب جو موضوع ۽ ڇپائيندڙ اداري جو تفصيل، پر شهر پهريان ڏنو ويندو آهي؛ جيئن:
**آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند** (1956) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ- ڪراچي- حيدراباد: سنڌي ادبي بورڊ.

- (نوٽ: جيڪڏهن ڪتاب جو پهريون ڇاپو اڳ ڇپيل آهي تہ وڏي بريڪيٽ ۾ اهو سال ڏبو، موجود ڇاپي جو سال بريڪيٽ کان ٻاهر ڏبو؛ جيئن:
- **جتوئي، علي نواز، پروفيسر** [1968] 1996. علم لسان ۽ سنڌي زبان. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.)

2.2. **جرنل/ مخزن بابت اشارو ڏيڻ (Reference)**: ببليوگرافيءَ ۾ ليکڪ، سال، مضمون/ مقالي جو عنوان. ايڊيٽر جو نالو، جرنل/ مخزن جو نالو، جلد نمبر ۽ ڏنگيءَ ۾ شمارو، پوري مضمون جا صفحا ۽ ڇپائيندڙ اداري جو تفصيل ڏنو ويندو آهي؛ جيئن:
**ابڙو، آفتاب** (2000) سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا. ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين. ڪلاچي: *تحقيقي جرنل*، 3 (1)، 85- 107. ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.

○ (نوٽ: ٻنهي صورتن ۾ ساڳئي ليکڪ جي حوالي سان ساڳئي سال ۾ مختلف ڪتاب يا جرنل اچي ته ان صورت ۾ الف- ب جو ڳنڍ ڪجي ته.)

2.3 **مترجم يا مرتّب ڪتاب بابت اشارو ڏيڻ** (Reference): مرتَب ڪتاب جي صورت ۾ مضمون/ ليکڪ جو نالو ۽ بعد ۾ ڪتاب جي عنوان سان مرتِب جو نالو رکيو ويندو آهي؛ جيئن:

<u>**بروهي، داد محمد، ڊاڪٽر** (1991) لاڙي محاوري جو لساني جائزو. مرتب: *ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. لاڙ جو مطالعو.* ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.</u>

مترجَم ڪتاب جي صورت ۾ اصل ليکڪ جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ مترجم جو نالو ڪتاب جي عنوان ڏيڻ ڪان بعد ۾ ڏنو ويو آهي، جيئن:

<u>**برٽن، رچرڊ** [1971] 2010. سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون. *مترجم: محمد حنيف صديقي.* ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.</u>

2.4 **مقدمو يا فوٽ نوٽ بابت اشارو ڏيڻ** (Reference): ڪنهن ڪتاب ۾ شامل مقدمي جي لکندڙ جو نالو ڏنو ويندو آهي، بعد ۾ ڪتاب جو عنوان ۽ اصل ليکڪ جو نالو ۽ صفحا ڄاڻايا ويندا آهن؛ جيئن:

<u>**الانا، غلام علي، ڊاڪٽر** (1991) مقدمو: *لغات سنڌي مخففات.* مصنف: طالب المولى، محمد زمان، مخدوم. صفحو: ٿ ڪان و. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.</u>

فوٽ نوٽ ۾ راءِ لکندڙ ايڊيٽر جو نالو شامل ڪيو ويندو آهي ۽ بعد ۾ مضمون ۽ ان جي اصل ليکڪ جو نالو ۽ پورا صفحا ڄاڻايا ويندا آهن؛ جيئن:

<u>**جويو، تاج** (2011) فوٽ نوٽ: ايڊيٽر راءِ. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور. ليکڪ: الطاف جوکيو. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل،* 4 (2)، ص: 42- 95. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.</u>

**نوٽ:** ببليوگرافيءَ ۾ شروعات نالن سان ۽ ترتيب آئيويٽا/الفابيٽ موجب ڪئي ويندي آهي.

## فهرست


**باب پهريون** 19

**1.آئيوِيتا/الف۔ بي/پٽيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم**

1.1. لفظ آئيوِيتا جي لغوي اڪيڙ

1.2.آئيوِيتا جو دائرو

1.3.آئيوِيتا سان منسلڪ اهم نڪتا

1.3.1.آئيوِيتا موجب ترتيبون

1.3.1.1.مخرجوار ترتيب

1.3.1.2.شڪل وار ترتيب

1.3.1.3.انگي ڪارج واري ترتيب

1.3.2.آواز جي بنياد تي آئيوِيتا جا اکر پڙهائڻ جو رواج

1.3.3.سُر سان اکرن جا آواز (Syllabogram/ Syllabograph)

1.3.4.لفظي صورت ۾ اکرن جا اچار (Logogram/ Logograph)

**باب ٻيو** 30

**2.ديوناگري، عربي ۽ عربي۔ سنڌي ترتيبن جو تقابلي اڀياس**

2.1. ديوناگري ترتيب تي هڪ نظر

2.1.1.ديوناگري آئيوِيتا جي ترتيب

2.1.2.ديوناگريءَ ۾ لفظ جي منڍ ۾ ڪم ايندڙ سُر (ماترائون)

2.1.3.ديوناگريءَ ۾ وچوواريِ ڪم ايندڙ سُر (ماترائون)

2.1.4.ديوناگري آئيوِيتا/ صورتخطيءَ جون نراليون خاصيتون

2.2.عربي ترتيب تي هڪ نظر

2.2.1.ابجد واري(ملهه وار) آئيوِيتا

2.2.2.شمسي قمري(عربيءَ جي مخرج وار) آئيوِيتا

2.2.3.عربيءَ جي عام(هم شڪل ۽ ٽٻڪن وار ) آئيوِيتا

2.3.سنڌي آئيوِيتا جي ترتيب تي هڪ نظر

2.3.1 ڪلام ڪوڙليَن (ب ڪوڙا) ۾ ڪم آندل آئيويٽا
2.3.2 ابوالحسن جي ترتيبيل آئيويٽا
2.3.3 آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي ترتيبيل آئيويٽا
2.3.4 ايلس واري آئيويٽا/پٽي 1853ع
2.3.5 آخوند گل محمد گل جي ترتيبيل آئيويٽا
2.3.6 ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي سنڌي گرامر ۾ ڪم آندل/جوڙيل آئيويٽا
2.3.6.1 ٽرمپ واري شاه جي رسالي ۾ ڏنل آئيويٽا جا اختلافي اکر
2.3.8 مرزا قليچ بيگ جي ترتيبيل آئيويٽا
2.3.9 ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي بيهاريل آئيويٽا
2.3.10 واحدبخش شيخ جي مخرج موجب بيهاريل آئيويٽا
2.3.11 ڪمپيوٽر موجب بيهندڙ ترتيب
2.3.12 1853ع، 1935ع ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي بيهاريل 1960ع واري آئيويٽا جو جائزو
2.3.13 ايلس واري ڪاميٽيءَ جي اکرن جي امڪاني بيهڪ ۽ ترتيب
2.3.14 هارون لوهار جو ڏنل آئيويٽا جو چارٽ
2.3.15 تصورن سان پڙهائجندڙ آئيويٽا جي ترتيب

باب ٽيون 79

3. آئيويٽا (اصطلاح) جو ڪارج
3.1 'آئيويٽا جي ترتيب' جو لغت ۾ استعمال
3.1.1 لغتن ۾ ڪم آندل ترتيب جي چنڊڇاڻ
3.2 پهاڪن ۽ اصطلاحن/محاورن جي ترتيب ۾ آئيويٽا جو استعمال
3.3 ببليوگرافي، سوانح يا مختلف اسمن جي ڪتابن ۾ ترتيب جو استعمال
3.4 آئيويٽا جي ترتيب جو شاعريءَ ۾ استعمال
3.4.1 'ٽيه اکريءَ' ۾ آئيويٽا جي ترتيب
3.4.2 ديوان ۾ آئيويٽا جي ترتيب
3.5 حاصل مطلب

باب چوٿون 93
4. عربي ـ سنڌي رسم الخط ۽ آئيوينا جي سرڪاري مقرري
4.1.انگريزي دؤر ۾ عربي ـ سنڌي آئيوينا ۽ رسم الخط جي حالت
4.2. آئيوينا/ رسم الخط جي تعين لاءِ ڪاميٽي ۾ متضاد رايا
4.3. عربي ـ سنڌي آئيوينا/ رسم الخط جي حق ۾ رچرڊ برٽن جا دليل
4.4.انگريزن پاران عربي ـ سنڌي آئيوينا/ صورتخطي لازمي قرار
4.5. ايلس آئيوينا/ رسم الخط بابت ڊاڪٽر ٽرمپ جي رپورٽ
4.6. مسٽر بٽرو ايلس جي جوابي رپورٽ
4.7. عربي ـ سنڌي آئيوينا/ رسم الخط/ صورتخطيءَ جي واڌاري لاءِ اپاءَ

باب پنجون 120
5.عربي ـ سنڌي آئيوينا جي ترتيب واري مسئلي جو اڀياس
5.1. مسئلي جو بيان
5.2. تحقيق جا سوال
5.3. طريقہ ڪار
5.3.1. آئيوينا جي ترتيب بابت عالمن جا خيال ۽ رايا
5.3.2.عالمن جي راين جو نچوڙ
5.3.3.وضاحت طلب نڪتا
5.3.3.1.لفظ ’آئيوينا‘ جو دائرو
5.3.3.2. ترتيب جا نمونا
5.3.3.2.1.ابجد (شماري) آئيوينا
5.3.3.2.1.1.سنڌي صورتخطيءَ ۾ ابجد آئيوينا جو مختصر ڪارج
5.3.3.2.2.مخرجي آئيوينا
5.3.3.2.2.1.سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي مخرجي آئيوينا جو ڪارج
5.3.3.2.3.ابتث (مقبول ترين) آئيوينا

5.3.3.3.عربي ۽ سنڌي آئيوينا جي تقابلي پيٽ
5.3.3.4. تقابل مان حاصل امڪاني نڪتا
5.3.3.5.ڪنهن آئيوينا/ ترتيب جي مقبوليت جو ڪارڻ
5.3.3.5.1. آئيوينا جو مختصر هجڻ
5.3.3.5.2. آئيوينا جي آسان ترتيب

باب ڇهون 150

**6. عربي-سنڌي آئيوينا جي مختلف رخن کان ورڇ ۽ تجويز ڪيل ترتيب**
6.1. آوازي گروه موجب اکري ترتيب
6.2. مخرجي ورڇ موجب اکري ترتيب
6.3. ديوناگري مخرجي ورڇ موجب اکري ترتيب (ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي خيال موجب)
6.4. ديوناگري مخرجي ورڇ موجب اکري ترتيب: (مرزا قليچ بيگ جي خيال موجب)
6.4.1. ٻنهي عالمن جي گڏيل خيال موجب ديوناگريءَ پٽاندر هيٺين ترتيب بيهي ٿي
6.5. خطاطيءَ موجب اکري ترتيب
6.5.1. 1935ع واري آئيوينا جي هم شڪليءَ موجب ورڇ
6.5.2. خطاطيءَ موجب اکر جي سري جي هم شڪليءَ پٽاندر ورڇ
6.5.3. خطاطيءَ موجب اکر جي پڇڙيءَ جي هم شڪليءَ پٽاندر ورڇ
6.5.4. متصِل ۽ غير متصِل (ڳنڍيجندڙ ۽ اڻ- ڳنڍيجندڙ) اکرن جي هم شڪليءَ پٽاندر ورڇ
6.5.5. بنا ٽٻڪن ۽ ٽٻڪن- وار اکرن جي ورڇ
6.5.6. اکر جي گهر ۽ ٽٻڪن وار گڏيل ترتيب
6.5.6.1. اکرن جا بنيادي گهر
6.5.6.2. اکرن جي بنيادي گهرن موجب 1935ع واري ترتيب جي اصولي ڇنڊڇاڻ
6.5.6.3. اکرن جي بنيادي گهرن ۽ 1935ع واري ترتيب جي بنياد تي تجويز ڪيل ترتيب

## باب پهريون

# 1. آئيويٽا/الف- بي/پٽيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم

### 1.1 لفظ آئيويٽا جي لغوي اکيڙ

سنڌي ٻوليءَ ۾ آئيويٽا، الف- بي، الفباءِ، پٽي، ورڻ- مالا، حروف تهجي حروف المُعجم وغيره جا اصطلاح اکرن جي ترتيب لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. لفظ 'آئيويٽا'، يوناني (Greek) ٻوليءَ جي 'الفا- بيٽا' ۽ انگريزي Alphabet جي سنڌي صورت آهي. خود انگريزي لفظ 'Alphabet' پڻ يوناني اکرن جي اچار alpha ۽ beta جي جوڙ مان ٺهيو آهي. جنهن جو بنياد وري عبراني اکرن جي اچار 'الف' (ڍڳي جو سڱ) ۽ 'بيت' (گهر) مان آهي. (سليم، 1981: 11)

پروفيسر عبدالڪريم لغاري، ان حوالي سان لکي ٿو ته: "الف ۽ بي اصل سامي ٻوليءَ جا لفظ آهن. 'الف' جي معنيٰ آهي 'ڍڳو' ۽ 'ب' معنيٰ 'گهر' آهي. ... يوناني ٻوليءَ ۾ ان کي الفا بيٽا جي نالي سان سڏيو ويو ٿو جنهن مان انگريزي الفابيٽ نڪتل آهي." (لغاري، 1976: 4)

> The word **'alphabet'** came into Middle English from the Late Latin word **Alphabetum**, which in turn originated in the Ancient Greek **Alphabetos**, from *alpha* and *beta*, the first two letters of the Greek alphabet. *Alpha* and *beta* in turn came from the first two letters of the Phoenician alphabet, and meant *ox* and *house* respectively.
> **(http://www.britannica.com/dictionary?book =Dictionary&va=alphabet&query=alphabet)**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب مذڪوره لفظ جي معنيٰ 'جامع سنڌي لغات' ۾ هن ريت ڏني آهي: "آئيويتا ج آئيويتائون: [آ۔اِ۔اُ۔ت، هندو سنڌي لپيءَ جي پٽن اکرن جي سِٽ 'آئُوراِيَّيون آيه تا > آءِ۔اِي۔تا' = آئِيويتا] الف، ب جا اکر۔ الفباءِ۔لِپي۔ ورڻ مالا۔ Alphabet "

(بلوچ، 1960: 91)

'جامع سنڌي لغات' ۾ لفظ 'آئيويتا' بابت ڇاڻ ايل بنيادي معنيٰ خود ساخته پئي لڳي، ڇو ته ڊاڪٽر بلوچ جي وضاحت ۾ لفظ آئيويتا جي وچ واري سفر ۾ ڪو ربط نظر نه ٿو اچي. ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته 'آئيويتا'، الفابيٽ وانگر 'الفا بيٽا' جي سنڌي صورت آهي.

سنڌي صورت ۾ لفظ 'آئيويتا'، سنڌي ٻوليءَ جي چند برک عالمن ڪم آندو آهي جن ۾ ڪاڪي ڀيرومل (1956: 42، 258، 263، 264، 265، 267، 268، 269، 294)، (1957: 382، 386، 388، 389، 391، 395، 396، 397، 398، 399، 400) ۽ (1985: 5، 15)، مرزا قليچ بيگ (2006: 163)، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي (دائودپوٽو 1997: 62)، محمد صديق ميمڻ (صديق، 2007: 102۔ 111)، پوپٽي هيراننداڻي (جتوئي، 1996: 191)، مسٽر کيمچند هيراڻي (هيراڻي، 2007: 146۔ 151)، مسٽر ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي (ميرچنداڻي، 2007: 152، 155)، ڀلاجراءِ ليلارام واسواڻي (واسواڻي، 2007: 156۔ 173)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي (1980: 15، 237)، غلام محمد گرامي (گرامي، 2009: 22۔ 75)، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي (1999: 54)، پروفيسر عبدالڪريم لغاري (1976: 94)، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي (2007: 13، 21)، پروفيسر سترامداس جڙياسنگهاڻي سائل (2009: 36)، محمد سومار شيخ (1992: 6)، ڊاڪٽر هدايت پريم (هدايت، 2007: 220)، امجد سراج ميمڻ (2011: 7، 12، 37، 40) وغيره جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا.

ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب لفظ 'آئيويٽا' جي بدران 'آئيوٽا' ڪم آندو آهي (2007: 220). حالانڪ 'آئيوٽا' يوناني ٻوليءَ جو هڪ اکري اچار/ اکر جو نالو آهي، ان ڪري 'الفابيٽ' جو بدل نه ٿو ٿي سگهجي، عام طور غلط العام اهو لفظ اهڙي انداز سان پڙهو ويندو آهي.

### 1.2 آئيويٽا جو دائرو

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب لفظ آئيويٽا جو دائرو هن ريت بيهاري ٿو ته: "لکڻ جو اهو سرشتو جنهن ۾ هرهڪ مک حرف ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ موجود ڪنهن ڌوني تت جي لاءِ لکڻ ۾ عيوضي نشانيءَ طور ڪتب اچي ٿو تنهن کي سنڌيءَ ۾ 'آئيويٽا' يا 'ورڻ- مالا' چئبو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي 'الفابيٽ' سڏيندا آهن، انهيءَ طرز تي سنڌي ورڻ- مالا کي 'الف- بي' به چئجي ٿو." (جيٽلي، 1999: 54)

'آئيويٽا' جي وصف ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڄاڻائي ٿو ته: "(الف- ب): لکت وارين نشانين يا علامتن جي اها ترتيب، جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جي ڌار ڌار لکت وارين نشانين (Graphemes) کي هڪ هنڌ ڏيکاريو ويو هجي يا گڏ ڪيو ويو هجي." (الانا، 2005: 203)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب رسم الخط صورتخطي ۽ الف- بي جون وصفون ڄاڻائيندي، آئيويٽا جي وصف ۾ لکي ٿو ته: "الف- ب (Alphabet) کي سمجهڻ ۾ ڪو مغالطو ڪونهي، هر ٻار به سمجهي ٿو ته الف- ب ڇا آهي. سنڌي الف- ب جو داستان ابوالحسن کان به اڳ سنڌي مذهبي عالمن جي نثري ۽ نظمي تحريرن کان شروع ٿي، انگريز سرڪار جي ذڪر ڪيل ڪميٽيءَ ۾ ان صورت تائين پهتو جا اڄ موجود آهي. جيئن انگريزيءَ جي الف- ب کي ABC چئجي ٿو ته سنڌيءَ جي الف- ب جي به اها حيثيت آهي." (جوڻيجو 2007: 39)

ڊاڪٽر جوڻيجي جي وضاحت ۾ 'جند ڇڏائڻ' وارو محاورو سامهون اچي ٿو اهڙي راءِ کي علمي راءِ نه ٿو چئي سگهجي. ان سببان ان لفظ جي وضاحت انگريزي لغتن ۾ جاچڻ انتهائي ضروري آهي.

- An **alphabet** is a standardized set of *letters* — basic written symbols or graphemes — each of which roughly represents a phoneme in a spoken language. (http://en.wikipedia.org/wiki/Spoken_language)

انسائيڪلوپيڊيا آف لئنگويج ۾ الفابيٽ جي وضاحت هن ريت ڪيل آهي:

- Alphabet: "A writing system in which a set of symbols (letters) represents the phonemes of a language." (David Crystal, 1996: 421)

آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ الفابيٽ جي مراد هيٺين ريت ڏنل آهي:

- Alphabet: "A set of letters or symbols in a fixed order, used when writing a language." (Jonathan Crowther, 1998: 32)

چيمبرس ڊڪشنريءَ موجب الفابيٽ:حرفن جي رواجي ترتيب جو نالو آهي.

- Alphabet: a system of letters, esp. arranged in conventional order. (Catherine, 1989: 37)

مختلف عالمن جون ڄاڻايل وصفون جڏهن انگريزي لغتن جي روشنيءَ ۾ جاچجن ٿيون تہ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڄاڻايل وصف جو دائرو بلڪل درست ۽ پيرائتو آهي. اصولي طور تي ڊاڪٽر جيٽلي جي ڄاڻايل آئيويتا جي دائري ۾ 'حرفن جي ترتيب' جو اشارو واضح ڪونهي. سندس ڄاڻايل دائري کي 'آئيويتا' کان وڌيڪ 'رسم الخط' جي وضاحت ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. باقي ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب جي وضاحت مناسب ناهي.

> *لغتن ۽ عالمن جي روشنيءَ ۾ لفظ آئيويتا جو جيڪو مفهوم آڏو آيو آهي تنهن جي مراد جو اهم مرڪز 'ترتيب' تي آهي. يعني: ڪنهن ٻوليءَ لاءِ لکجندڙ صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ اکرن جي اها ترتيب جيڪا متعلقہ ٻوليءَ وارن لاءِ قبوليت جو درجو رکندي هجي.*

آئيويتائن جي ترتيب واري مختصر اڀياس مان اهو نڪتو ملي ٿو تہ ڪنهن ٻوليءَ لاءِ مقرره رسم الخط/ آئيويتا جي ترتيب جا ٻہ رخ اهم رهيا آهن: 1. مخرجوار 2 شڪل وار.

مخرجوار ترتيب جي بنياد تي آنجهاني ڀيرومل ويچار ونديندي لکي ٿو ته: "ننڍڙو ٻار جمڻ سان اُٿان _ اُٿان جهڙا آواز ڪري ٿو جن ۾ سڀ حرف علت آهن ۽ الف سان شروع ٿين ٿا. ٻار پوءِ بابا _ بابا چوڻ لڳي ٿو جن ۾ 'ب' حرف صحيح آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ٻولين جهڙوڪ انگريزي، يوناني، عربي ۽ فارسي وغيره ۾ پهريائين 'الف' پوءِ 'ب' آهي ۽ انهن ٻن اوائلي اچارن پنهنجي سڄي آئيويتا کي الف_ ب ڪوٺجي ٿو. انهيءَ ساڳي سبب ڪري ديوناگريءَ ۾ پهريائين حرف علت ۽ پوءِ حرف صحيح آهن. اهو پاشا وگيانن جو رايو آهي." (ڀيرومل، 1985:15)

ظاهر آهي ته آئيويتا جي حرفن جي ترتيب به، ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي، انجو اهم ڪارج ننڍن سيکڙاتن جي سکيا آسان بڻائڻ آهي، جنهن سبب ماهرن جي اهائي ڪوشش هوندي آهي ته جيئن آئيويتا جي ترتيب ۾ آساني رکي سگهجي. اهڙي حرفن/ اکرن جي ترتيب مختلف ٻولين ۾ مختلف رهي آهي، ليڪن تقريباً مختلف ٻولين ۾ الف_ بي جي شروعات فطرتي 'الف' ۽ پوءِ 'ب' جي آواز سان ٿئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت انجي تهذيب و تمدن مان لڳائي سگهجي ٿي. ظاهر آهي ته سڌريل ٻوليون پنهنجي لکڻ جي حوالي سان ڪانه ڪا رسم الخط/ آئيويتا ضرور رکندي آهي. مهين جي دڙي جي لکت مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ان وقت به هڪ رسم الخط/ آئيويتا ڪم آندو ويندو هو_ جيڪو اڄ تائين معما بڻيل آهي.

سنڌي ٻولي ان بعد ڪافي رسم الخطن ۾ لکبي پئي رهي آهي، ليڪن سنڌي ٻوليءَ جي احاطي ۾ جيڪي رسم الخط دؤر حاضر ۾ ڳڻي سگهجن ٿا، تن ۾ ديوناگري رسم الخط ۽ عربي رسم الخط اهم رهيا آهن، جن جون آئيويتائون سنڌ توڙي هند ۾ اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم آنديون وڃن ٿيون.

### 1.3. آئيوينا سان منسلڪ اهم نڪتا

جيئن تہ آئيوينا مان مراد ڪنهن رسم الخط جي ترتيب آهي، ان حوالي سان هيٺيون ترتيبون سامهون اچن ٿيون:

#### 1.3.1. آئيوينا موجب ترتيبون

##### 1.3.1.1. مخرجوار ترتيب

ديوناگري ۽ عربي، شمسي- قمري آئيوينا مخرجوار ترتيب جا نمونا آهن. مخرجوار ترتيبن ۾ بہ اهي ٻئي ترتيبون اهم رهيون آهن، ليڪن مخرجن جي ترتيب ۾ بہ ٻنهي جو فرق آهي. هيٺ مختصر ٻنهي جي مخرجن جي ترتيب رکجي ٿي:

- ديوناگري: 1. نرم تارونءَ وارا آوان 2. سخت تارونءَ وارا آواز 3. مورڌني 4. ڏندن وارا 5. ٻن چپن وارا 6. گهڪي وارا 7. نيم سُر، روان ۽ ٿڙ ٿڙ وارا.
- عربي: 1. سِنيــہ (ڏندن تي زبان رکڻ سان)، 2. آسليـہ (زبان جي چوٽيءَ وارا)، 3. شفويـہ (چپن وارا)، 4. لَهويـہ (سخت تارونءَ وارا)، 5. حَلقيـہ (نڙيءَ وارا).

##### 1.3.1.2. شڪل وار ترتيب

عربي- ابتث، عربي- سنڌي 1935ع واري، موجوده اردو آئيوينا وغيره. جيئن تہ عربي رسم الخط جي عام ٿيڻ بعد خطاطيءَ جو فن ترقيءَ جا مرحلا طئہ ڪندي وڏيو ويجهيو آهي، خطاطيءَ جي بنياد تي ئي حرفن جي ترتيب جو رواج ابن مقلہ وڌو ۽ اهڙي ترتيب اڄ سوڌو جاري آهي. موجوده فارسي توڻي اردو رسم الخط ۽ 1935ع وارو عربي- سنڌي رسم الخط بہ اهڙي پوئواريءَ جون ڪڙيون آهن.

مذڪوره اکري ترتيب ۾ بہ ڪي فرق رکيا ويا آهن، انتهائي مختصر اهڙا اشارا ڏجن ٿا:

✓ عربي اکري ترتيب: ا ب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز،
س ش، ص ض، ط ظ، ع غ،
ف ق ڪ، ل م ن، و ھ ي

عربي آئيوينا جي ترتيب ۾ جتي ص ض، ط ظ جا وٽ ـ ورا پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ آهن، اتي 'ف' جي پيڙي 'ب، ت، ث' سان ملندڙ آهي، پر جيئن ته عربي اکرن جو تعداد گهٽ آهي ان ڪري ان جي شڪل کي 'ق' سان هم شڪل پائي، ان جي پر ۾ رکيو ويو ان جو امڪاني سبب اهو به ٿي سگهي ٿو جو 'ف ۽ ق' جون سالم صورتن کان سواءِ ٻيون صورتون ملندڙ جلندڙ آهن.

✓ فارسي اکري ترتيب: ا ب پ ت ث ج چ ح خ د ذ ر ز ژ س ش
ص ض ط ظ ع غ ف ق ک گ ل
م ن و ه ی

✓ اردو اکري ترتيب: ا ب پ ت ٹ ث ج چ ح خ د ڈ ذ ر ڑ ز ژ س ش
ص ض ط ظ ع غ ف ق ک گ ل م
ن و ه ی ے

فارسي ۽ اردو جي هم شڪليءَ واري ترتيب گهڻي قدر عربي ترتيب جي پوئواري ڪئي آهي. جڏهن ته سنڌي ترتيب، ساڳيا اصول رکي پنهنجي ترتيب جو پاسو ڪجهه مختلف رکيو. يعني 'ف ۽ ڦ' کي 'ب ۽ ت' وغيره جي پيڙيءَ سان هم شڪل ڄاڻي، ان سان گڏ رکيو ويو هو ساڳئي وقت 'گ ۽ ڳ' وغيره کي پڻ ساڳئي جوڙ سان ٻيهاريو ويو. جيئن:

✓ سنڌي اکري ترتيب: ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ڻ ف
ڦ گ ڳ ڱ ک ي د ذ ڌ ڏ ڊ ڍ ح
ج ڄ ڃ ڇ چ خ ع غ ر ز ڙ م ن
ل س ش و ق ص ض ڻ ط ظ ھ
جھ گھ ڪ ء

#### 1.3.1.3. انگي ڪارج واري ترتيب

عربي ابجد، جنهن مان انگن جو ڪارج پڻ ورتو ويندو آهي. هوندئن ته عام ترتيب جو استعمال عام طور لغتن وغيره ۾ ورتو ويندو آهي، ليڪن عربيءَ جي مڙني ترتيبن ڪي، موجوده دؤر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن استعمال ۾ ضرور ورتو ويندو آهي. ابجد واري ترتيب بہ بيڪار نہ ڄاتي وئي، بلڪ ان ڪان انگن يا شمار جو بہ ڪم ورتو ويو.

### 1.3.2. آواز جي بنياد تي آئيويتا جا اکر پڙهائڻ جو رواج

اکرن جي آوازن کي پڙهائڻ جا مختلف آئيويتائن جا مختلف ڍنگ آهن، ڪن ۾ سڀ اکر هڪ ئي سُر يا مختلف سُرن سان پڙهائڻ جو تصور آهي، ڪن ۾ سُرن ۽ لفظي اچارن ٻنهي جو تصور موجود آهي؛ ليڪن ٻنهي ڍنگن ۾ مراد، گهٽي قدر اڳئين آواز جي هوندي آهي. انگريزيءَ ۾ هن قسم لاءِ Acrophony جو اصطلاح ڪم ايندو آهي، جنهن جي مراد ڪنهن لفظ جي شروع جو آواز وٺي باقي حصو حذف ڪيو ويندو آهي. (عَبّق، 1989: 375_384)

> **Acrophony** (Greek: *acro* uppermost, head, beginning + *phonos* sound) Naming letters in an alphabetic writing system using words whose initial sounds are represented by the respective letters. (Wikipedia)

✓ آئيويتائن جي اچارن جا ڍنگ:

سنڌيءَ ۾: 'الف، بي، ٻي، پي، تي، ٿي....'، عربيءَ ۾: 'الف، با، تا، ثا، جيم، حا، خا....'،
اردوءَ ۾: 'الف، بي، پي، تي، ٽي، ثي....'، ديوناگريءَ ۾: 'ڪَ، کَ، گَ، گهہ، ڱَ....'

آئيويتا جي اچارن ۾ بہ ڊنگ هوندا آهن، هڪ: پد جي صورت ۾، ٻيو: لفظ جي صورت ۾. ان بابت Wikipedia encyclopedia ۾ هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

> An **alphabet** is a standardized set of *letters* ... There are other systems, such as ***logographies***, in which each character represents a word, morpheme, or semantic unit, and ***syllabaries***, in which each character represents a syllable.

1.3.3. سُر سان اکرن جا آواز (Syllabogram/ Syllabograph)

ڪي آئيويتائون پدن (Syllable) جي صورت ۾ ترتيبيل آهن، جيڪي هر ٻوليءَ ۾ پنهنجو نرالو مزاج رکن ٿيون، جيئن:

- ديوناگري: ڪَ، کَ، گَ، گهَ، ڱَ، چَ، ڇَ، جَ، جهَ، ڃَ وغيره.

ديوناگري آئيويتا جا مڙئي اکر، پد جي بنياد تي ڇوٽي سر (اَ) سان پڙهايا ويندا آهن.

- عربي: با، تا، ثا، حا، خا، را، زا، فا، ها، يا.

عربي آئيويتا جا 10 اکر، پد جي بنياد تي ڊگهي سُر (آ) سان پڙهايا ويندا آهن.

- سنڌي: ٻي، ڀي، ٽي، ٺي، ٿي، پي، جي، ڄي، جهي وغيره.

سنڌي آئيويتا جا 32 اکر، پد جي بنياد تي وچٿري ڊگهي سُر (اِي) سان پڙهايا ويندا آهن.

- اردو: بي، پي، تي، ٿي، حي، خي وغيره.

اردو آئيويتا جا 14 اکر پڻ، پد جي بنياد تي سنڌيءَ وانگر وچٿري ڊگهي سُر (اِي، يعني ي مجهول) سان پڙهايا ويندا آهن.

- انگريزي: اي، بِي، سِي، ڊِي،اِي، جِي، آءِ وغيره.

انگريزي آئيويتا جا اکر، پد جي بنياد تي مختلف سُرن {اي (3)، اِي (7)، او (1)، اُو (1)، آءِ (2)} سان پڙهايا ويندا آهن.

آوازن جي بنياد تي، پدن جي صورت ۾ اکرن جا اچار پڙهائڻ وارو رواج مڙني آئيويتائن ۾ ڏٺو ويو آهي. البتہ ديوناگري آئيويتا جو ڍنگ ٻين آئيويتائن کان نرالو ان خيال کان بہ آهي جو ان ۾ ساڳئي وزن ۾ سُر سان اکرن جا اچار پڙهايا تا وڃن، جڏهن تہ ٻين آئيويتائن (عربي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ) ۾ آوازن سان گڏ اچاري لفظ بہ اچي تا وڃن.

### 1.3.4. لفظي صورت ۾ اکرن جا اچار(Logogram/ Logograph)

ڪن آئيوينائن ۾ ڪي اکر لفظي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن. انگريزي اصطلاح 'لوگوگرافيءَ' ۾ اکرن جون تصويري شڪليون بہ شامل ڪيون وينديون آهن. ان صورت ۾ عربي اکرن جي لفظي اچارن جون معنائون بہ آهن. جيئن: جيم (مست اٺ). دال (ٿلهي عورت). ذال (ڪڪڙ جو موڙ). سين (ٿلهو- ڪنگهہ ۾ ورتل ماڻهو). شين (ڊوڙندڙ ماڻهو). نون (مڇي، مس ڪپڙي، وڻ جو ٿڙ) وغيره. (تليچ، 2006: 75) هيٺ مختصر آئيوينائن جي اکرن جا لفظي اچار خيال خاطر ڏجن ٿا:

- **عربي**: الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، لام، ميم، نون، واؤ.

**عربي آئيوينا ۾ 18 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.**

- **سنڌي**: الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون، واو ۽ همزو.

**سنڌي آئيوينا ۾ 20 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.**

- **اُردو**: الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون، واؤ ۽ همزه.

**اردو آئيوينا ۾، سنڌيءَ وانگر ساڳيا 20 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.**

- **انگريزي**: ايف، ايچ، آءِ، ايل، ايم، اين، ڪيو، آر، ايس، ڊبليو، ايڪس، زيڊ.

**انگريزي آئيوينا ۾ 12 اکرن جا اچار پڙهايا ويندا آهن.**

> **وضاحت**: سنڌي ٻوليءَ ۾ 'حرف جي اچاري پد' (Syllabogram) يا 'حرف جي اچاري لفظ' (Logogram) جي پڙهائڻ واري سلسلي ۾ هڪ تضاد نوٽ ڪيو ويو آهي تہ: 'ڏي'، 'ڌي'، 'ڊي' ۽ 'ڍي' کي 'دال' وانگر 'ڏال'، 'ڌال'، 'ڊال' ۽ 'ڍال' پڙهائڻ گهرجي! اصل ۾ اهڙي قسم جو تضاد جو

بنياد 'اکر جي شڪل' آهي، ان کان علاوه ان جو ٻيو ڪو جواز ڪونهي. اردو ٻوليءَ جي آئيوپتا ۾ وسرڳن جو شمار نہ ٿيندو آهي، بلڪ اهي ضميمي ۾ پڙهايا ويندا آهن، باقي هڪ اکر 'ڊال'. پد بجاءِ لفظ جي صورت ۾ پڙهايو ويندو آهي، جنهن جو ڪو جواز جاڻايل ڪونهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور اهو خيال رکيو ويندو آهي تہ موجوده آئيوپتا عربيءَ تان ورتل آهي، ان جا اکر بہ اچارن سوڌا عربيءَ تان ورتا ويا آهن، ان صورت ۾ اکرن جا اچار بہ ساڳيا ورتا وڃن! جيئن تہ اکرن کي پد جي صورت ۾ پڙهائڻ وارو انداز هر ٻوليءَ جو نرالو آهي، ان صورت ۾ عربيءَ جا پد جي صورت وارا حرف تہ پنهنجي مزاج مطابق اچاري سگهجن ٿا، ليڪن جيڪي لفظ عربيءَ ۾ معنادار آهن، تن جا اچار عربيءَ ۾ پد جي صورت بجاءِ لفظ جي صورت ۾ ٿي رهن ٿا، جن جو بنياد معنادار لفظ آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اهي لفظ سماجي معنائن سان ڪم آندا ويندا آهن. (قليچ، 2006: 75)

هاڻي جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڏي'، 'ڌي'، 'ڊي' ۽ 'ڍي' کي 'دال' وانگر 'ڏال'، 'ڌال'، 'ڊال' ۽ 'ڍال' پڙهائجي تہ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ:

؟ ڇا انهن حرفن جي ڪا معني بہ ٿي سگهي ٿي؟

جيڪڏهن مذڪوره حرفن جي ڪا بہ معني نہ ٿي جڙي يا اهڙو ڪو بہ پيرو نہ ٿو ڪجي تہ ان صورت ۾ اهڙن حرفن کي شڪل جي بنياد تي نہ پر، پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج مطابق پڙهائڻ گهرجي.

************************

## باب ٻيو

### 2.1 ديوناگري ترتيب تي هڪ نظر

سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙ ديوناگري آئيويتا ۾ الف جي آواز وارن اکرن جو طريقه ڪار نرالو آهي، يعني جيڪي سُر (vowels) ڪنهن لفظ جي مُنڍ ۾ اچن ٿا تن جي الڳ ترتيب آهي، ۽ سُر ماترائن جو وچور وري الڳ ترتيب سان ڏنل آهي: جيڪي ڪنهن لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچن ٿا. باقي وينجن اکرن جي ترتيب مخرج وار رکيل آهي، يعني شروعات [الف] جي آواز بجاءِ [ڪ] جي آواز سان ٿئي ٿي؛ ۽ انجو هر اکر زبر سان متحرڪ ڄاتو ويندو آهي؛ هر اکر جي مٿان ليڪ ٺڪر لفظ جي حد بنديءَ جو احاطو ڪندو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڄاڻائڻ موجب: "تڪش شلا واري خطي ۾ 400 ق. م ڌاري پهريون ڀيرو هن خطي جي مقامي ٻوليءَ جي صوتيات تي پنڊت پاڻينيءَ ڪم ڪيو هو. پنڊت پاڻينيءَ هن ٻوليءَ جي آوازن، انهن جي مخرجن جي سٽا ۽ ترتيب کي صوتياتي نظام موجب بيان ڪيو ۽ مرڪب آوازن، سنڌِي وغيره جي سلسلي ۾ مواد پيش ڪري 'علم صوتيات' جو برصغير تہ خير، پر دنيا ۾ پهريون ڀيرو پايو وڌو. پاڻينيءَ واري سڌاريل ۽ سنواريل ڀاشا کي سنڌي تہ چئي نہ سگهبو پر ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ سنڌي زبان جي صوتيات ۽ صوتياتي نظام تي برصغير ۾ سڀ کان اول جنهن بزرگ ڪم ڪيو هو ۽ سنڌي مخرج وار تقسيم ڪئي، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي لِپي يعني چاليهہ اکريءَ جي پٽي صوتيات جي علم جي اصولن موجب بيهاري، انهن کي ياد ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪئي." (الانا، 1984: 117 _ 135)

پروفيسر عبدالڪريم لغاري ديوناگري خط کي سامي- سبائي خط ۾ شمار ڪندي لکي ٿو تہ: "اسانکي خبر نہ آهي تہ سامي- سبائي خط هند ۾ ڪڏهن رائج ٿيو پر جيئن تہ اسان کي معلوم آهي تہ هڪ هزار سال

قبل مسيح تائين آرين کي لکڻ جي ڪابہ خبر نہ هئي، تڏهن خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ هو لکڻ جو طريقو هڪ هزار قبل مسيح کان ڪافي پوءِ سکيا ۽ هنن سامي- سبائي خط سبائي واپارين کان معلوم ڪيو جنهن کي پوءِ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ اختيار ڪري ان جو براهمي يا برهمي لپي نالو رکيو. ان ئي خط کي پوءِ ديوناگري بہ سڏيو ويو. ڊاڪٽر دانيءَ جي تحقيق موجب بنيادي برهمي خط جڏهن ڪافي بدلجي چڪو هو تڏهن ان کي ۸۰۰ عيسوي ڌاري ديوناگري سڏيو ويو. پڻ سندس تحقيق موجب مالوا جا برهمڻ جيڪي پاڻ کي ناگر (شهري) برهمڻ سڏيندا هئا تن ان کي تڪميل تي آڻي ديوناگري سڏيو.“ (لغاري، 1976: 25)

ديوناگري آئيويتا جي ترتيب مخرجوار هيٺين ريت رکيل آهي:

## 2.1.1 ديوناگري آئيويتا جي ترتيب

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| نرم تارونءَ وارا آواز: | ڱَ ङ | گهَ घ | ڳَ ॻ | گَ ग | کَ ख | ڪَ क |
| سخت تارونءَ وارا: | ڃَ ञ | جهَ झ | ڄَ ॼ | جَ ज | ڇَ छ | چَ च |
| مورڌني: | ڻَ ण | ڍَ ढ | ڏَ ॾ | ڊَ ड | ٺَ ठ | ٽَ ट |
| ڏندن وارا: | | نَ न | ڌَ ध | دَ द | ٿَ थ | تَ त |
| ٻن چپن وارا: | مَ म | ڀَ भ | ٻَ ॿ | بَ ब | ڦَ फ | پَ प |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| گهڪي وارا: | هَـ<br>ह | شَ<br>श | سَ<br>स | وَ<br>व |
| نيم سر، روان ۽ ڦڙ ڦڙ وارا: | ڙَ<br>ड़ | لَ<br>ल | رَ<br>र | يَ<br>य |
| مرڪب آواز: | گيہَ<br>ज्ञ | ڪشَ<br>क्ष | ترَ<br>त्र | درَ<br>द्र |

(هن آئيويٽا ۾ نيٺ سنڌي وينجنن لاءِ اکر جي قريب صورت هيٺان ننڍڙي ليڪ/ ٽبڪو ڏئي صورتون مقرر ڪيون ويون هيون. هندي ٻولين ۾ [زَ] جو آواز ڪونهي، انلاءِ ويجهر واري ڏؤر ۾ 'جَ' واري اکر هيٺان ٽبڪو ڏئي استعمال ۾ آندو ويندو آهي.)

ڪاڪي ڀيرومل موجب: مٿيان چاٽايل (مرڪب آوازن جي اکرن سواءِ) "سنڌي ٻوليءَ جا جملي ستٽيهـ اکر آهن ... (البتہ) سنسڪرت ۾ ٽيٽيهـ حرف صحيح آهن ۽ اهي سڀ ساڳيا سنڌيءَ ۾ آهن: ايترو تفاوت آهي تہ سنسڪرت ۾ 'ش' اکر ٻن قسمن جو آهي، سنڌيءَ ۾ رڳو هڪڙو 'ش' اکر آهي. سنسڪرت ۾ 'ڊ' جي هيٺان ٽبڪو ڏبو تہ 'ڙ' ڪري پڙهبو. سنڌيءَ ۾ 'ڊ' ۽ 'ڙ' ڌار اکر آهن. انهيءَ ريت وري ساڳيا اچي ٽيٽيهـ تين ٿا. ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ جا اچار ڀوءِ سرائڪي ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ سکياسين۔ اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا جملي ستٽيهـ اکر آهن." (ڀيرومل، 1956: 262)

ديوناگري آئيويٽا ۾ سُرن (vowels) جي صورتخطيءَ جي لحاظ کان، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ فارسي پڙهائيندڙ استاد مسٽر جان پليٽس پنهنجي لغت (A Dictionary of Urdu, classical Hindi and English) ۾ هيٺين ريت وچور ڏنو آهي:

مثال: ڪچو कच्चो ، مکِ मख्खि ، مَتِ मत्त وغيره.

* ساڪن (جزم) صورت ۾ اکر جي اڌ صورت رکي ويندي آهي، جيئن:
نَنڍو (ٻيو نون ساڪن) _ नन्ढो
* [ر] آواز لاءِ چار صورتون آهن:

1. متحرڪ ، 2. آميزشي متحرڪ، 3. زير واري وينجن سان ساڪن 'ر'، 4. زير واري وينجن سان ساڪن 'ر'.

1. متحرڪ لاءِ سڌو سنئون 'رَ' (र) جيئن: ڀُورَلُ ____________ भूरल

( آئيوينا ۾ هر اکر کي زير هجڻ سبب زير واري آواز لاءِ خالي 'र' ڏيڻي پوندي آهي، زير يا پيش وغيره يعني متحرڪ لاءِ بہ اها ساڳي 'र' ڪم آندي ويندي آهي.)

2. آميزشي متحرڪ 'ر' لاءِ اڳئين اکر هيٺان ترڇي ليڪ، جيئن: پرَڪاش ________ प्रकाश

(اڳئين اکر کي ساڪن رکي ايندڙ آميزشي [ر] جي آواز کي زبر ڏيڻ جي صورت ۾ هيءَ ترڇي ليڪ ڪم آندي ويندي آهي.)

3. اڳئين زبر سان 'ر' ساڪن لاءِ ايندڙ اکر مٿان ڪنڍيءَ جو نشان، جيئن: ڌَرم ______ धर्म

( پهريون اکر زبر سان هجڻ سبب ايندڙ آميزشي [ر] ساڪن آواز لاءِ ٻئي اکر مٿان ڪنڍيءَ جو نشان ڪم آندو ويندو آهي.)

4. اڳئين زير سان ساڪن 'ر' لاءِ اڳئين اکر هيٺان ڪنڍيءَ جو نشان، جيئن: ڪِرشن _____ कृषन

( اڳئين اکر کي زير هجڻ جي صورت ۾ ايندڙ آميزشي [ر] کي ساڪن بڻائڻ لاءِ هيءَ ڪنڍي اکر جي هيٺان ڏني ويندي آهي.)

ان قسم جي صورتخطيءَ کي اسان جا ڪافي عالم سمجهي ڪونہ سگهيا آهن، اردو زبان جي ماهر پروفيسر سيد محمد سليم ديوناگري

صورتخطيءَ تي اڻ- ڄاڻائيءَ ۾ تنقيص ڪندي لکي ٿو تہ: ''ہندی خط میں ایک آواز کے لیے ایک سے زائد شکلیں پائی جاتی ہیں، مثلاً 'ر' کی چار شکلیں ملتی ہیں۔

कृषन सरकार प्रकाश आदर्श " (سليم، 1981: 62 -63)

آنجهاني ڀيرومل آڏواڻيءَ جو خيال آهي تہ: ''سنسڪرت ۾ 'رَ' حرف ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو حرف صحيح، ٻيو حرف علت. ديوناگريءَ ۾ اهي لکبا بہ ٻيءَ طرح آهن. 'رنگ'، 'رٿ' (گاڏي) ۽ راجا، حرف صحيح سان شروع ٿين ٿا. 'رُت' معنيٰ موسم، 'رڻ' معنيٰ قرض، 'رشي'، 'رِڇ' (سنسڪرت = رڪش)، ۽ ٻين اهڙن سنسڪرت لفظن جي منڍ ۾ 'رَ' حرف علت آهي، پر اسين اهو بہ حرف صحيح ڪري ليکيون ٿا. پالي ۽ پراڪرت ڳالهائيندڙن کي بہ انهيءَ تفاوت جو پتو ڪونہ پيو. تنهنڪري اهو اکر نڪري ويو.

سنسڪرت ۾ ڪنهن حرف صحيح جي مٿان يا هيٺان بہ 'رَ' حرف علت گڏيندا آهن. اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ آيا آهن، تہ انهن ۾ اهو اکر ڦري، هڪ نہ ٻيو حرف علت ٿي پيو آهي، جهڙوڪ:

| سنسڪرت | سنڌي | تبديل |
|---|---|---|
| گهرشٽ | گٺو (گ مٿان زبر يعني آ) | 'ر' منجهي 'آ' ٿي. |
| درشٽ | ڏٺو (ڏ هيٺان زير يعني اِ) | 'ر' " 'اِ' " |
| ورڌ | ٻڍو (ٻ مٿان پيش يعني اُ) | 'ر' " 'اُ' " |
| مرتيو | موت | 'ر' " 'او' " |

(ڀيرومل، 1956: 297_ 298)

اصل ۾ ڪاڪو ڀيرومل ديوناگري آئيوينا ڪان چڱيان واقف نہ هيو جنهن سبب مٿين راءِ رکيائين، جيڪا شايد ٻڌ تي مبني هوندي 'رَ' جو سرَ ۾ تبديل ٿيڻ وارن مثالن جي بنياد تي 'رَ' کي سرَ ۾ ڳڻي نہ سگهبو ان کي تاريخي سنڌيءَ (assimilation) ۾ شمار ڪري سگهبو. ديوناگري

صورتخطيءَ پٽاندر متي ڄاڻايل ’ر‘ جا چار انداز آوازن تي مبني آهن، جيڪي هن خطي جي ٻولين جي نمائندگي ڪن ٿا. هيٺئين ۾ مٿئين ٻـ ڪنڊيءَ نما نشان وارا نمونا ديوناگريءَ ۾ لکجندڙ ٻولين ۾ سرن جي نوعيت موجب لکيا آهن. ڪنهن اڳئين اکر سان ’ر‘ ساڪن ملائڻ لاءِ اگر اڳئين اکر کي زير هوندي تـ ڪنڊيءَ جو نشان هيٺان ڏبو پر جيڪڏهن ساڪن ’ر‘ جي لار ملائڻ لاءِ اڳئين اکر کي زير جو آواز هوندو تـ ڪنڊيءَ جو نشان مٿان لڳائبو.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ بنيادي طور ديوناگري آئيوِٽا مان جوڙيل، جيڪا هي پٽي مذهبي طور تي ڪم آندي ويندي هئي ۽ اڄ بـ استعمال ۾ آندي وڃي ٿي، اها آهي: پير صدرالدين جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ’خواجڪي سنڌي پٽي‘ يا ’چاليهـ اکري‘_ جيڪا مخصوص اسماعيلي لڏي جا ماڻهون ڪم آڻين ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تـ: ”پير صدرالدين جو ڪمال اهو آهي جو هن سنڌ ۾ رائج ’لوهاڻڪو رسم الخط‘ پنهنجن نو مسلم اسماعيلي مريدن لاءِ اختيار ڪري، ان ۾ ڪجهـ فني تبديليون آڻي، عربي ٻوليءَ جي آوازن لاءِ موزون حرف ناهي، ان ۾ شامل ڪيا. جنهـن کي ’ چاليهـ اکري‘ سڏجي ٿو. پير صدرالدين نو مسلم مريدن لاءِ لوهاڻڪو رسم الخط ان ڪري چونڊيو جو انهن جي اڪثريت لوهاڻن منجهان هئي، ۽ اهي لوهاڻڪو رسم الخط اڳ ئي استعمال ڪندا هئا.

پير صدرالدين پنـهنجن نئون مسلمانن لاءِ نـ فقط اهو رسم الخط مقرر ڪيو پر ان ۾ گنان، دعائون، وظيفا ۽ ديني ادب کان سواءِ ان کي دنيوي تعليم، حساب، کاتا نويسي، ڪاٻاڙا، هنديون وغيره لکڻ سيکارڻ طور رائج ڪيو. هن لوهاڻڪي رسم الخط ۾ هيٺيان سڌارا ۽ واڌارا آڻي، انجو نالو ’خواجڪا اکر‘ يا ’ چاليهـ اکري‘ رکيو:

(1) لوهاڻڪي رسم الخط ۾ ماترائن جو رواج ڪونـ هو. پير صاحب ان ۾ ماترائن جو اضافو ڪري، ان کي سڪيا لائق بنايو.

(2) مرڪب (compounds) ۽ گهمڪيدار (affricates) آوازن
جهڙوڪ: 'در'، 'تر'، 'ڪش' ۽ 'گن' لاءِ لوهاڻڪي رسم الخط ۾
ڪا هڪ صورت مقرر ڪانه هئي، پر صدرالدين انهن مرڪب
آوازن ۽ گهمڪيدار آوازن جون نئيون صورتون ناهيون ۽
استعمال ڪيون.
(3) لوهاڻڪي رسم الخط ۾ عربي آوازن: 'ف، ق، ذ غ، خ، ص، ض،
ط، ظ' لاءِ اکر ڪونه هوندا هئا. اهڙن آوازن لاءِ 'خواجڪي سنڌي
رسم الخط' ۾ اضافو ڪري، پير صاحب نوان اکر ناهيا ... انهن
آوازن لاءِ مخرج وار پٽي مقرر ڪيائين. ٿوري ئي عرصي اندر هن
رسم الخط ۾ سون جي تعداد ۾ ڪتاب لکجي تيار ٿيا. ان رسم
الخط ۾ نه فقط ديني درس و تدريس جا ڪتاب لکيا ويا، پر ادبيات،
تاريخ، رياضيءَ، واپاري ڪاتن ۽ وڻج واپار لاءِ هنديون، ڪاٻاڙا ۽
فلسفي واريون ڳالهيون پڻ قلمبند ڪيون ويون. پندرهين ۽
سورهين صدي عيسويءَ تائين، انهيءَ رسم الخط ۾ لکيل مواد جو
وڏو ذخيرو لنڊن جي برٽش لائبريريءَ ۾ موجود آهي. ممبئي، ڪڇ،
گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ آفريڪا ۾ هن رسم الخط
کي 'سنڌي' سڏيندا آهن." (الانا، 2006: 142ـ 143)

اصل ۾ اهڙين مڙني رسم الخطن جو بنياد ديوناگري رهيو آهي، جن جي
ترتيب گهڻي قدر مخرج تي رکي وئي هئي.

## 2.2 عربي ترتيب تي هڪ نظر

عربي ٻوليءَ ۾ آئيوينا جي ترتيب، ٽن نمونن جي رهي آهي. اهي
ٽئي نمونا مختلف سفر طئه ڪندا، اڄ بہ پنهنجي حيثيت برقرار رکندا پيا
آيا آهن. هڪ: ابجد واري آئيوينا (ملهہ وار)، ٻي: شمسي ـ قمري آئيوينا
(مخرجوار)، ٽين: عام ابتث آئيوينا (اکرن جي شڪل توڙي تبڪن وار)

پروفيسر سيد محمد سليم خط نستعليق موجب اردو- عربي آئيويتائن جي تنهي ترتيبن تي علمي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: ”حروف کی ترتیب بھی اصلاح کی طالب ہے۔ ابتدا میں حروف کی ترتیب آرامی طریقہ پر ابجد کے مطابق تھی۔ اب ج د، ہ و ز، ح ط ی، ک ل م ن، س ع ف ص، ق ر ش ت، ث خ ذ، ض ظ غ۔ اس ترتیب میں نہ آواز کا خیال رکھا گیا اور نہ شکلوں کا خیال رکھا گیا تھا۔ صوتی یا صورتی کوئی مناسبت اس ترتیب میں نظر نہیں آتی۔ طالب علموں کو اس ترتیب کے یاد کرنے میں سخت دشواری تھی۔ نحو اور لغت کے امام خلیل بن احمد فراہیدی نے سب سے پہلے اس بے ترتیبی کو محسوس کیا۔ اس کی جدّت پسند طبیعت نے ایک نئی ترتیب پیش کی۔ اس نے حروف کو حلق کے مخارج کے اعتبار سے درجہ بدرجہ ترتیب میں رکھا۔ یہ ترتیب حلقی تھی۔ ع ح ہ، خ غ، ق، ک ج ش ض، ص س ز، ط د ت، ظ ذ ث، ر ل ن ف، ب م ء ی د۔ بلاشبہ لسانیات کے محققین کے نزدیک خلیل کا یہ کارنامہ بڑا قابل قدر ہے، لیکن طلبہ کے نقطۂ نظر سے دشواریاں بدستور باقی رہیں۔ یاد کرنے میں اب بھی سہولت پیدا نہیں ہوئی۔

عربی خط کے عظیم فن کار ابن مقلہ (۳۱۰ھ/۹۲۳) نے طلبہ کی دشواری کو محسوس کیا اور پھر اس کا حل نکالا۔ اس نے ہم شکل حروف کو ایک جگہ جمع کر کے ایک نئی ترتیب تشکیل دی جو ابتث کہلاتی ہے۔ ا ب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز، س ش، ص ض، ط ظ، ع غ، ف ق، ک ل م ن، و ہ ء ی۔ جس طرح ابن مقلہ کے اختراع کردہ خط نسخ نے خطِ کوفی کو منسوخ کر دیا۔ اسی طرح اس کی جاری کردہ ترتیب نے ترتیب ابجدی اور ترتیب حلقی کو منسوخ کر دیا۔“ (سلیم، 1981: 91-92)

مٿين حوالي جي وضاحت توڙي روشنيءَ ۾ هيٺ عربيءَ جون مختلف آئيويتائون خيال خاطر ڏجن ٿيون:

### 2.2.1 ابجد واري (ملهه وار) آئيويتا

| | | | | | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ | ٢٠ | ٣٠ | ٤٠ | ٥٠ | ٦٠ | ٧٠ | ٨٠ | ٩٠ |
| آ | ب | ج | د | ه | و | ز | ح | ط | ي | ڪ | ل | م | ن | س | ع | ف | ص |
| ١٠٠ | ٢٠٠ | ٣٠٠ | ٤٠٠ | ٥٠٠ | ٦٠٠ | ٧٠٠ | ٨٠٠ | ٩٠٠ | ١٠٠٠ | | | | | | | | |
| ق | ر | ش | ت | ث | خ | ذ | ض | ظ | غ | | | | | | | | |

هيءَ آئيويتا اصل ۾ آرامي نسل جي ماڻهن وٽان عربيءَ ٻوليءَ ۾ ڇهن (6) اکرن جي اضافي سان رائج ٿي. جيڪا شروعاتي دؤر ۾ آوازن سان گڏوگڏ انگن جي پڻ نمائندگي ڪندڙ هئي. اڄڪلهه هيءَ آئيويتا ڪنهن به لفظ جي ملهه معلوم ڪرڻ لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص طور ڪنهن وچور ڪي نمبر ڏيڻ (جنهن بدران ڪي اڄڪلهه ٿائيءَ ۾ 'ا ب ت ث ج' وغيره ڪم آڻيندا آهن). يا پراڻي دؤر جي ڪنهن شعر يا فقري مان ڪنهن واقعي، ڄم يا وفات جو سن، جملي اکرن جو ملهه معلوم ڪرڻ سان ڄاتي ويندي هئي/ آهي. ان کان علاوه ڪنهن ماڻهوءَ جو برج يا ستارو معلوم ڪرڻ ۽ تعويذ ڦل وغيره ڪرڻ لاءِ پڻ هن آئيويتا کان سهارو ورتو ويندو آهي. يوناني الفا، بيٽا، گاما يا ڊيلٽا وغيره جا اکر، علامت طور حسابن ۾ ڪم آڻڻ جو تصور به 'ابجد' مان ئي ورتل ٿو ڀانئجي.

ابجد جي ترتيب واري قدامت بابت، اردو ٻوليءَ جو عالم ڊاڪٽر سهيل بخاري لکي ٿو ته: ''عربی حروف کی یہ ترتیب بہت قدیم معلوم ہوتی ہے کیونکہ ان میں سے کچھ جُٹ یونانی اور رومن رسم الخط میں بھی ملتے ہیں۔ رومن حروف کی موجودہ ترتیب میں ABCD (ابجد)، EFG (ہوز) KLMN (کلمن) اور QRST (قرشت) کے مجموعے عربی مجموعوں سے ملتے ہیں۔ یونانی میں الفا، بیٹا، گاما، ڈیلٹا عربی کا ابجد ہے۔ عربی کی اس ترتیب میں حروف کی قیمت بھی مقرر کردی گئی ہے...اسے حساب جمل کہتے ہیں۔ تاریخ گوئی کے فن یعنی تاریخی نام نکالنے میں اسی سے کام لیا جاتا ہے۔'' (سہیل، 1988: 23-24)

(حرفن جي هيءَ ترتيب ڪافي پراڻي لڳي ٿي، ڇو ته انهن جا جوڙ يوناني ۽ رومن جوڙن سان به ملن ٿا. رومن اکرن جي موجوده ترتيب ۾ ABCD (ابجد)، EFG (هوز)، KLMN (ڪلمن) ۽ QRST (قرشت) جا مجموعا عربي جوڙن سان مشابهت رکن ٿا. يوناني الفا، بيٽا، گاما ۽ ڊيلٽا وغيره عربيءَ جو ابجد آهي. عربيءَ جي ان ترتيب ۾ اکرن جي قيمت مقرر ڪئي وئي آهي .... جنهن کي 'حسابِ جمل' چيو ويندو آهي. تاريخ گوئيءَ جي فن يعني تاريخي نالن ڪڍڻ ۾ ان کان ئي ڪم ورتو ويندو آهي.)

| |
|---|
| ١_ سِنيہ (ڏندن تي زبان رکڻ سان) : ت ث د ذ ط ظ ل ن |
| ٢_ اَسليہ (زبان جي چوٽيءَ وارا) : ر ز س ش ص ض |
| ٣ _ شَفويہ (چپن وارا) : ب ف م و |
| ۴ _ لھويہ (سخت تارونءَ وارا) : ج ي |
| ۵ _ حَلقيہ (نڙيءَ وارا) : الف ح خ ع غ ق ڪ ھ |

مٿين مان پهرين ٻن قسمن جي 14 آوازن جي اکرن کي شمسي حرف ۽ پوئين ٽن جي 14 آوازن جي اکرن کي قمري حرف سڏيو ويندو آهي، جنهن جي ترتيب هيٺن بيهندي:

قمري 14 اکر: ا ب ج ح خ ع غ ف ق ڪ م و ھ ي

شمسي 14 اکر: ت ث د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ل ن

هيءَ آئيويتا نحو ۽ لغت جي ڄاڻوءَ خليل بن احمد مخرج جي بنياد تي ترتيب ڏني هئي. مخرجوار شمسي قمري آئيويتا/ پٽي عربي صورتخطيءَ جي اهم اصولن کي سمجهڻ پرجهڻ لاءِ پڻ اهم ڄاتي ويندي آهي. اهڙي ترتيب اسان جو عام استاد تہ ڇا پر عربيءَ جا ڪافي استاد/ مُدرِس پڻ مخرج وار ترتيب سمجهائڻ بجاءِ رٽرائيندا آهن.

مرزا قليچ بيگ صاحب ان جي وضاحت ۾ لکي ٿو تہ: "انجو استعمال ائين آهي تہ عربيءَ ۾ ڪنهن اسم سان 'ال' شروع ۾ وجهڻ سان شمسي اکرن جي حالت ۾ لام جو آواز نہ ٿو نڪري ۽ قمري اکرن جي حالت ۾ نڪري ٿو. مثلاً :شمسُ الدّين نالي ۾ شمس الڳ ۽ الدين آواز الڳ ڪيڻ غلط آهي (بلڪ شد سببان شمسُد دِين آواز ڪيبو) ۽ القلب ۾ قاف قمري اکر آهي، تنهنڪري لام جو آواز ٿيندو ۽ اهو القلب پڙهبو جيئن 'مُفرِحَ القلوب' (شد نہ هجڻ سببان مُفرِحَل قُلُوب پڙهبو)." (قليچ، 2006: 71)

صورتخطيءَ جي پڙهڻيءَ موجب انهن حرفن کي اسان جي پرائمري استاد مريد حسن خاصخيلي مرحوم ائين بہ آسان ڪري سمجهايو تہ آسمان ۾ تارا تہ موجود هوندا آهن، ليڪن شمس يعني سج جي هجڻ سبب نظر نہ ٿا اچن تہ اهڙن شمسي اکرن ۾ تارن جيان 'ال' اکر سمجهو تہ ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿا اچن جو پڙهجن! ۽ رات جو تارا قمر يعني چنڊ سان نمايان نظر ايندا آهن، انڪري قمري اکرن اڳيان 'ال' تي نظر رکي پڙهبو.

### 2.2.3 عربيءَ جي عام (هم شڪل ۽ ٽبڪن وار) آئيويٽا

| |
|---|
| اب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز، س ش، ص ض، ط ظ، ع غ، ف ق ڪ، ل م ن، و هـ ي |

هيءَ آئيويٽا مسلم دنيا جي اوٽويهين خليفي قاهر بالله بنو عباس جي وزير اعظم محمد ابن مقلہ خطاطيءَ جي اصولن موجب، شڪل ۽ ٽبڪن وار ترتيب ڏني، جنهن جو اهم مقصد پڙهندڙن کي اکر جي سڃاڻ ۽ لکڻ واري عمل کي آسان بڻائڻ هو. ڊاڪٽر سهيل بخاري ان بابت لکي ٿو تہ: "هن ترتيب ۾ هم شڪل اکرن کي پاڻ ۾ گڏ رکيو ويو آهي ۽ ائين ٿو لڳي تہ اهي اکر، ترتيب بہ ائين ڏنا ويا آهن جو هڪ سادو ۽ ٻيو ٽبڪي واروجيئن: ح خ _ د ذ _ ر ز _ ص ض _ ط ظ _ ع غ _ ان کان علاوه ب ت ث ۽ س ش ۾ هڪ کان وڌيڪ نقطن جو فرق آهي، پر آهن اهي بہ هم شڪل! ۽ عربي جي انهن مڙني اکرن مان 14 سادا يعني ٽبڪن کانسواءِ ۽ 14 ٽبڪن وارا گهڙيا ويا آهن." (سهيل، 1988: 24- 25)

ٽبڪن سواءِ 14 اکر: ا، ح، د، ر، س، ص، ط ع، ڪ، ل، م، و، هـ، ي.

ٽبڪن وارا 14 اکر: ب، ت، ث، ج، خ، ذ، ز ش، ض، ظ، غ، ف، ق، ن.

جاٺايل شڪل ۽ ٽبڪن- وار آئيويٽا ابن مقلہ ترتيب ڏني هئي جيڪا عام شاگردن لاءِ آسان ڪري پيش ڪئي وئي، جيڪا اڄ سوڌو عام طور تي ڪم آندي وڃي ٿي.

مٿي ڄاڻايل عربي آئيوِيٽائن جي مختلف ترتيبن مان بہ اهو معلوم ٿيو تہ عربي صورتخطيءَ ۾ انهن آئيوِيٽائن جو ڪونہ ڪو ڪارج آهي. عربن رد ڪيل آئيوِيٽائن کي بہ ٻوليءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن اصول سان سلهاڙي محفوظ ڪيو.

## 2.3 سنڌي آئيوِيٽا جي ترتيب تي هڪ نظر

سنڌي ٻوليءَ لاءِ مختلف وقتن ۾ مختلف آئيوِيٽائون ڪم آنديون ويون، جنهن ۾ ديوناگري بہ اهم آهي، پر گهڻي قدر عربي آئيوِيٽا ڏانهن گهڻو لاڙو رهيو. سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگريءَ کان بعد جيڪا آئيوِيٽا مستعمل رهندي آئي، اها هئي عربي آئيوِيٽا. سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربيءَ جي آئيوِيٽا جي استعمال جا آثار عربي دؤر حڪومت ۾ چچ نامي ۽ البيرونيءَ جي ڪتابن 'ڪتاب الهند' ۽ 'الارڪند' مان ملن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تحقيق موجب: "عربي- سنڌي رسم الخط لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي خالص آوازن لاءِ ۽ سنڌي لفظن کي صحيح صورتخطيءَ ۾ لکڻ لاءِ عرب ماهرن جيڪي نوان حرف جوڙيا هئا، تن جو تفصيل هيٺن ڏجي ٿو: عربي- سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ 28 حرف عربي صورتخطيءَ وارا ڪم آندا ويا، انهن مان 16 حرف اهڙا هئا، جيڪي عربي ۽ سنڌي ٻولين جي آوازن لاءِ عام طور ڪم ايندا هئا، 12 حرف اهڙا هئا، جيڪي خالص عربي آوازن لاءِ ڪم ايندا هئا، ۽ اهڙيءَ طرح نج سنڌي آوازن لاءِ 23 حرف، عربي حرفن ۾ واڌارا يا تبديليون ڪري، يا انهن ۾ ٽبڪا ڏيئي جوڙيا ويا:

**عربي ۽ سنڌيءَ جي هڪجهڙن آوازن لاءِ حرف:**

*ا ب ت ج د ر ز س ش ل ڪ م ن و هہ ۽ ي*، اهي جملي 16 حرف آهن. عربن 'ڪ' حرف لاءِ 'ک' حرف ڪم آندو.

**عربيءَ جي خالص آوازن لاءِ حرف:** ث ح خ ذ ص ض ط ظ ع غ ف ۽ ق، اهي جملي 12 حرف آهن.

**خالص سنڌي آوازن لاءِ جوڙيل حرف:**

| نج سنڌي آواز | عربي- سنڌي حرف | نج سنڌي آواز | عربي- سنڌي حرف |
|---|---|---|---|
| ٻ | ب | ڌ | دھ |
| پ | ف/ ب | ڏ | د |
| ڀ | ب/ بھ | ڊ | در، د |
| ٿ | ف/ ت/ ث | ڍ | در، د |
| ٺ | ت/ تر | ڙ | ر |
| ٽ | ت | ک | ک |
| ڦ | ف | گ | گ |
| ڄ | ج | ڳ | گ |
| جھ | جھ | گھ | گھ |
| ڃ | نج | ڱ | نگ/ نج |
| چ | ش/ ص | ڻ | ن |
| ڇ | .... | | |

اهي ڪل 23 حرف آهن. اهڙيءَ طرح سرن جي ميل کي لکيل صورت ۾ نمايان ڪرڻ لاءِ 'ءَ' استعمال ڪري، عربي- سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ جملي 52 حرف ڪم آندا ويا. جن جي مدد سان عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪئي وئي." (الانا 2006:122- 123)

عرب عالمن سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڪم ايندڙ نرالن آوازن لاءِ عربي آئيويتا مان اکرن جي تعين ڪرڻ جي ڪوشش ورتي، جنهن بعد سنڌ جي عالمن سنڌي ٻوليءَ جي نرالن آوازن لاءِ عربي بنيادي اکرن مان نوان اکر جوڙي پئي ڪم آندا. مختلف عالمن پاران پنهنجي پنهنجي ڍنگ جا اکر به جوڙيا ويا. جيڪي انهن عالمن جي صورتخطين ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ف | ف | ج | ج | ض | ض | مي | ۾ |
| ف | ڦ | ج | ڄ | ڻ | ڻ | عاعي | ۽ |
| گ | گ | ج | ڃ | ط | ط | عاعون | آءُ |

(ڪوڙل ۽ ڪوڙل، 1995: 6، 19)

پروفيسر عبدالڪريم لغاري هڪ نقشو ترتيب ڏنو جنهن ذريعي اندازو ٿئي ٿو ته ايلس واري ڪاميٽيءَ اڳيان، اڳ ڪم آندل اکرن جون صورتون هيون جن جي بنياد تي موجوده عربي- سنڌي آئيويٽا ترتيب ڏني وئي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته نج سنڌي اچارن وارا حرف، پنهنجي ڪهڙيءَ صورت ۾ ڪاميٽيءَ جي اڳيان موجود هئا:

| 1853ع ۾ ڪاميٽيءَ اڳيان اکرن جي صورت | نج سنڌي اچارن جي اکرن جي موجوده صورت |
|---|---|
| ک _گ | ڳ |
| ک _گ | گھ |
| ک _گ | ڱ |
| ک | ک |
| ڏ | ڏ |
| ڊ (ٻر) | ڊ |
| ڄ | ڄ |
| ڃ ـ ڄ | ڃ |
| ڃ ـ ڄ | چ |
| ڀ | ڀ |
| ٽ | ٽ |
| ٻ | ٻ |
| ٿ - ٽ (ٽر) | ٿ |
| ڦ (ڦ مٿان ٿ وارا ٽي ٽبڪا) | ڦ |
| ڙ (رمٿان ٿ وارا ٻه ٽبڪا) ڙ (ٿ وارا ٽبڪا) | ڙ |
| ڍ (ڍ مٿان ٿ وارا ٽي ٽبڪا) | ڍ |
| ج | جھ |
| ڻ (نون مٿان ننڍڙي ط) | ڻ |

(لغاري، 1976: 73_74)

1700ع ڌاري نسخ نموني جو سنڌي زبان لاءِ جيڪو پهريون باضابطا طور تي رسم الخط لکت جي صورت ۾ آيو سو مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪتاب ’مقدمة الصلواة‘ ۾ ڪم آندو. مخدوم صاحب سنڌي آوازن لاءِ عربي فارسيءَ جي الف- بي/ آئيوينا جي مدد سان جيڪا صورت مقرر ڪئي، سا هن ريت آهي:

### 2.3.2 ابوالحسن جي ترتيبيل آئيوينا

| ابوالحسن واري | موجوده | ابوالحسن واري | موجوده | ابوالحسن واري | موجوده |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ا | ح | ح | ف | ف |
| ب | ٻ ۽ ٻ | د | د | ق | ق |
| ڀ، ڀھ | ڀ | ڌھ | ڌ | ڪ | ڪ |
| ت | ت | ڏ | ڏ | ک ۽ کھ | ک |
| ٿ، تھ | ٿ | د ۽ در | ڊ | گ | ڳ |
| ٽ ۽ تر | ٽ | ڊ | ڍ | گھ | گھ |
| ٽ ۽ ٿھ | ٺ | ر | ر | نگ | ڱ |
| ث | ث | ر | ڙ | ل | ل |
| پ | پ | ز | ز | م | م |
| ف ۽ پھ | ڦ | س | س | ن | ن |
| ج | ج | ش | ش | ن | ڻ |
| ج | ڄ | ص | ص | و | و |
| ج | جھ | ض | ض | ھ | ھ |
| نج | ڃ | ط | ط | ء | ء |
| چ | چ | ظ | ظ | ي | ي |
| چھ | ڇ | ع | ع | | |
| خ | خ | غ | غ | (الانا، 2005: 208- 209) | |

### 2.3.3 آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي ترتيبيل آئيوينا

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جي ترتيبيل آئيوينا بعد 1845ع کان 1852ع جي عرصي دوران آخوند عبدالرحيم عباسي مرحوم هڪ نرالي 55 اکري آئيوينا ترتيب ڏني. يقيناً عباسي مرحوم جي اڳيان مخدوم ابوالحسن جي آئيوينا هئي، جنهن بنياد تي هن بزرگ چند نوان اکر متعيّن

ڪيا. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته آخوند عبدالرحيم عباسيءَ، مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جي آئيويتا کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جي ڪوشش ورتي. هيٺ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي ترتيبيل آئيويتا، مخدوم ابوالحسن جي اکرن سان تقابلي نظر رکڻ لاءِ سامهون رکجي ٿي:

| آخوند عبدالرحيم واري | ابوالحسن واري | موجوده |
|---|---|---|
| ا | ا | ا |
| ب | ب | ب |
| ٻ | ٻ | ٻ |
| ٻھ | ڀ، ٻھ | ڀ |
| پ | پ | پ |
| پھ | ڦ، پھ | ڦ |
| ت | ت | ت |
| تھ | ٿ، تھ | ٿ |
| ٽ | ٽ، تر | ٽ |
| ٽھ | ٺ، ٽھ | ٺ |
| ٽر | - | نر |
| ث | ث | ث |
| ج | ج | ج |
| جھ | ج | جھ |
| ڄ | ج | ڄ |
| ڃ | نج | ڃ |
| چ | چ | چ |
| چھ | چھ | ڇ |
| ح | ح | ح |
| خ | خ | خ |
| د | د | د |
| ده | ڌھ | ڌ |
| ڏ | ڏ | ڏ |

| آخوند عبدالرحيم واري | ابوالحسن واري | موجوده |
|---|---|---|
| ڏ | ڊ، ڊر | ڊ |
| ڏه | ڊ | ڍ |
| ڏر | - | ڊر |
| ذ | ذ | ذ |
| ر | ر | ر |
| ڙ | ڙ | ڙ |
| ز | ز | ز |
| س | س | س |
| ش | ش | ش |
| ص | ص | ص |
| ض | ض | ض |
| ط | ط | ط |
| ظ | ظ | ظ |
| ع | ع | ع |
| غ | غ | غ |
| ف | ف | ف |
| ق | ق | ق |
| ک | ڪ | ڪ |
| کھ | ک، کھ | ک |
| گ | گ | گ |
| گھ | گھ | گھ |
| ڳ | گ | ڳ |
| گ | نگ | ڱ |
| ل | ل | ل |
| م | م | م |
| ن | ن | ن |
| ن | ن | ڻ |
| و | و | و |

| آخوند عبدالرحيم واري | ابوالحسن واري | موجوده |
|---|---|---|
| هه | هه | هه |
| لا | - | - |
| ء | ء | ء |
| ي | ي | ي |

(آخوند، 1993: مماڳ)

آخوند عبدالرحيم وفا عباسيءَ جيڪا آئيوِٽا ترتيب ڏني، ان ۾ هيٺيان نڪتا قابل توجہ آهن:

1. ترتيب ۾ اکر گهڻي قدر شڪل ۾ ٺهڪي وار رکيائين.
2. اوسرڳ سان وسرڳ ترتيب سان رکيائين.
3. وسرڳ آواز لاءِ جنسي 'ھ' جو جوڙ ملايئين.
4. سنڌي ٻوليءَ جي مستعمل آوازن تي نظر رکي 'ر' جي لار وارن آوازن لاءِ اکر متعين ڪيائين.
5. گُهڙن وينجنن لاءِ مفرد اکرن جو تعين ڪيائين.

اندازو آهي تہ 1845ع کان 1852ع دوران آخوند صاحب جي ترتيبيل آئيوِٽا جي اکرن جو مدار گهڻي قدر اردو دکنيءَ جي اکرن تي هو. جنهن کي سامهون رکي هن بزرگ چند سنڌي آوازن جون نراليون شڪليون رکيون جنهن کي وري سامهون رکي بعد ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ گُهڙن آوازن لاءِ الڳ اکر مقرر ڪري، ساڳي آخوند صاحب واري آئيوِٽا کي رواج ۾ آڻڻ جي سفارش ڪئي. آخوند صاحب جي آئيوِٽا جو مدار اردو دکنيءَ تي هجڻ جو اندازو 1834ع تي جان شيڪسپيئر جي لکيل اردو-انگلش ڊڪشنريءَ ۽ پليٽس جي ڊڪشنريءَ مان پوي ٿو جنهن ۾ چند اکرن سواءِ ساڳي شڪل وارا اکر اردو دکنيءَ جي حوالي سان ڏنل آهن.

سنڌ جي هڪ سابق انگريز گورنر 'سنڌي رسم الخط جي تاريخ' جي عنوان سان 'معارف' اعظم ڳڙهہ. نمبر: 6- جلد: 58. 1943ع ۾ لکي ٿو تہ: "جڏهن سر چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪئي، ان وقت ملڪ ۾ خود پنهنجي

هڪ مستقل زبان موجود هئي، پر ان لاءِ حروف تهجي ڪين هئا. جي هوند عام طور تي رائج ٿي سگهن. ان دؤر ۾ عام تحريري ڪم ڪار هندو منشي ڪندا هئا. هندو پنهنجي تحريرن ۾ فارسي رسم الخط ۾ فارسي ۽ سنڌي زبانن کي گڏي سڏي لکندا هيا. اهو مخلوط خط بہ ڪجھ وقت ڪان رائج هو. ڪتاب 'ابوالحسن جي سنڌي' جنهن کي انگريزن جي اچڻ وقت ملا مسجدن ۾ پڙهائيندا هئا، سو اصل ۾ با محاوري سنڌي ٻوليءَ کي عربي حروف تهجيءَ ۾ لکڻ جي هڪ ڪوشش هئي. ان طرح واٽن جو 'گرامر آف سنڌي' جو بہ اهوئي مقصد هو. اهو ڪتاب 1866ع ۾ عربي رسم الخط ۾، انهن پوليٽيڪل آفيسرن لاءِ تيار ڪرايو ويو هو جي سنڌ جي حاڪمن جي درٻارن سان وابستہ هئا. ان وقت، هندو واپارين وٽ، حساب ڪتاب جي لاءِ هڪ قسم جو ديوناگري رسم الخط چالو هو. سنڌ جي فتح کان پوءِ جڏهن اٺ سال مس گذريا، تڏهن سر بارٽل فريئر، سنڌ جون واڳون سنڀاليون. سول حاڪمن لاءِ اهو حڪم ڪيو ويو تہ هو سنڌي زبان ۾ امتحان پاس ڪن. مسئلو اهو پيدا ٿيو تہ سرڪاري لکپڙه تہ ڪٿي سنڌي زبان ۾ ڪئي وڃي پر انلاءِ ڪو حروف تهجيءَ جو مقرر اصول ٺاهيو وڃي. انلاءِ صرف ٻن آفيسرن کي، جي سنڌي زبان ڄاڻندا هئا، تن کي راءِ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو هڪ هو ڪيپٽن رچرڊ برٽن ۽ ٻيو هو ڪيپٽن جارج اسٽئڪ. ٻنهين ۾ اختلاف پيدا ٿيو رچرڊ برٽن عربي رسم الخط جي حمايت ۾ هو ۽ اسٽئڪ هندي رسم الخط جي حق ۾ هو. ان اختلاف کي ڏسي، فريئر بہ نسلي ۽ قومي پهلوءَ کي اڳيان رکي پريشان رهيو. ان بعد اهو فيصلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس جي حڪم تي عربي حروف تهجي جي حق ۾ ڪيو ويو.

ان فيصلي اچڻ تي سر فريئر، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ايلس کي اهو ڪم سپرد ڪيو تہ عربي حروف تهجي تيار ڪرائي. عربيءَ ۾ رڳا اٺتيهہ حرف آهن (عربيءَ ۾ اٺاويهہ حرف آهن. باقي اکرن جي شڪل جي مٿا سٺا تحت اٺتيهہ يا نيهہ بہ ٿي سگهن ٿا- راقم). ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ انهن جي صوتي اثرات ۽ خصوصيات کي قائم رکڻ لاءِ ان

گهڻتائيءَ کي تبڪن جي وسيلي سان پورو ڪيو ويو. ان نئين رسم الخط نهايت تيزيءَ سان ترقي ڪئي، اهوئي ڪارڻ آهي جو پوءِ ستت ئي سنڌي ٻولي صوبي جي سرڪاري زبان قرار ڏني وئي ۽ سرڪاري دفترن مان فارسي خارج ڪئي وئي.

ان هوندي بہ هڪ غلط ۽ نامناسب ڪوشش بہ تسليم ڪئي وئي تہ هندن جي استعمال لاءِ پلي هندي حروف تهجي بنايا وڃن. ان نئين ۽ غلط تحريڪ جو باني هڪ دکني برهمڻ مسٽر نارائڻ جگن ناٿ واڍيا هو، جنهن کي بمبئي سرڪار سنڌ جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ڪري اماڻيو هو. مسٽر واڍيا سنڌ ۾ پورا 25 سال رهيو ۽ مستقل ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي مقرري نہ ٿيڻ سبب ناجائز فائدو وٺندي هندو حروف تهجي تي پوري زور شور سان تجربا ڪندو رهيو. هن پنهنجن تجربن سان حروف علت (سر) جا ڪيترا وڌيڪ حرف تيار ڪرايا ۽ انهن جي مدد سان ترقي ڏيندي هڪ معياري رسم الخط ٺاهڻ ۾ ڪامياب رهيو. ان کان پوءِ 1868ع ۾ انهن نون حرفن کي اسڪولن ۾ رائج ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار کي آماده ڪيو ويو ۽ رعايتون ۽ سهوليتون پڻ ورتيون ويون. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر مسٽر ڏيارام گدو مل هندو- سنڌي رسم الخط کي منسوخ ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي، ۽ اها سرڪاري سرپرستي ختم ٿيندي شرط پنهنجي موت مري وئي.“ (انگريز گورنر، 1967: 134- 138).

2.3.4 **ايلس واري آئيوينا /پٽي 1853ع**

| |
|---|
| ا ب ٻ ي ت ٺ ٿ ٽ ث پ ڦ. ج |
| ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ |
| ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ |
| ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ |
| و ھ ء ي. |

۱۸۵۳

جولاءِ 1853ع ۾ 'ايلس واري ڪميٽيءَ' طرفان مقرر ڪيل آئيوِيتا ۾ چند اکرن جي شڪل جي ردوبدل بعد موجوده جيڪا مذڪوره 'ايلس واري پٽي' ڪوٺي وئي، سا 1854ع ۾ پهريون دفعو مشن هائوس جي نالي هارون لوهار جي طرفان چارٽ ذريعي عام ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ هارون لوهار جي ڪجهه رد و بدل ڪيل هئي.

انگريزن جي مقرر ڪيل عربي- سنڌي آئيويتا/ رسم الخط جيتوڻيڪ ڪافي مشهور ڪئي وئي، تڏهن به ڪيترن ئي عالمن ان ۾ خاميون محسوس ڪيون. آخوند گل محمد گل هالائي (جنهن پڻ ديوان گل ۾ 55 اکري آئيويتا جو چارٽ ڏنو آهي، جيڪا هن 1858ع کان ٿورو اڳ جوڙي هوندي، ڇوته ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تحقيق موجب سندس وفات 1858ع ڌاري ٿي آهي.) پڻ ان کان پوريءَ طرح مطمئن ڪونه ٿيو. (مجيد، 1972:156_171)

آخوند گل محمد پنهنجي ڪتاب ديوان گل ۾ آئيويتا / پٽي سمجهائڻ لاءِ نَوَ باب ترتيب ڏنا آهن. باب نائين ۾ پنهنجي ديوان لاءِ نئين ڻاهيل آئيويتا جو چارٽ ڏنو آهي، جيڪو 55 اکرن تي مشتمل آهي، جيڪو هيٺئن آهي:

### 2.3.5 آخوند گل محمد گل جي ترتيبيل آئيويتا

ا ب ٻ پ ڀ ت ٽ ٿ ٺ ٿ ج ڄّ (جهہ جيم مٿان هہ)
ڄ ڃ چ ڇ ح خ د ڊ ڍ ڌ ڏ (دال مٿان ٿ وارا ٽي ٽپڪا) ذ ر
ڙّ (ڙهہ: ر جي مٿان هہ) ڙ ز ژ (فارسيءَ واري) س ش ص ض
ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ گّ (گهہ: گ مٿان هہ)
ڳ ڱ ل لّ (لهہ: لام مٿان هہ) م ن نّ (نهہ: ن مٿان هہ) ڻ و
ه ي. (مجيد، 1972:156_171)

آخوند گل محمد گل جيڪا آئيويتا ترتيب ڏني، ان ۾ هيٺيان نڪتا

آخوند گل محمد گل جيڪا آئيويتا ترتيب ڏني ان ۾ هيٺيان نڪتا قابل توجه آهن:

- سندس آئيويٽا ۾ ’ء‘ (همزو) ڪونهي، ان ڪان علاوه ’مھ ۽ ٺھ‘ جا وسرڳ اکر جاٽايل ڪونهن!
- وسرڳ اکرن جا ٻہ نمونا ڏنا ويا آهن:
  - ساڳيا وسرڳ اکر بحال رکيا: ڀ، ٿ، ٺ، ڇ، ڍ، ڌ، ڦ، ک = 8
  - ڪي وسرڳ اکر نرالا رکيا: ڄؕ، ڙؕ، گؕ، لؕ، نؕ = 5

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي مقالي ’ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائيءَ‘ ۾ لکي ٿو تہ: ”علم لسان جي قديم ماهرن جو خيال هو تہ هائيہ اصوات ۽ علامات مثلاً : ک، گھہ وغيره حقيقت ۾ مرڪب ۽ مخلوط آواز آهن، پر ويجهڙائيءَ واري دور ۾ ڪن لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ انهن ۾ ’ھہ‘ اهڙيءَ طرح ملي وڃي ٿي جو سڄو آواز هڪ ئي شڪل ۾ جهٽڪي ۾ ادا ٿئي ٿو انهيءَ ڪري هي مفرد آواز آهن ۽ لسانياتي اعتبار کان انهن کي هڪ مستقل صوتيہ جي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ مسئلي کي پهريائين صوتياتي علمن جي ٻي بين الاقوامي ڪانفرنس منعقده لنڊن 1925ع ۾ انهيءَ نموني پيش ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن انجي فائدي ۾ وقت بوقت پئي لکيو آهي. هينئر جديد علم لسان جي نقطہ نظر کان ٿ، ڀ، ک، گھہ، جھہ، ڦ، ٺ، ڌ، ڍ، مھہ، نھہ، لھہ، ٺھہ، ڙھہ مفرد پر وسرڳ وينجن آهن. ت، ب، ڪ، گ، ج، پ، ٽ، د، ڊ، م، ن، ل، ڻ ۽ ڙ انهن آوازن جا اوسرڳ آهن.( هن حوالي ۾ ميمڻ صاحب ’ڇ‘ وسرڳ جاٽائي نہ سگهيو آهي، جنهن جو ’چ‘ اوسرڳ آهي.) اسان جي گل مرحوم جيڪا آئيويٽا تيار ڪئي آهي، ان مان معلوم ٿيندو تہ: ڀ، ٿ، جھہ، ڌ، ک ۽ گھہ وغيرھہ ڪانسواءِ ڙھہ، لھہ، مھہ، ٺھہ، ۽ نھہ لاءِ بہ جدا حرف مقرر ڪيا آهن. ان مان ظاهر آهي تہ هن صوتي نقطہ نظر کان ’هائيہ اصوات‘ يعني وسرڳ وينجن کي مفرد آواز مڃيو ٿي.“ (مجيد، 1972: 156-171)

هن بزرگ آئيويتا/ رسم الخط جي سڌاري واڌاري لاءِ سرڪاري مقرر ڪيل آئيويتا تي پهرين باب بنام 'پهرين واٽ' ۾ نڪتہ چيني پڻ ڪئي آهي ۽ پنهنجي آئيويتا/ رسم الخط کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ۽ ثبوت بہ ڏنا آهن (ان کان علاوه 'ء' کي الف کان الڳ نہ سمجهڻ)، ان مان ثابت ٿيندو تہ گل مرحوم علم لسان مان بہ بخوبي واقف هو.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي جوڙيل آئيويتا بابت ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ لکيو آهي تہ: "ڊاڪٽر ٽرمپ (جنهن 1866ع ۾ لپسيا جرمنيءَ مان شاه جو رسالو شايع ڪيو) پڻ سرڪاري مقرر ڪيل صورتخطيءَ سان پوريءَ ريت اتفاق نہ ڪيو. ڪن اکرن ۾ مخدوم ابوالحسن ۽ آخوند گل مرحوم جي پيروي ڪيائين جي هي آهن: ٻ = ٻهہ، ڄ =نج، ڃ =ڇهہ، ڌ =دهہ، ڏ= ڏ (دال مٿان ٿ وارا ٽبڪا) ۽ ڊ = ڏ (دال مٿان چار ٽبڪا) ڪري لکيائين." (مجيد، 1972:156_171)

ميمڻ صاحب جيڪا ٽرمپ جي 'ڃ' اکر لاءِ شڪل ڏني آهي، سا غلط ڇاپائجي وئي آهي يا پروف جي غلطي هجي. ٽرمپ ان لاءِ 'نج' جي شڪل ڏني هئي، جيڪا سندس رسالي مان پلي پت واضح ٿئي ٿي.

ميمڻ صاحب جيڪو خيال پيش ڪيو آهي سو سواءِ مخدوم ابوالحسن جي هڪ اصول اپنائڻ جي، ٻي تڪو آهي. ڇوتہ آخوند گل مرحوم جي وسرڳن جو انداز ئي نرالو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ مونجهاري جو امڪان نہ ٿو رهي، جيڪو ڊاڪٽر سنڌيءَ ڄاڻايو بہ آهي. ان مان اهو امڪان ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر ٽرمپ، آخوند گل جي آئيويتا ڏني ئي ڪانہ هوندي!

ارنيسٽ ٽرمپ جيڪا آئيويتا ترتيب ڏني، ان ۾ اختلافي اکر/حرف هيٺين ڄاڻايل آهن:

## 2.3.6 ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي سنڌي گرامر ۾ ڪم آندل/ جوڙيل آئيوينا

### Survey of the different Sindhi_ Arabic alphabets

| The Alphabet used in this Grammar (Hindustani). | The Government Alphabet | The Old Sindhi Alphabet | Roman Characters. |
|---|---|---|---|
| ا | ا | ا | a |
| ب | ب | ب | b |
| ٻ | ٻ | ٻ | b̄ |
| بھ | ڀ | ڀ | bh |
| ت | ت | ت | t |
| تھ | ٿ | ٿ | th |
| ٹ | ٽ | ٽ | ṭ |
| ٹھ | ٺ | ٺ | ṭh |
| ث | ث | ث | ϑ |
| پ | پ | پ | p |
| پھ | ڦ | ڦ | ph |
| ج | ج | ج | ǰ |
| ڄ | ڄ | ڃ | ǰ̄ |
| جھ | جھ | ڄ | ǰh |
| نج | ڃ | نج | ń (ny) |
| چ | چ | چ | č |
| چھ | ڇ | ڇ | čh |
| ح | ح | ح | h' |
| خ | خ | خ | χ |
| د | ذ | د | d |
| دھ | ڌ | ڌ | dh |
| ڈ | ڊ | ڊ | ḍ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏ | ڌ | ڏ | ḍ̄ |
| ڊھ | ڍ | ڍ | ḍh |
| ذ | ذ | ذ | δ |
| ر | ر | ر | r |
| ڙ | ڙ | ر | ṙ |
| ز | ز | ز | z |
| س | س | س | s |
| ش | ش | ش | š |
| ص | ص | ص | s̱ |
| ض | ض | ض | ẕ |
| ط | ط | ط | ṯ |
| ظ | ظ | ظ | δ̱ |
| ع | ع | ع | ɜ |
| غ | غ | غ | γ |
| ف | ف | ف | f |
| ق | ق | ق | q |
| ڪ,ک | ڪ | ک,ڪ | k |
| کھ | ک | ک | kh |
| گ | گ | ک | g |
| ڳ | ڳ | ک | ḡ |
| گھ | گھ | گ | gh |
| نگ | ڱ | نک | (ng) ṅ |
| ل | ل | ل | l |
| م | م | م | m |
| ن | ن | ن | n |
| ڻ | ݨ | ن | ṇ |

ڪيا هئا، پر ڊاڪٽر صاحب 1866ع ۾ به انهن حڪمن جي پرواه نه ڪئي ۽ مختلف اسڪرپٽ جوڙي ان ۾ رسالو شايع ڪرايائين، جنهن تي هن کي وڏيڪ خرچ پنهنجي هڙان ڪرڻو پيو. ان لاءِ وٽس دليل اهو هو ته شاهه سائينءَ جو پيغام اهڙي لپيءَ ۾ رکجي جيئن پوري هندستان جا ماڻهو پڙهي سگهن." (آفتاب، 2010: 51_92)

ڊاڪٽر ٽرمپ جي ترتيبيل آئيويٽا گهڻي قدر آخوند عبدالرحيم عباسيءَ ۽ پراڻي دکني اردو جي آئيويٽا جي نموني تي ٻڌل هئي، جنهنجو مقصد برصغير ۾ ساڳين اکرن جي صورت ڪم آڻڻ هو. پر جيئن ته اهي اکر سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق نه هجڻ ۽ لفظن ۾ مونجهارا پيدا ٿيڻ جي امڪان سبب ان وقت جي اختياريءَ وارن پاران ٽرمپ آئيويٽا کي تقويت ڪانه ملي. پراڻي اردو جا اختلافي اکر پيٽ جي خيال کان هيٺ ڏجن ٿا:

| هاڻوڪا سنڌي اکر | پراڻا اردو اکر | هاڻوڪا سنڌي اکر | پراڻا اردو اکر | هاڻوڪا سنڌي اکر | پراڻا اردو اکر |
|---|---|---|---|---|---|
| ڀ | ٻھ | ڇ | چھ | ڦ | پھ |
| ٿ | تھ | ڌ | دھ | ڪ | ک |
| ٽ | ٹ | ڊ | ڈ | ک | کھ |
| ٺ | ٹھ | ڍ | ڈھ | | |

(Shakespear, 1980: preface)

ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌ ۾ اچڻ سان يقيناً آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي آئيويٽا سامهون رکي هوندي ۽ گڏو گڏ اردو دکنيءَ واري آئيويٽا به سامهون رکي هوندي، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ آخوند عباسيءَ جي آئيويٽائن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائپ آهي، سواءِ گُهڻن ويجنن جي!

ڊاڪٽر ٽرمپ، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي وسرڳن لاءِ 'هه' اکر واري اضافي کي بحال رکڻ جي حق ۾ هو. ساڳيو يڪسانيت وارو اصول مخدوم ابوالحسن وارو رکندي (سواءِ 'ڻ' اکر جي) گُهڻن وينجنن لاءِ اهو ئي رايو رکيائين ته جيڪي گُهڻا وينجن آهن تن ۾ جنسي 'ن' جو اکر ملايو وڃي.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي ترتيبيل آئيوينا جي اصولن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ هن مستشرق عالم ايلس واري آئيوينا سان اختلاف رکندي پنهنجي نرالي راءِ جي صورت ۾ اڳين ٻن عالمن مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ ۽ آخوند عبدالرحيم جون آئيويتائون سامهون رکي، ڪن گروهي آوازن لاءِ هڪ اصول اخذ ڪندي پنهنجي آئيوينا ترتيب ڏني هوندي.

ايلس واري آئيوينا جي اکرن جي بيهڪ تي تنقيد ڪندي ڊاڪٽر ٽرمپ گُهڻن آوازي اکرن لاءِ ڪجهه قدر مخدوم ابوالحسن وانگر هڪ اصول رکي، اکر متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن: ڃ = نج، ڱ = نگ، ڻ = ن (نون مٿان ٻيو ٽپڪو)، ۾ = مين.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي گُهڻن آوازن ۾ جنسي 'ن' جي اضافي بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب تنقيدي طور لکي ٿو تہ: "ٽرمپ جو 'سخت تارونءَ واري گُهڻي وينجن' [ڃ] ۽ 'نرم تارونءَ واري گُهڻي وينجن' [ڱ] جي صورت لاءِ ورتل اعتراض بہ ڪمزور آهي. ٽرمپ جو رايو آهي تہ سخت تاورنءَ واري گُهڻي وينجن لاءِ 'ڃ' جي بدران 'نج' ۽ نرم تارونءَ واري گُهڻي وينجن لاءِ 'ڱ' جي بدران 'نگ' هئڻ گهرجن. هن جو خيال آهي تہ گُهڻا آواز هميشہ 'ن' حرف سان لکڻ گهرجن." (الانا، 1993: 124)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب 'ن' سان گُهڻن اکرن لکڻ مان مونجهاري پيدا ٿيڻ واري امڪان لاءِ لکي ٿو تہ: "اگر 'ڃ' ۽ 'ڱ' کي 'نج' ۽ 'نگ' جي صورتن ۾ لکيو وڃي ها تہ جيڪر ڪيترين ئي لفظن جي فرق ۽ سڃاڻپ ۾ دقت پيدا ٿئي مثال طور:

| ايلس واري صورتخطيءَ ۾ | ٽرمپ واري صورتخطيءَ ۾ |
|---|---|
| سنج | سنج |
| سڃ | سنج |
| پنڄ | پنج |
| پڃ | پنج |

ساڳيءَ طرح 'ڱ'، 'نگ' کان زياده آسان ۽ موزون آهي، مثلاً:

| ٽرمپ واري صورتخطيءَ ۾ | ايلس واري صورتخطيءَ ۾ |
| --- | --- |
| سنگ | سنڱ |
| سنگ | سڱ |
| انگ | انڱ |
| انگ" | اڱ |

(الانا 1993: 124 _ 125)

اهوئي سبب آهي جو ٽرمپ واري اها راءِ ٻوليءَ جي وسعت جي لحاظ کان غير موزون ليکي وئي، ۽ ان وقت جي ڪمشنر بارٽل فريئر، ايلس واري پٽيءَ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سفارش اجائي ڄاتي.

مٿين ڊاڪٽر ٽرمپ واري پٽي/ آئيوينا ۾ گهڻن صوتين جي ڄاڻايل شڪلين ۽ ڊاڪٽر الانا جي ٽرمپ واري 'هڪ اصول' متعين ڪرڻ تي ڪيل تنقيد ۾ ٻه نظر چُڪون سامهون اچن ٿيون، جيڪي تحقيق لاءِ مونجهاري جو باعث بڻجن ٿيون:

- هڪ: ڊاڪٽر ٽرمپ واري شاهه جي رسالي ۾ ڄاڻايل آئيوينا ۾ 'ڱ' لاءِ 'نگ' شڪل ڏنل آهي، جڏهن ته رسالي جي مطالعي مان پتو پوي ٿو ته ان ۾ [ڱ] آواز لاءِ 'نگ' ئي ڄاڻايل آهي، جيئن الانا صاحب ڄاڻايو آهي. انلاءِ اداري 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' جي مُعتبر ماڻهن جِي ئي لا پرواهي چئجي!
- ٻيو: ٽرمپ واري رسالي ۾ [ڃ] آواز لاءِ 'نج' اکر اداري 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' جي ڄاڻايل پٽيءَ توڙي رسالي جي بيتن ۾ ڄاڻايل آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر الانا صاحب کان ٿيل نظر چڪ سبب 'نج' ڄاڻائجي ويو آهي. (ڏسو: 'سنڌي صورتخطي' اڳوڻو توڙي نئون ڇاپو) جنهن بنياد تي مٿي ڄاڻايل سنڌس 'ڃ' ۽ 'نج' ۾ فرق واري تنقيد کي ڪيس آئنده وارن ڇاپن مان رد ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ ٻوليءَ جي ڪتابن/ مقالن ۾ حوالي طور پئي هلندي.

1920ع ڌاري مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ ايلس واري آئيوينا جي ورڇ ۽ ترتيب تي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي وياڪرڻ‘ ۾ تنقيد ڪندي ديوناگري آوازي آئيوينا سان پيٽي لکيو آهي ته: ”هي الف- ب عربي ٻوليءَ جي الف- ب تان نهيل آهي. جيڪي اکر يا آواز عربي ۽ فارسيءَ ۾ نہ هئا سي نقطن وڌائڻ سان يا هيٺ مٿي ڪرڻ سان ناهيا ويا آهن. مگر هڪدم معلوم ڪري ٿو سگهجي ته اهي ڪنهن اصول تي نهرايا نہ ويا آهن. رڳو ڏُکي تي وقت ٽپائڻ لاءِ نهرايا ويا آهن. سنسڪرت ۾ يا سنسڪرت مان نڪتل ٻولين ۾ وات مان نڪرڻ وارين جاين وارا اکر يا آواز سڀ گڏ ڏنل آهن. جيئن نڙيءَ وارا گڏ، ڏندن وارا گڏ، چپن وارا گڏ ۽ زبان وارا يا زبان جي پاسي وارا گڏ. تنهن ڪانسواءِ جن اکرن ۾ ’هہ‘ جو آواز يا ’نون‘ جو آوازگنڊيل يا لڪل ٿو رهي، سي بہ انهن اصل اکرن سان گڏ ڏنا ويا آهن. جيئن:

### 2.3.8 مرزا قليچ بيگ جي ترتيبيل آئيوينا

| | خاص سنڌي | | خاص عربي |
|---|---|---|---|
| نڙيءَ وارا: | ڪ ک گ گهہ ڱ هہ | نڙيءَ وارا: | |
| تارونءَ وارا: | چ ڇ ج جهہ ڃ ڄ ش ي | تارونءَ وارا: | |
| زبان يا انجي پاسي وارا: | ٽ ٺ ڊ ڍ ڻ ڙ ڙهہ ڏ | زبان يا انجي پاسي وارا: | |
| ڏندن وارا: | ت ٿ د ڌ ن ر ش ل | ڏندن وارا: | |
| چپن وارا: | پ ڦ ب ڀ م ٻ و | چپن وارا: | |

(قليچ، 2006: 165)

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ساڳئي نموني سنڌي آوازي سرشتي کي ديوناگري ترتيب سان بيهاريندي هيئن لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ٻين هاڻوڪين هند- آريائي ٻولين جي ڀيٽ ۾ گهڻي ۾ گهڻا وينجن (حرف صحيح) صوتيہ آهن. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ سنڌيءَ ۾ چئن چوسٽن آوازن سان گڏ، عربي فارسي ٻولين جي اثر ڪري خ، غ، ز ف جو اچارڻ پڻ صوتين جي روپ ۾ ڪيو وڃي ٿو. معياري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪل ايڪيتاليهہ حرف صحيح صوتيہ (Consonant phonemes) آهن:

2.3.9 ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي بيهاريل آئيوينا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪ | ک | گ | ڳ | گھ | ڱ |
| ڇ | چ | ج | ڄ | جھ | ڃ |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڏ | ڍ | ڻ |
| ت | ٿ | د | ڌ | ن | |
| پ | ڦ | ب | ٻ | ڀ | م |
| ي | ر | ل | و | ڙ | |
| ش | س | ھ | | | |
| خ | غ | ز | ف | | |

(نوٽ): پروفيسر علي نواز جتوئيءَ 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا 'سنڌي صوتيات' ۾/ مھ، نھ، ڙھ، لھ، ڻھ/ کي وينجن صوتين جي چارٽ ۾ ڏيکاريو آهي. اهي حقيقت ۾ ٻن صوتين جو ميل (Conjunct Consonants) آهن." (جيٽلي، 2006: 128 ـ 132)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو خيال آهي تہ 'مھ، نھ، ڙھ، لھ، ڻھ' مفرد صوتيہ نہ بلڪ مرڪب صوتيہ يعني ٻن صوتين جو ميل آهي. حالانڪ انهن اهڙن وسرڳ صوتين جو تصور هندي زبانن ۾ پڻ آهي، انکان علاوه اها ڳالهہ بين الاقوامي طور تي پڻ طئہ شده آهي تہ اهي مرڪب نہ پر مفرد صوتيہ آهن. اهڙو اظهار ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي مقالي 'ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائيءَ' ۾ ڪري ٿو تہ: "علم لسان جي قديم ماهرن جو خيال هو تہ هائيہ اصوات ۽ علامات مثلاً : ک، گھ وغيره حقيقت ۾ مرڪب ۽ مخلوط آواز آهن، پر ويجهڙائيءَ واري دور ۾ ڪن لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ انهن ۾ 'ھ' اهڙيءَ طرح ملي وڃي ٿي جو سڄو آواز هڪ ئي شڪلۂ جهٽڪي ۾ ادا ٿئي ٿو انهيءَ ڪري هي مفرد آواز آهن ۽ لسانياتي اعتبار کان انهن کي هڪ مستقل صوتيہ جي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ مسئلي کي پهريائين صوتياتي

علمن جي ٻي بين الاقوامي ڪانفرنس منعقده لنڊن 1925ع ۾ انهيءَ نموني پيش ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن انجي فائدي ۾ وقت بوقت پڻ لکيو آهي. هينئر جديد علم لسان جي نقطءِ نظر کان ٺ، ٻ، ک، گهه، جهه، ڦ، ٿ، ڏ، ڍ، مهه، نهه، لهه، ٺهه، ڙهه مفرد پر وسرگ وينجن آهن. ت، ب، ڪ، گ، ج، پ، ٿ، د، ڍ، م، ن، ل، ڻ ۽ ڙانهن آوازن جا اوسرگ آهن. (هن حوالي ۾ ميمڻ صاحب 'ڇ' وسرگ ڄاڻائي نه سگهيو آهي، جنهن جو 'ڇ' اوسرگ آهي.) اسان جي گل مرحوم جيڪا آئيوبٽا تيار ڪئي آهي، ان مان معلوم ٿيندو ته: ٻ، ٿ، جهه، ڏ، ک ۽ گهه وغيره ڪانسواءِ ڙهه، لهه، مهه، ٺهه، ۽ نهه لاءِ به جدا حرف مقرر ڪيا آهن. ان مان ظاهر آهي ته هن صوتي نقطءِ نظر کان 'هائيه اصوات' يعني وسرگ وينجن کي مفرد آواز مڃيو ٿي." (مجيد، 1972: 156-171)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب پنهنجي ڪتاب 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' ۾ وڌيڪ تفصيلي لکي ٿو ته: "ڌوَني وگيان (Phonology) جي اصولن کي ڌيان ۾ رکندي اسين جيڪڏهن معياري سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي جو اڀياس ڪنداسين ته انهيءَ ۾ ڪل ايڪونجاهه ڇيداڻتا (Segmental) ڌوَني-تت يا صوتيه (Phonemes) اسان کي حاصل ٿيندا. اهي هتي چارٽ ۾ ڏجن ٿا:

(1) سُر ڌوني-تت (Vowel Phonemes) ڪل ڏهه:

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آو | او | آي | اي | اوُ | اُ | اِي | اِ | آ | اَ |
| औ | ओ | ऐ | ए | ऊ | उ | ई | इ | आ | अ |

انهن سيني جو نڪائون اچار به ٿيندو آهي، جيئن ته: اَن، آن، اين وغيره.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آون | اون | آين | اين | اوُن | اُن | اِين | اِن | آن | اَن |
| औं | ओं | ऐं | एं | ऊं | उं | ईं | इं | आं | अं |

(2) وينجن ڌونيءَ تت (Consonant Phonemes) ڪل ايڪيتاليهه.

| اچار جو طريقو / اچار جي جاءِ | | چپن وارا | ڏندوان | مورڏني | سخت تارونءِ وارا | نرم تارونءِ وارا | نڙگهٽي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| خارجي ڌماڪيدار (Explosives) | ڪٺور اوسرگي | پ | ت | ٽ | چ | ڪ | ـ |
| | ڪٺور وسرگي | ڦ | ٿ | ٺ | ڇ | ک | ـ |
| | ڪومل اوسرگي | ب | د | ڊ | ج | گ | ـ |
| | ڪومل وسرگي | ڀ | ڌ | ڍ | جه | گه | ـ |
| نڪاوان (Nasals) | ڪومل (گهوش) | م | ن | ڻ | ڃ | ڱ | ـ |
| داخلي ڌماڪيدار (Implosive) | ڪومل (گهوش) | ٻ | ـ | ڏ | ڄ | ڳ | ـ |
| گهسڪيدار (Fricatives) | ڪٺور (اگهوش) | ف | س | ـ | ش | خ | ه |
| | | ـ | ز | ـ | ـ | غ | ـ |
| پاسيرا (laterals) | ڪومل | ـ | ل | ـ | ـ | ـ | ـ |
| ڦڪ ڏڪا (Flapped) | | ـ | ر | ڙ | ـ | ـ | ـ |
| نيم سر ـ(Semi_ vowels) | | و | ـ | ـ | ي | | |

نوٽ: ع، ق، ذ، ض، ظ، ط ث، ص، ح ـ انهن حرفن جو اچار سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ نہ آهي. انهيءَ ڪري اهي هن چارٽ ۾ شامل ڪيل نہ آهن. اسين سنڌي عام طور 'ع' جو 'ا'، 'ق' جو 'ڪ'، 'ذ، ض، ظ' جو 'ز'، 'ط' جو 'ت'، 'ث، ص' جو 'س' ۽ 'ح' جو 'ه' اچار ڪندا آهيون." (جيتلي، 1999: 54ـ 55)

ڊاڪٽر جيتلي صاحب گهٽ سُرن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي پٽين ۾ پڙهائڻ تمام ضروري آهن. البتہ ديوناگري آئيويتا ۾ 'آه'(अः) جو آواز سُر ۾ پڙهايو ويندو آهي، ڊاڪٽر صاحب ان جو ذڪر خبر ناهي تہ ڇو نہ

ڪيو جڏهن تہ ديوناگري آئيويتا ۾ 'اظهاري هہ' ۽ 'مختفي ہ' واري آواز لاءِ پڻ الڳ الڳ اکر متعين ٿيل آهن ۽ 'مختفي ہ' جي آواز وارو اکر سُر ۾ پڙهايو ويندو آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب عربي- سنڌي آئيويتا جي 1853ع، 1935ع ۽ 1960ع واري ڳاڙ ترتيب سامهون رکندي عربي- سنڌي آئيويتا جي ساخت تي تنقيدي نظر رکندي لکي ٿو تہ: "هاڻي اچو تہ عربي سنڌي ورڻمالا جي چارٽ ۾ ڏنل سڀ حرف ڏسون جيڪي عام طور هن سلسلي ۾ ٻاراڻن ڪتابن ۾ ڏنا ويندا آهن:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ث ٺ ج ڄ جھ
ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش
ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ گھ
ڳ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي.

**نوٽ:** همزو /ء/ حقيقت ۾ الف جو بدليل روپ آهي، ان ڪري انهيءَ کي چارٽ ۾ نہ ڏيڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ جي ڌوني تتن ۽ انهن کي لکڻ لاءِ روايتي صورتخطيءَ ۾ جيڪي حرف ڏنل آهن، انهن جي ڀاڱي ۾ پيٽ ڪرڻ سان اسين هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا:

1. آوازي سرشتي ۾ سُر ڌوني- تت (صوتيہ) ڏهہ آهن، پر روايتي آئيويتا ۾ فقط هڪ سُرُ 'ا' ڏنل آهي.
2. سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ايڪونجاهہ ڌوني- تت آهن ۽ عربي- سنڌي آئيويتا ۾ ٻاونجاهہ حرف ڏنل آهن. پر ٻنهي سرشتن وچ ۾ تز نہ ڪاءَ (fitness) نہ آهي.
3. ڪجهہ سُر ڌوني- تت لکڻ لاءِ عربي- سنڌيءَ ۾ الف سان گڏ اعرابون لڳايون وڃن ٿيون: اَ، آ، اِ، اُ." (جيٽلي- 1999: 56)

جاٺايل ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي نتيجن جي چند چاڻ مان جيڪي ڳالهيون سامهون اچن ٿيون سي هيٺ ڏجن ٿيون:

1. هڪ تہ صاحب موصوف جي ڄاڻايل آئيويتا جي ترتيب ڳاڏڙ ساڏڙ آهي، نہ تہ 1853ع واري، نہ 1935ع واري ۽ نہ وري 1960ع واري بلڪ ٽنهي جو امتزاج.

1853ع واري ڏِک: ... ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ... ڪ ک گ گھ ڳ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

1935ع واري ڏِک: ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ث ٺ...

1960ع واري ڏِک: ... ف ڦ ق...

2. ٻيو تہ ڊاڪٽر صاحب روايتي آئيويتا ۾ فقط هڪ سُرَ 'ا' جو ذڪر ڪيو آهي، جڏهن تہ روايتي آئيويتا ۾ ڪنهن بہ سُر جو ذڪر ڪونهي، بلڪ اهي سر الڳ سان ڏهہ پٽيُن جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.

3. ٽيو تہ آئيويتا جي ترتيب جو نمڪاءُ آوازي سرشتي سان لازمي هجڻ غير ضروري آهي. مثال طور سنڌي آئيويتا اصل ۾ عربي تان ورتل آهي ۽ گهڻي قدر ان جي اصولن جي ئي پوئواري ڪندي آئي آهي، جنهن ۾ ترتيب جا ٽي نمونا اڄ بہ موجود آهن. ليڪن انهن ۾ ٻارن/ سيکڙاٽن لاءِ مخرجي ترتيب کان وڌيڪ هم شڪليءَ واري ترتيب کي پسند ڪيو ويو آهي ۽ اها ئي رائج آهي. ڊاڪٽر صاحب اهڙو اظهار صرف ديوناگري آئيويتا کي سامهون رکي ڪري ٿو.

### 2.3.10 واحدبخش شيخ جي مخرج موجب بيهاريل آئيويتا

محترم واحد بخش شيخ صاحب 52 سنڌي اکرن جي ورڇ ڪندي مخرج موجب ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

| اچارڻ جو هنڌ | سنڌي حرف | عربي حرف | فارسي حرف |
|---|---|---|---|
| شفوي حروف (چپن مان نڪرندڙ) | ب، ٻ، ڀ، ڦ، م، و | ف | پ |
| شجري حروف (کليل ڳول چپن مان) | ج، جھ، ڇ، ش | ص، ض | چ |

| فارسي حرف | عربي حرف | سنڌي حرف | اچارڻ جو هنڌ |
| --- | --- | --- | --- |
| ... | ث، ذ | ... | لثوي حروف (ڏندن ۽ زبان ملائڻ سان) |
| ... | ط | ت، ٿ، د، ڌ | نطعي حروف (زبان کي مٿين ڏندن سان ملائڻ) |
| ... | ز، ظ | س | اسلي حروف (زبان جي چوٽيءَ مان) |
| ... | ... | ج | ذلقي حروف (زبان جي ڇيڙي مان) |
| گ | ... | ا، ٺ، ٽ، چ، ڊ، ڍ، ڏ، ر، ڙ، ڪ، ک، ل، ن، ڻ، ھ، ي | لهوي حروف (تارونءَ مان ۽ تارونءَ سان زبان ملائڻ سان) |
| ... | ح، خ، ع، غ، ق | گھ، ڳ | حلقي حروف (نڙيءَ مان) |

(شيخ، 1986: 12_ 13)

واحد بخش شيخ صاحب جي ترتيبيل آئيوينا جو ڍنگ، عربي طرز جي شمسي_ قمري آئيوينا تي رهيو آهي، جيڪو آوازن جي مخرج موجب بيهاريل آهي. حالانڪ اها ورچ/ ترتيب موجوده حالتن مطابق عربن وٽ بہ عام حيثيت نہ ٿي رکي، ليڪن هن بزرگ جيڪا پنهنجي سوچ ۽ عربي انداز سان مخرجي ورچ ڪئي آهي، سا ساراهڻ جوڳي آهي.

### 2.3.11 ڪمپيوٽر موجب بيهندڙ ترتيب

هاڻوڪي ڪمپيوٽر واري دؤر ۾ ڪن سببن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ هيٺ ڄاڻايل ترتيب بہ ڪم آندي وئي آهي، جنهن کي ڪمپيوٽر ترتيب ڏئي ٿو. اهڙي ترتيب جو استعمال تازو پروفيسر محمد صفر سهتي پنهنجي ترتيبيل لغت 'ماڊرن سنڌي انگلش ڊڪشنري' ۾ ڪيو آهي، اها ترتيب ڪنهن لفظ جي اندر ڪم آيل آهي، باقي لفظن جي اڳياڙيءَ ذريعي لفظن جي ڳولا ۾ عام رواجي (1960) آئيوينا ڪم آندي اٿس. اهڙي مٿ جي گهرج تڏهن پيش آيس جو هن دوست ڪافي لفظ سهيڙي ڇڏيا هئا، جن کي اندروني رديف_ وار ترتيب رکڻ لاءِ ڪمپيوٽر کان مدد وٺڻي پيس. اهڙو

اظهـار صاحب موصوف ڪندي لکي ٿو ته: "هر اکر جي لفظن جي ترتيب ڪمپيوٽر جي مدد سان ڪئي وئي آهي جيڪا عربي الفابيٽ جي اثر ڪري هن وقت استعمال هيٺ پٽيءَ کان ڪجهه مختلف آهي، جيڪا هيٺينءَ ريت آهي. انڪري ڪنهن به حرف جي اندر ڪو لفظ ڳولهڻو هجي ته هن ترتيب کي ذهن ۾ رکجي:

ءا ب پ ت ث ج جهہ چ ح خ د ذ ر ز س ش ص ض
ط ظ ع ف ق گ گهہ ل م ن هہ و ي ٺ ٻ ٽ ٿ ڀ
ڃ ڄ ڇ ڊ ڌ ڏ ڍ ڙ ڦ ک ڪ ڱ ڳ ڻ"

(صفر، 2009: پنهنجي پاران)

مٿي ڏنل آئيوِيتا جي ترتيب رديف وار ڪمپيوٽر ذريعي Table مان sort جي خاني ۾ ٿيندي آهي. محترم سهتي صاحب ان ترتيب لاءِ 'عربي الفابيٽ' جو محاورو ڪم آندو آهي، حالانڪ اهڙي ترتيب فارسي آئيوِيتا جي اثر کان ٿي آهي؛ ڇو ته ان ۾ 'پ' جو اکر مذڪوره ترتيب جي شروعات ۾ ٿي اچي ٿو وڃي، جڏهن ته سنڌي اکرن جي ترتيب ۾ بعد ۾ بيهي ٿو.

2.3.12 1853ع، 1935ع ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي بيهاريل 1960ع واري آئيوِيتا جو جائزو

مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جي ترتيبيل آئيوِيتا جي اکرن کي سامهون رکي، 1853ع ۾ جوڙيل ڪميٽيءَ جيڪا آئيوِيتا ترتيب ڏني، تنهن کي ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر بٽرو ايلس پويان 'ايلس واري آئيوِيتا' ڪوٺيو وڃي ٿو. ان آئيوِيتا جي ترتيب تي ڪي قدر مخرج جو خيال رکيو ويو هو. مخرج ۾ به ڪجهه خيال وسرڻ جو به رکيو ويو (جيئن: پ۔ ق). اها ئي ڳالهه آهي ته ان مخرج وار ترتيب ۾ ڪي ڪميون ڪوتاهيون به آهن.

1935ع ۾ ساڳي آئيوِيتا جي ترتيب تي ٻيهر غور ڪيو ويو ۽ ٻارن لاءِ آساني رکڻ خاطر ان جي ترتيب اکر جي گهر ۽ ٽِڪن وار رکي وئي. ان جو اهم سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ان دؤر ۾ آئيوِيتا/ پٽي تصويرن جي بجاءِ تصورن سان پڙهائي ويندي هئي. ان ترتيب کي ڪافي عالمن/ استادن

سوني ترتيب ڪوٺيو آهي. اڄ سوڏو سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ اها ترتيب پڙهائي ويندي آهي.

1960ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب 'جامع لغات سنڌيءَ' ذريعي موجوده آئيويٽا جي پٽي بيهاري، عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سرڪاري پذيرائي پڻ حاصل ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏنل ترتيب موجب: ساڳي ايلس واري آئيويٽا ۾ صرف هڪ اکر جي ڦيرڦار ڪيل آهي.

ايلس کان وٺي ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب تائين، ٿيندڙ سفر بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته : "موجوده عربي- سنڌي الف- ب (ايلس واري) واري چارٽ ۾ ڏنل ترتيب ۾ اڳتي هلي جدا جدا ڪتابن ۾ جيڪا ڦير گهير ڪئي وئي، تنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

✓ ايلس واري آئيويٽا /پٽي:1853ع

1853

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ
جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ
ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ
ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي.

1935ع ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ جيڪا ڦير گهير ڪئي وئي، تنهن ڪانپوءِ الف- ب جي پٽيءَ جي صورت هن ريت وڃي بيٺي:

✓ 1935ع ۾ ترتيب ڏنل آئيويٽا / پٽي

1935

ا ب ٻ پ ڀ ت ٺ ٽ ث ٿ ف ڦ
گ ڳ ڱ ک ي د ذ ڌ ڏ ڊ ڍ ح ج ڄ
ڃ چ ڇ خ ع غ ر ز ڙ م ن ل س ش
و ق ص ض ڻ ط ظ هه جهه گهه ڪ ء.

سال 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل 'جامع سنڌي لغات' جلد اول ۾ الف- ب جي پٽيءَ ۾ وڏيڪ ڦير ڦار آڻي 'ڦ' کي 'پ' جي پر مان هٽائي 'ف' جي پر ۾ رکيو ويو. ان لاءِ هي دليل ڏنو ويو تہ ف ۽ ڦ جي شڪل هڪجهڙي آهي، تنهنڪري ٻئي حرف هڪٻئي جي پاسي ۾ رکڻ گهرجن. اها ساڳي ترتيب پوءِ سنڌي پرائمر ۾ پڻ اختيار ڪئي وئي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع لغات سنڌيءَ سان الف- ب جي اها پٽي سر ورق طور ڏني وئي آهي. اها هن ريت آهي:

✓ 1960ع ۾ ترتيب ڏنل آئيوبتا / پٽي

| | |
|---|---|
| ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ڀ ج | |
| ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ | |
| ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع | 1960 |
| غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل | |
| م ن ڻ و ھ ء ي | |

ڊاڪٽر الانا صاحب اڳتي لکي ٿو تہ: "هن پٽيءَ ۾ 'ڦ' کي 'ف' جي پاسي رکڻ لاءِ ڏنل دليل مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ اسان جا ماهر سنڌي صوتياتي نظام کان واقف نہ هئا. دراصل 'پ' ۽ 'ڦ' صرف [پ] ۽ [ڦ] آوازن جون لکيل صورتون آهن. اهي ٻئي آواز سنڌي صوتيات ۾ هڪڙي ئي خاندان/ گروهہ وارا آهن. اهي ٻئي ٻن چپن وارا ڌوڪڻا آواز آهن. ٻنهي ۾ فرق هي آهي تہ 'پ' هلڪو اوسرگ آهي ۽ 'ڦ' انجو هلڪو وسرگ جوڙ آهي. 'ف' ۽ 'ڦ' آوازن وچ ۾ ڪوبہ لڳ لاڳاپو ڪونهي، اهي ٻئي آواز گروهن ۽ مخرج ۾ ڌار ڌار آهن. 'ف' ڏندن- چپ گاڏئون هلڪو گهسڪيدار وينجن آهي، انهيءَ ڪري 'ڦ' ۽ 'ف' جي وچ ۾ صوتياتي لحاظ کان ڪابہ قرابت، ڪابہ نسبت ۽ ڪابہ هڪجهڙائي ڪانهي. اهوئي سبب هو جو ايلس واري ڪاميٽيءَ 'ڦ' لاءِ مخدوم ابوالحسن جي الف- ب جي چارٽ ۾ مقرر ڪيل اکر 'ف' ۽ 'پهہ' لاءِ هڪ ئي اکر 'ڦ' مقرر ڪيو." (الانا، 2005: 209_211)

جولاءِ 1853ع ۾ 'ايلس واري ڪميٽيءَ' طرفان مقرر ڪيل آئيويتا ۾ چند اکرن جي شڪل جي ردوبدل بعد جيڪا موجوده 'ايلس واري پٽي' ڪوٺي وئي، سا 1854ع ۾ پهريون دفعو مشن هائوس جي هارون لوهار جي طرفان چارٽ ذريعي عام ڪئي وئي هئي. جنهن سبب موجوده آئيويتا کي ايلس به پنهنجي رپورٽ ۾ ان کي سڌاريل سنواريل (revised) ڪوٺيو. ڊاڪٽر نبي بخش صاحب غلط فهميءَ سبب ان کي اڳين عالمن جي ترتيب ڏنل سمجهندي ايلس واري پٽيءَ کي سڌاريل سنواريل ڪوٺيو. ايلس جي رپورٽ وارن لفظن کي حوالي طور ڄاڻائيندي لکي ٿو ته: "هن کان اڳ اڪثر ائين پئي سمجهيو ويو آهي ته موجوده سنڌي الف- بي نئين سر ٺاهي ڪاڻ ويئي پر اڳ هلندڙ الف- بي تي نظر ثاني ڪري ان کي ڪن ترميمن ۽ اضافن سان رائج ڪيو ويو... ڪمشنر فريئر اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنل الف- بي کي 'نئين سر ايجاد ڪيل' الف- بي بدران صحيح طور تي 'نظر ثاني ڪيل' الف- بي (the alphabet revised) سڏيو آهي." (بلوچ 1992: 13-14)

حقيقت بيشڪ اهائي آهي ته مخدوم ابوالحسن واري آئيويتا ڪا نئين سر ڪونه ٺاهي وئي بلڪ رواج ۾ هلندڙ مختلف نمونن کي باضابطه ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن ڪمشنر فريئر اها ڳالهه ذهن تي رکي 'ايلس آئيويتا' کي نظر ثاني ڪيل ڪونه ڪوٺيو بلڪ هارون لوهار جي آندل سڌاري سبب ان کي 'نظر ثاني ڪيل' ڪوٺيو.

ان فرق کي جاچڻ لاءِ ايلس جي رپورٽ ۽ هارون لوهار جي ڏنل چارٽ کي ذهن تي رکي پٽيءَ جي اکرن جي شڪل ۽ ان جي امڪاني ترتيب پيش ڪجي ٿي:

### 2.3.13 ايلس واري ڪاميٽيءَ جي اکرن جي امڪاني بيهڪ ۽ ترتيب

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ح خ
د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق
ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي.

مذڪوره اکر 'ٽ' جو استعمال تيرهين صدي هجري ۾ شاه عبداللطيف جي رسالي جي ڪتابت ۾ به ٿيل آهي. جيڪو 'ٽ' آواز لاءِ ڪم آندل آهي. (بلوچ، 1992: 107)

### 2.3.14 هارون لوهار جو ڏنل آئيوينا جو چارٽ

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ

د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق

ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و هہ ء ي.

متي ڏنل ٻہ چارٽ ايلس واري رپورٽ جي بنياد تي ترتيب ڏنا ويا آهن. جنهن مان واضح طور تي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ 'ٺ' اکر جي مقرري مشن هائوس جي هارون لوهار ڪئي هئي، جنهن کي ايلس پڻ تسليم ڪندي ان 'ٺ' اکر سان ترتيب ڏنل آئيوينا کي 'سٽاريل سنواريل' آئيوينا ڪوٺيو. اها ڳالهہ ان مان بہ واضح ٿئي ٿي تہ ڊاڪٽر ٽرمپ جيڪا آئيوينا ترتيب ڏني هئي ان ۾ 'ڻ' اکر لاءِ 'نْ' اکر متعين ڪيو هيو جيڪو اڳيئي 'ٺ' جي موجودگيءَ سبب صورتخطيءَ ۾ مونجهاري جو سبب بڻجي ها! ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جي اعتراضن جي جواب ۾ بمبئي سرڪار ڏانهن موڪليل ايلس واري رپورٽ ۾ اهڙي قسم جو اشارو ضرور هجي ها!

### 2.3.15 تصورن سان پڙهائجندڙ آئيوينا جي ترتيب

ايلس جي پٽيءَ بعد آوازن ۽ اکرن جي ترتيب جو بہ مسئلو رهيو آهي. ايلس واري آئيوينا/ پٽيءَ جي ترتيب 1935ع ڌاري ڪتابن ذريعي متاثر ٿي، ان وقت آئيوينا/ پٽي گهڻي قدر تصويرن بجاءِ تصوراتي نموني پڙهائي ويندي هئي. انجو اهم مقصد ٻارن کي اکرن جي گهر ۽ ٽيڪن ذريعي آوازن جي واقفيت ڏيڻ هئي. اهو قدم صوتياتي اعتبار کان ڪابہ حيثيت نہ پيو رکي، البتہ علم نفسيات جي روسي ماهر پاڦلوف (1849-

1936) جي conditioned reflex theory of learning جي مشروط سکيا واري نظرئي (ساجد 1986: 237) تحت اکر جي گهر ۽ ٽپڪن جي استعمال سان تصوراتي نموني سيڪاريو ويندو هو جيئن:

- الف ـــ انبُ: انبُ ايو ۽ گولائيءَ مائل هجڻ سبب کيس ڪوبہ ٽپڪي جو تصور ناهي.
- ب ـــ ٻلا: ٻلا کي هڪ پڇڙيءَ سبب هڪ ٽپڪو ڏيو.
- ٻ ـــ ٻڪري: ٻڪريءَ کي ٻن ٽڱن سبب ٽپڪا بہ ٻہ ايندا.
- پ ـــ پلو: پلي کي ٽن ڪنڊن ڪري، ٽي ٽپڪا ڏيا.
- ڀ ـــ ڀولو: ڀولي کي چار ٽنگون، تہ ٽپڪا بہ چار رکيا.
- ت ـــ تارو: اکين جا تارا بہ مٿي ٻہ ٽيندا آهن، ان ڪري ٽپڪا رکيا. وغيره

مقصد تہ شروعات اهڙي انداز سان ڪرائي ويندي هئي تہ جيئن ٻار کي ٽپڪن ۽ اکرن جي گهر تي پختگي ٿئي. اهڙي نموني اڳتي بہ اکر جي ساڳي گهر کي انجي شڪلي گروہ سان رکندي، ٽپڪن ۾ هيٺان يا مٿان ترتيب جو خيال رکندي، پهرين خالي پوءِ هڪ، ٻہ، ٽي ۽ چار ڏانهن هلبو هو. ان کان علاوه اها آئيويتا جي ترتيب قافئي ۽ وزن وار پڻ هئي، هيٺ اهڙي ترتيب رکجي ٿي:

| قافئي ۽ وزن وار | اکرن جي گهر ۽ ٽپڪن وار |
|---|---|
| (الف)، بي، ٻي، پي، ڀي، تي، ٿي، ٽي، ٺي، ٽي، في، ڦي، ڳي، گي، کي، ڪي، | (ا)، ب، ٻ، پ، ڀ، |
| | ت، ٿ، ٽ، ٺ، ٽ، |
| | ف، ڦ، |
| | گ، ڳ، ڱ، ک، ڪ، |
| دال، ڏال، ڊال، ڌال، ڍال، ڍال، | د، ڏ، ڊ، ڌ، ڍ، ڍ، |
| حي، جي، ڃي، ڄي، چي، ڇي، خي، | ح، ج، ڃ، ڄ، چ، ڇ، خ، |
| عين، غين، | ع، غ، |
| ري، زي، ڙي، | ر، ز، ڙ |

| | |
|---|---|
| م، ڻ، ل | ميم، نون، لام (هم وزن فاع)، |
| س، ش، | سين، شين، |
| و، ق، | واؤ قاف (هم وزن فاع)، |
| ص، ض، | صئاد، ضئاد، |
| ٺ، ط، ظ، | ٺي (ٺوڙ)، طوئي، ظوئي، |
| ھ، جھ، گھ، | هي، جهي، گهي، |
| ڪ، ء | ڪاف (همزه). |

**نوٽ:** پراڻا استاد، سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق 'دال' ۽ 'ذال' کان سواءِ باقي اکر 'ڏي'، 'ڌي'، 'ڊي' ۽ 'ڍي' جا اچار ڪري پڙهائيندا هئا.

✓ **صورتي مشابهت ۽ تصوراتي لحاظ کان اها آئيوينا/ الف ـ بي هن ريت هئي:**

| اکر | اچار | تصور | اکر | اچار | تصور |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | الف | انب | ڄ | ڄي | مڄ |
| ب | بي | بلا | چ | چي | چٽون |
| ٻ | ٻي | ٻڪري | ڇ | ڇي | ڇٽي |
| پ | پي | پلو | خ | خي | خچر |
| ڀ | ڀي | ڀولو | ع | عين | عينڪ |
| ت | تي | تارو | غ | غين | غاليچو |
| ٿ | ٿي | ٿونٿ | ر | ري | رڇ |
| ٽ | ٽي | ٽوپي | ز | زي | زنجير |
| ث | ثي | ثواب | ڙ | ڙي | ماڙي |
| ٺ | ٺي | ٺنڀ | م | ميم | مُٺ |
| ف | في | فانوس | ن | نون | نٿ |
| ڦ | ڦي | ڦيٿو | ل | لام | لڪڙ |
| گ | گاف | گڏه | س | سين | سانُ |

| اکر | اچار | تصور | اکر | اچار | تصور |
|---|---|---|---|---|---|
| ڳ | ڳي | ڳيرو | ش | شين | شينهن |
| ڱ | ڱي | سڱ | و | واؤ | واڍو |
| ک | کي | کٽ | ق | قاف | قلم |
| ي | يي | ياقوت | ص | صاد | صندوق |
| د | دال | دهل | ض | ضاد | ضامن |
| ذ | ذال | ذرو | ڻ | ڻي/ڻوڻ | وڻ |
| ڌ | ڌي | ڌوبي | ط | طوئي | طوطو |
| ڏ | ڏي | ڏيڏر | ظ | ظوئي | ظالم |
| ڊ | ڊي | ڊيل | ھ | هي | هرڻي |
| ڍ | ڍي | ڍڳو | جھ | جھي | جھرڪي |
| ح | حي | حبشي | گھ | گھي | گھوڙو |
| ج | جيم | جت | ڪ | ڪاف | ڪتو |
| ڄ | ڄي | ڄيٽ | ء | الف | همزڙو |

(الغاري، 1976: 95_96)

اهي تصور اهڙا هئا جيڪي تربيتي ادارن ذريعي منتقل ٿيندا پئي آيا. ليڪن ڪن ڪن هنڌن تي اکر جي اچار سان نرالا تصور ڏئي ٻه ٻارن کي پڙهايو ويندو هيو. مثلاً: تعلقي ڪوٽ ڏيجي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ: منڙي مشين جي هڪ دوست بخت علي حاجاڻي، ستر جي ڏهاڪي ۾ پڙهيل پٽيءَ جي ترتيب هيٺين تصورن سان ٻڌائي:

| اکرجواچار | تصور | اکرجواچار | تصور | اکرجواچار | تصور |
|---|---|---|---|---|---|
| الف | الله | ذال | ذرو | نون | نڪ |
| بي | بلا | ڌال | ڌوبي | لام | لڪڙ |
| ٻي | ٻڪري | ڏال | ڏڪر | سين | سُٽ |
| پي | پلو | ڊال | ڊراک | شين | شيشو |

عام سکندڙن لاءِ اکرن جي ترتيب شڪل ۾ تبڪن وار وڌيڪ آسان ۽ جاذب رهي آهي. پروفيسر سيد محمد سليم اهڙي نئين سِر هم شڪل عربي اکرن جي ترتيب جي اهميت تسليم ڪندي لکي ٿو ته: جهڙيءَ طرح ابن مقلہ جي گهڙيل خطِ نسخ، خطِ ڪوفيءَ کي منسوخ ڪيو اهڙيءَ طرح انجي جاري ڪيل هم شڪل حرفي ترتيب، ابجدي ۽ حلقي ترتيب کي منسوخ ڪري ڇڏيو. (حوالو ڇاڻايل)

******************

## باب ٽيون

## 3. آئيوينا اصطلاح جو ڪارج

### 3.1 'آئيوينا جي ترتيب' جو لغت ۾ استعمال

ڪنهن به لغت ۾ لفظن جي داخلي ۽ خارجي ترتيب جي وڏي اهميت هوندي آهي. جنهن جو تعلق لاڳاپيل آئيوينا سان ئي ٿئي ٿو. عربي- سنڌي آئيوينا جي ترتيب جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "سنڌي ڊڪشنرين ۾ الف- ب جو سلسلو جدا جدا نموني ڏنل آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به لفظ کي ڳولهڻ لاءِ خاص طور شاگردن کي گهڻي پريشاني ٿيندي آهي .... سنڌي عالمن کي گهرجي ته جيترو جلد ٿي سگهي اهڙن مسئلن تي گنڀيرتا سان ويچار ڪري گهربل قاعدا ۽ شبد ڪوش تيار ڪن." (جيٽلي، 1999: 195)

سنڌي ٻوليءَ ۾ مستند لغت 'جامع لغات سنڌيءَ' ڄاتي وڃي ٿي، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سنڌ جي مختلف حصن جي ماڻهن جي سهڪار سان پايهٔ تڪميل تي پڄائي. مذڪوره لغت جو پهريون جلد 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران پڌرو ٿيو. لغت جي بنيادي تياريءَ ۾ ذاتي ڪوششن ۾ سائين جي. ايم سيد جو نالو نمايان رهيو آهي. (بلوچ، 2003: 142- 150)

'جامع سنڌي لغات' جي پهرئين جلد ۾ پوري لغت ۾ ڪم ايندڙ اکرن جي ترتيب/ آئيوينا ڏنل آهي، جيڪا عام طور ڪم ايندڙ اکرن جي هم شڪل ۽ ٻيڪن- وار سوني ترتيب واري آئيوينا کي رد ڪري، 1853ع واري ساڳي ايلس واري آئيوينا ۾ صرف هڪ اکر 'ڦ' کي 'پ' جي پر مان هٽائي 'ف' جي پر ۾ رکيو ويو (الانا، 2005: 211)؛ جنهن لاءِ هم شڪليءَ جو بيجا جواز ڏنو ويو. 'بيجا جواز' ان لاءِ ته ڇنجي جو هڪ مستعمل هم-

شڪلي ۾ ٽيڪن- وار آئيويٽا کي رد ڪري، ايلس آئيويٽا جي صرف هڪ اکر جي ڦيرائڻ سان هر شڪليءَ وارو جواز ڏنو ويو. ان ۾ هينئين آئيويٽا جي ترتيب رکي وئي، جيڪا اڄ سوڌو مستعمل آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ
ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف
ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي.

هن کان اڳ يا پوءِ ڪيئي لغتون سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جوڙيون ويون آهن، جن ۾ اکرن جي ترتيب مٽ رهي آهي، هيٺ انتهائي مختصر، خيال خاطر، جائزو پيش ڪجي ٿو:

- 1845ع کان 1852ع جي عرصي دوران آخوند عبدالرحيم عباسي مرحوم هڪ نرالي 55 اکري آئيويٽا ترتيب ڏني، جنهن ۾ آوازن جي مخرج موجب ترتيب جو خيال رکيو ويو. هن بزرگ جي لغت 'جواهر لغات سنڌي اکيچار' لاءِ جوڙيل آئيويٽا جي ترتيب هن ريت آهي:

  أ، ب، ٻ، ٻھ، پ، ڦ، ت، تھ، ٽ (ٽ)، ٿھ (ٿ)،
  ٽر (ٽر)، ث، ج، جھ، ڄ، ڃ، چ، ڇھ، ح، خ، د، ده،
  ڈ، ڏ (ڏ)، ڏه (ڍ)، ڏر (ڊر)، ذ، ر، ڙ، ز، س،
  ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ک (ڪ)،
  کھ، گ، گھ، گ (ڳ)، ڱ، ل، م، ن، ڻ (ڻ)، و،
  ھ، لا، ء، ي.

- 1886ع ۾ جهمتمل نارومل وسٽائيءَ 'وِٿيپتي ڪوش' ڇپرايو جيڪو ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هو بعد ۾ 1964ع ۾ ان کي عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ مٽائي ڇاپيو ويو. هن لغت ۾ ديوناگريءَ واري ترتيب ڪم آندل آهي. (جهمتمل، 1978)

- 1910ع ۾ پرمانند ميوارام صاحب 'سنڌي انگريزي لغت' ترتيب ڏني. هن لغت ۾ صاحب موصوف 1853ع واري ايلس آئيوينا جي ترتيب رکي آهي. (پرمانند 1910)
- 1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب 'لغات لطيفي' مرتب ڪئي، جنهن جي ترتيب ۾ 1853ع واري ايلس آئيوينا ڪم آندي وئي آهي. (قليچ، 1994)
- 1918ع ۾ مولوي عبدالغفور همايونيءَ طب تي 'فرهنگ همايوني' لکي تيار ڪئي. جنهن کي بعد ۾ نياز همايونيءَ 2004ع ۾ ترتيب ڏني. هن فرهنگ ۾ پڻ 1853ع واري ايلس آئيوينا واري ترتيب رکي وئي. (همايوني، 2004)
- 1955ع ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب 'تحقيق لغات سنڌي' تي اشتقاقي انداز سان لغت تيار ڪري ڇپائي. جنهن ۾ 1853ع واري ايلس آئيوينا ڪم آندائين. (سنديلو 1980)
- 1961ع ۾ 'شاه جو رسالو' علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ترتيب ڏنو جنهن جي فرهنگ ۾ 1960ع واري بلوچ آئيوينا جي ترتيب ڪم آندي وئي آهي. (قاضي، 1961)
- 1976ع ۾ وزارت تعليم 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت' ڇپرائي. جنهن ۾ 1853ع واري ايلس آئيوينا ڪم آندي وئي آهي. (وزارت تعليم 1982)
- 1984ع ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي 'سچل لغات' کي تحقيقي انداز ۾ مرتب ڪيو صاحب موصوف. هن لغت ۾ جيڪا ترتيب ڪم آندي آهي سا 1960ع واري بلوچ آئيوينا تي مبني آهي. (سنديلو 1984)
- 1991ع ۾ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' هڪ نرالي لغت 'لغات سنڌي مخففات' ترتيب ڏني جيڪا گهڻي

قدر 'لهجاتي مخففات' تي مبني آهي. مخدوم صاحب جيڪا ترتيب ڪم آندي آهي، سا 1853ع واري ايلس آئيويٽا واري آهي. (طالب المولي، 1991)

- 1992ع ۾ آفتاب ابڙي 'سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري' ترتيب ڏني، جنهن جي ترتيب ۾ 1960ع واري بلوچ آئيويٽا آڌو رکي وئي آهي. (ابڙو، 1992)
- 1996ع ۾ ڊاڪٽر غلام قادر سومري صاحب جيڪو 'سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت' تي پورهيو ڪيو، تنهن ۾ آئيويٽا جي ترتيب جو مدار 1960ع تي مبني آهي. (قادر، 1996)
- 2002ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاه جي شاعريءَ تي مبني 'روشني' نالي لغت ترتيب ڏني جيڪا پڻ 1960ع واري بلوچ آئيويٽا جي ترتيب تي رچي وئي. (بلوچ، 2002)
- 2004ع ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين هڪ ڪاميٽيءَ جي سٽ سان 'سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت' ايڊٽ ڪئي، جنهن ۾ 1960ع واري بلوچ آئيويٽا جي ترتيب رکي وئي. (فهميده، 2004)
- 2004ع ۾ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ 'سنڌي براهوي لغت' ترتيب ڏني، جنهن ۾ 1960ع واري بلوچ آئيويٽا جي ترتيب رکي وئي آهي. (بروهي، 2004)
- 2004ع ۾ پروفيسر سترام داس سنگهاڻي 'سائل'، 'سائل ڪوش' جي نالي سان سنڌي- سنڌي لغت جوڙي، جنهن جو پهريو جلد سنڌ ۾، 2009ع ۾ ڇاپيو ويو هن لغت ۾ 1853ع واري ايلس آئيويٽا جي ترتيب رکي وئي آهي. (سائل، 2009)
- 2005ع ۾ شهيد سومري 'تام' لفظن (ساڳئي لفظ جا مختلف استعمال) تي مبني هڪ نرالي لغت 'ٻوليءَ سندا ٻول' نالي ترتيب ڏني، جنهن ۾ 1960ع واري بلوچ آئيويٽا جي ترتيب ڪم آندي وئي. (شهيد، 2005)

- 2007ع ۾ محمد پناه ڦرڙي 'هندي- سنڌي لغت' ترجمو ڪئي، هن صاحب پڻ 1960ع واري بلوچ آئيوينا جي ترتيب ڪم آندي (ڦرڙو 2007)
- 2007ع ۾ ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ 'سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو' نالي سان هڪ مختصر لغت لکي پنهنجو نالو ڳڻايو جنهن ۾ هن صاحب عربي آئيوينا 'ابتث' ڪم آندي آهي (قادري 2007)
- 2008ع ۾ بدر ڏامراهي 'سنسڪرت- سنڌي لغت' تيار ڪري ڇپائي، هن جي ترتيب ۾ چوسٽن ۽ گهُٽن وينجنن سواءِ هڪ- اڌ ڀُل سان، 1960ع واري بلوچ آئيوينا ڪم آيل آهي. بدر ڏامراهي صاحب گهڻي قدر اهي اکر ترتيب ۾ رکيا آهن، جيڪي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا. (بدر 2008)
- 2009ع ۾ عزيز ڪنگراڻيءَ 'اکر اکر آرسي' نالي استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت ترتيب ڏني، جنهن ۾ 1960ع واري بلوچ آئيوينا ڪم آندي وئي آهي. (عزيز 2009)
- 2009ع ۾ محمد صفر سهتي 'ماڊرن سنڌي انگلش ڊڪشنري' نالي سان مرتب ڪئي آهي جنهن ۾ ڪمپيوٽرائزڊ ترتيب ڪم آندي وئي آهي. هيءَ ترتيب ٻين سڀني ترتيبن کان نرالي آهي. (صفر 2009)

### 3.1.1. لغتن ۾ ڪم آندل ترتيب جي ڇنڊڇاڻ

مٿين جاچايل مختصر جائزي مان جيڪي لغتون سامهون رکيون ويون تن جي ترتيب ۾ گهڻي قدر ٻن قسمن جون آئيوينائون ڪم آنديون ويون آهن، جن جي ٽيبل هيٺ رکجي ٿي:

| شمار | ترتيب/ آئيوينا | ڪتاب |
|---|---|---|
| 1 | ديوناگري آئيوينا | وٿنپتي ڪوش. |
| 2 | عربي آئيوينا | سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو. |
| 3 | اوائلي ۽ غير عام ترتيب | جواهر لغات سنڌي اڪيچار. |

| | | |
|---|---|---|
| 4 | 1853ع واري ايلس آئيوپٽا | سنڌي انگريزي لغت، لغات لطيفي، فرهنگ همايوني، تحقيق لغات سنڌي، سنڌي زبان جي بنيادي لغت، لغات سنڌي مخففات، سائل ڪوش. |
| 5 | 1960ع واري بلوچ آئيوپٽا | جامع سنڌي لغات، شاه جي رسالي جي فرهنگ، سچل لغات، سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري، سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت، روشني، سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت، سنڌي براهوي لغت، ٻوليءَ سندا ٻول، هندي- سنڌي لغت، سنسڪرت- سنڌي لغت. |
| 6 | ڪمپيوٽرائزڊ آئيوپٽا/ ترتيب | ماڊرن سنڌي انگلش ڊڪشنري. |

مٿي مختلف ترتيبن سان مرتب ڪيل لغتن جو ذڪر ڪرڻ جو خاص مقصد اهو ئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪافي اهڙيون لغتون آهن جن ۾ ترتيبن جو نمونو مٽ آهي، ان کان علاوه موجوده آئيوپٽا جي ترتيب به ذهن ۾ رکڻ ايتري آسان ناهي جيتري 1935ع واري سوني ترتيب ليکي وڃي ٿي. جڏهن ته اها ڳالهه به نوٽ ڪئي وئي آهي ته _ڪنهن به لغت ۾ 1935ع واري همه- شڪليءَ واري ترتيب ڪم نه آئي آهي._

3.2 **پهاڪن ۽ اصطلاحن/ محاورن جي ترتيب ۾ آئيوپٽا جو استعمال**

- 1905ع ۾ ديوان ڪيولرام آڏواڻيءَ پهاڪن تي مبني ڪتاب 'گل شڪر' ترتيب ڏنو جنهن جي ترتيب ۾ 1853ع واري ايلس آئيوپٽا ڪم آندل آهي. (ڪيولرام 1978)
- 1910ع ۾ گهنشام داس پڳت 'سنڌي ٻوليءَ جي سونهن' نالي سان اصطلاحن ۽ محاورن تي مبني هڪ لغت ترتيب ڏني، جنهن

جي ترتيب ۾ 1853ع واري آئيوِيٽا کي سامهون رکيو ويو آهي.
(گهنشام داس، 1910)

- 1987ع ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي اصطلاحن ۽ محاورن جي لغت 'اصطلاحن جي اصليت' نالي سان ڇپرائي، جنهن ۾ ترتيب 1960ع واري رکي وئي. (سنديلو 1993)
- 2002ع ۾ عبدالوهاب سهتي 'ننڍڙي روپ وارا ڇوٽيون ۽ پهاڪا' ترتيب ڏنو تنهن ۾ پڻ 1960ع واري بلوچ آئيوِيٽا ڪم آندي وئي آهي. (وهاب، 2002)
- 2006ع ۾ انجنيئر عبدالوهاب سهتي 'اترادي پهاڪا ۽ ڇوٽيون' نالي سان هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو جنهن ۾ 1960ع واري بلوچ آئيوِيٽا ڪم آندي وئي آهي. (وهاب، 2006)

3.3 ببليوگرافي، سوانح يا مختلف اسمن جي ڪتابن ۾ ترتيب جو استعمال

- عام طور ڪنهن مقالي يا ٿيسز ۾ ڏنل ڪتابيات (Bibliography) يا ڏسٽي (Index) وغيره ۾ مروَّج آئيوِيٽا پٽاندر ترتيب رکي ويندي آهي. 'عربي- سنڌي آئيوِيٽا جو اڀياس' جي ڪتابيات جي ترتيب ۾ 1960ع واري آئيوِيٽا جي پوئواري ڪئي وئي آهي.
- 1964ع ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ 'تذڪره مشاهير سنڌ' جي نالي سان سوانح لکي، جنهن جي ترتيب ۾ ڪم آندل آئيوِيٽا لاءِ ڪا به هڪ راءِ نه ٿي رکي سگهجي. (وفائي، 1985)
- 1901ع ۾ مسٽر دلامل بولچند صاحب 'A manual of Sindhi' انگريز ملازمن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ جي سلسلي ۾ لکيو هو جنهن جي منڍ ۾ عربي- سنڌي آئيوِيٽا جا اکر ۽ اچار ڏنل آهن. ان ڪتاب ۾ آئيوِيٽا جي ترتيب 1853ع واري ايلس آئيوِيٽا ڪم آندل آهي. (Bulchand, 2003: 1_2)

- 1906ع ۾ منشي آنندرام صاحب ڏارين کي انگريزيءَ ذريعي سنڌي سيکارڻ جي هڪ ڪوشش ونندي 'The Sindhi Instructor' لکيو جنهن ۾ پڻ 1853ع واري ايلس ترتيب ڪم آندل آهي. (Munshi, 2007: 19_21)
- 2010ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اختياري اداري، اڳ رٿيل رٿا جي سلسلي ۾ 'سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا' جا 3 جلد تيار ڪري ورتا آهن. هن اهم ڪم ۾ 1960ع واري ترتيب رکي وئي آهي.

### 3.4 آئيويٽا جي ترتيب جو شاعريءَ ۾ استعمال

شاعريءَ جي حوالي سان لوڪ ادب توڙي عروضي شاعريءَ ۾ آئيويٽا/ الف ـ بي جي پٺيءَ کي پڻ اهميت ڏني ويندي آهي. خاص طور ٽيهہ اکريءَ کي لوڪ ادب جي اهم صنف ۾ شامل ڪيو ويندو آهي ۽ ديوان کي عَروضي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. ٽيهہ اکري ۾ هر بيت جي شروعات ترتيبوار اکرن سان ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ ديوان ۾ رديف جي آخري اکر (حرف روي) کي ترتيب سان رکيو ويندو آهي.

#### 3.4.1 'ٽيهہ اکريءَ' ۾ آئيويٽا جي ترتيب

مذڪوره صنف بابت ڊاڪٽر عبد الڪريم سنديلو ڄاڻائي ٿو تہ: "ٽيهہ اکريءَ کي 'سہ حرفي' بہ چوندا آهن. يعني ٽيهن اکرن واري صنف. عربي 'الف ـ بي' جا جملي اکر اٺاويهہ آهن: ا، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ڪ، ل، م، ن، و، هہ، ي ليڪن استادن، ٻارن لاءِ 'الف همزه' (ء) ۽ 'لام ڦينچي' (لا) وڌائي جملي ٽيهہ حرف يا اکر ڪيا. جنهنڪري 'ٽيهہ اکري' سڏجڻ ۾ آئي.
ڪي 'ٽيهہ اکريون' اٺٽيهن آهن، جن ۾ بہ اکر 'لا' ۽ 'ء' ڪونهن يعني جملي 'اٺاويهن اکرن' تي ٻڌل آهن. ڪن ۾ وري 'اٺاويهن اکرن' مان بہ گهٽ اکر آندل آهن. پر لوڪ ادب جي محاوري مطابق اهي سڀ 'ٽيهہ

اڪريون' چئبيون. تنهنڪري 'ٽيهہ اکري' لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اها صنف، جنهن ۾ نظم عربي 'الف- بي' جي اکرن (پوءِ ٽيهہ هجن يا اناويهہ يا گهٽ) موجب نمبروار چيل هجن." (سنديلو 1986: 298)

شاعريءَ جي هن صنف ۾ عربي آئيوٽا جي ترتيب هجڻ جي بنياد تي ڊاڪٽر سنديلو لکي ٿو تہ: "ٽيهہ اکري جي سٽاءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ صنف، ويجهڙي زماني يعني ڪلهوڙن جي دؤر جي پيداوار آهي، ڇاڪاڻ تہ فارسي ۽ عربيءَ ۾ ساڳي صنف موجود آهي. تنهنڪري ائين پيو ڀانئجي تہ اسان جي استاد شاعرن، عربي ۽ فارسي 'سہ حرفين' کان متاثر ٿي، پنهنجي رنگ ڍنگ سان ٽيهہ اکريون جوڙيون. ٽيهہ اکريءَ جي شروعات غالباً مخدوم عبدالله واعظ ڪئي."

مثلاً: الف_ لڳ الله جي، ڪر داد منهنجو سرورا.
بي_ برايون عمر ڀر ڪيڙيون آهن مون بي حساب.

هن ٽيهہ اکري جو نمونو اهڙو آهي، جنهن جو پهريون اکر ۽ مصرع جي لفظ جو پويون اکر ساڳيو آهي. (سنديلو 1986: 300)

شاهہ محمد ديدڙ جي ٽيهہ اکريءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

الف اڄ ڪيانتل وچ، ڪانگل آزي منهنجي مچ،
توکي ڪالهہ رنڊايو ڪچ، پيرو ڪين پرين ڏنهن پچ،
اُڏي اڄ ڪا خبر آڻ، تا ٿئي منهنجي روح رهاڻ.

بي تون پڏ برهہ جي بات، هيئن لئج تون لعلڻ لات،
روئي ڪالهہ گذاريم رات، وائي جانب جي تم وات،
ڪج ڪا منهنجي وٽِ وراڻ، تا ٿئي منهنجي روح رهاڻ.

تي تون ڪيانتل ٻولج ڪلي، حال حقيقت قاصد ڪلي،
هيءَ جا ٻانهي تو آڻ مُلي، رويون راهہ ڏسي هٿ رلي،
هي چئج تون منهنجي ڪاڻ، تا ٿئي روح رهاڻ.

ٿي تــون ثابــت ڪٿ ثــواب، لاهہ عــشاقن ســر عـــذاب،
وڃـــج شائق ڪارڻ شـــتاب، رويون اڪـــين اوتـج آب،
آئج ساجن پنـهنجي ساڻ تا ٿئي منهنجي روح رهاڻ (لاڳيتو ....)
(سنڌيلو 1986: 310ـ 311)

3.4.2 ديوان ۾ آئيوپنا جي ترتيب

عَروضي شاعريءَ جي حوالي سان غزلن جي مجموعي کي 'ديوان' ڪوٺيو ويندو آهي. سنڌي شاعرن شروعاتي دؤر ۾ عربي يا فارسي زبان ۾ ديوان جوڙيا. ليڪن انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي 'پهرين صاحب ديوان شاعر' هجڻ جو شرف ' آخوند گل محمد گل' کي حاصل ٿيو. هن بزرگ 1858ع ڌاري پنهنجي ديوان لاءِ اُن وقت جي آئيوپنا سان سهمت نہ ٿيندي، پنهنجي 55 اکري آئيوپنا ترتيب ڏني، جنهن تي سندس 'ديوان گل' ٻڌل آهي.

لفظ 'ديوان' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، معنيٰ اٿس: شاهي دربار، ڪچهري، دفتر، وڏو عملدار، خزاني جو پنڊاري، وغيرهہ. پر ادبي دنيا ۾ اصطلاحاً اهو غزلن جو مجموعو جيڪو آئيوپنا/ الف ـ بي جي ترتيب موجب هر اکر سان ترتيبوار هڪ يا وڌيڪ غزلَ قافئي يا رديف وار جوڙيل هجن، تنهن کي 'ديوان' چئبو.

'ٽيهہ اکري' ۽ 'ديوان' ۾ الف ـ بي جي ترتيب ۾ خاص فرق اهو هوندو آهي، جو 'ٽيهہ اکريءَ' ۾ هر اکر الف ـ بي جي ترتيب پٺاندر اڳيان توڙي پويان ڪم آڻبو آهي، جڏهن تہ 'ديوان' ۾ هر اکر موجب هڪ يا وڌيڪ غزلَ الف ـ بي جي ترتيب پٺاندر قافئي يا رديف جي بنهہ پڇاڙيءَ ۾ ڪم آندو ويندو آهي، مثال لاءِ آخوند گل جو هڪ غزل ڏجي ٿو:

نير رنگ واڌو ڪيئي منجهہ جهڳ جهپ،
عـــشق وارو وڌ وڌي منـجهہ لـوس لـــپ.
پاڻيءَ تي ٺهڪي تپي جيئن جيئن ڪنو
تو رجهـي تيئن ڪاج جـيئن سانـيين اپ.
(وزارت تعليم، سنڌي نصاب، ٻارهين لاءِ، 2006)

2010ع ۾ ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشيءَ پنھنجن غزلن تي مبني ديوان ’حديث عشق‘ ترتيب ڏنو. ھن دوست جو مدار پڻ ڊاڪٽر بلوچ آئيوينا تي آھي. البتہ ان ۾ آئيوينا موجب ’نون اظھاريءَ‘ بجاءِ ’نون گھٽو‘ ڪم آندو اٿس. (اڪبر، 2010)

2010ع ۾ سيد گل محمد شاہ ’گل‘ بخاريءَ حمديہ ديوان ’عرفان شريف‘ ترتيب ڏنو جيڪو پڻ بلوچ آئيوينا تي انحصار ڪري ٿو. مذڪوره ديوان ۾ ھن بزرگ 52 اکرن ڪان اضافي 15 اکر رديف وار ڪم آندا آھن. پيش لفظ ۾ صاحب موصوف لکي ٿو تہ: ”الله تعاليٰ جا لک شڪر .... ھي حمديہ ديوان تيار ٿي چڪو آھي، جيڪو 52 اکرن ۽ 15 اضافي آوازن ۽ اچارن تي مشتمل ۽ سنڌيءَ ۾ مواد جي لحاظ کان سڀ کان وڏو حمديہ ديوان آھي.“ (گل، 2010: 5)

مٿين مختصر ديوانن ڏيڻ مان مراد اھا آھي تہ جن بزرگن بہ آئيوينا سامھون رکي آھي، تن ۾ ٿوروڪي گھٽو تفاوت ضرور آھي.

شاعريءَ ۾ آئيوينا جي ترتيب جي استعمال ۽ ان جي ڪارج جِي اھميت کي ڏسندي ان چوڻ ۾ ڪابہ ھبڪ نہ ٿي ٿئي تہ موجوده آئيوينا يا شروعاتي ترتيبيل آئيوينا عام طالب علم يا استعمال ڪندڙن لاءِ مقبوليت کان وڌيڪ مجبوري رھي آھي.

**ديوان ۾ ڪم آندل ترتيب جي ڇنڊڇاڻ**

مٿين ڇاڻايل مختصر جائزي مان جيڪي ديوان سامھون رکيا ويا تن جي ترتيب ۾ گھٽي قدر ٻن قسمن جون آئيويناڻون ڪم آنديون ويون آھن، جن جي ٽيبل ھيٺ رکجي ٿي:

| شمار | ترتيب/ آئيوينا | ڪتاب |
|---|---|---|
| 1 | 1853ع واري | شمس الدين بلبل. |
| 2 | 1960ع واري | سيد راشد مورائي، ڊاڪٽر اڪبر قريشي، گل محمد شاہ. |
| 3 | نرالي ترتيب | آخوند گل محمد گل. |

### 3.5 حاصل مطلب

- عام طور تي اها ڳالھ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ سنڌي لغتن ۾ مختلف ترتيبون ڪم آنديون ويون آهن؛
- لغتن ۾ اڪثريتي طور تي 1960ع واري بلوچ آئيويتا ڪم آندي وئي آهي؛
- ديوان ۾ گھڻي قدر 1853ع واري ترتيب ڪم آندي وئي آهي؛ ان کان علاوه نراليون ترتيبون پڻ نوٽ ڪيون ويون آهن؛
- تيھہ اکريءَ ۾ عربي آئيويتا ڪم آندي وئي آهي؛
- 2009ع ۾ محمد صفر سھتي پاران ڪمپيوٽرائزڊ ترتيب سامهون آئي آهي، جيڪا ڪنهن بہ ليکي ۾ ڪونہ ٿي اچي، ليڪن جديد دؤر موجب هڪ آساني ضرور رکي ٿي؛
- جديد دؤر پٽاندر ڪمپيوٽنگ ٽائيپوگرافيءَ ۾ عربي- سنڌي آئيويتا جي متعيّن ترتيب جو هجڻ، وقت جي گھرجَ ٿي پئي آهي؛ جنهن تي ٻيهر نظر ثاني ڪرڻ جي راءِ رکجي ٿي.

*وضاحت: سنڌي سوفٽ ويئر 'ايم. بي سنڌي' ماجد ڀرڳڙي صاحب جي ڪوشش جو نتيجو آهي، جنهن سبب 'Microsoft Office' ۾ متني سھوليتن سان، جاڳايل سوفٽ ويئر ڪم ڪري رهيو آهي. وقت گذرڻ سان مختلف گھرجن سبب، ڪي گھٽتائيون سامهون اچن ٿيون. انهن گھٽتائين ۾ اکري ترتيب جو معاملو بہ سامهون اچي ٿو. هيءَ گھٽتائي ان وقت محسوس ڪئي وئي آهي جڏهن 2009ع ۾ محمد صفر سھتي جي مرتّب ڪيل 'ماڊرن سنڌي انگلش ڊڪشنريءَ' ۾ هڪ نرالي ترتيب ڪم آندي وئي، جنهن ۾ مرتِّب، گھڻي نور نچوئڻ کان بچڻ لاءِ 'Microsoft Office' جي 'Table' ۾ 'Sort' وارو آئيڪون استعمال ڪندي فارسي ترتيب ڪم آندي*

## ڪمپيوٽنگ ترتيب

ء ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ث ٺ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع

غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ي

ق ک ڪ ڳ گ ڻ

هن ترتيب ۾ گهڻي قدر نرالا سنڌي اکر آخر ۾ اچي وڃن ٿا. ان حالت ۾ ڪمپيوٽنگ ٽائيپوگرافيءَ جي ماهرن کي ’ايم. بي سنڌي‘ سوفٽ ويئر ۾ ترتيب جي معاملي تي ٻيهر نظر ڊوڙائڻ لاءِ عرض رکجي ٿو.

## باب چوٿون

# 4. عربي ـ سنڌي رسم الخط ۽ آئيوينا جي سرڪاري مقرري

### 4.1 انگريزي دؤر ۾ عربي ـ سنڌي آئيوينا ۽ رسم الخط جي حالت

سنڌي ٻولي ۽ صورتخطيءَ ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ ڪافي ترقي ڪئي، جنهن لاءِ ان دؤر جي عالمن ۽ شاعرن ڪيرون لهڻيون. حالانڪ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي حڪومت هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪا سرڪاري پذيرائي حاصل ٿي ڪونہ سگهي. ان بعد ٽالپرن جي دؤر ۾ پڻ سرڪاري سطح تي حالت ساڳي رهي، ليڪن ان هوندي بہ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جيڪو پاڻ ملهايو سا تاريخ ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. ان بعد انگريزي دؤر حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندي سرڪاري طور ڪافي ترقي ڏياري وئي.

جاٽايل حالت کي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هيئن لکي ٿو تہ: "انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ جي لکاوٽ جو ڪوبہ هڪ سرشتو نہ هو. عربي ـ فارسي لکاوٽ ۾ سنڌيءَ جي آوازن لاءِ هرڪو ڪاتب پنهنجيءَ سمجهہ مطابق جدا جدا حرف پيو ڪتب آڻيندو هو. ايتريقدر جو هڪ ئي ڪاتب جي لکيل قلمي نسخي ۾ هڪ ئي سنڌي آواز لاءِ علحده حرف ڪتب آندا ويندا هئا. سنڌي هندو واپاري ۽ خواجہ توڙي ميمڻ، سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ 'سنڌي لِپي' (هٽ واڻڪائي يا خواجڪي لِپي) استعمال ڪندا هئا. ان کان سواءِ سنڌ جا هندو رهواسي ديوناگري (جنهن کي شاستر ديوناگري اکر بہ چوندا هئا) ۽ گرمکي لِپين ۾ سنڌي ٻولي لکندا پڙهندا هئا. سبب اهو هو تہ ڌرمي شاستر ديوناگري لِپيءَ ۾ لکيل هئا. نانڪ پنٿ جو سنڌ ۾ گهڻو پرچار ٿيڻ کان پوءِ سک مت جا ڌرمي گرنٿ گرمکي لِپيءَ ۾ هئڻ ڪري، انهن ٻنهي لِپين جو سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ استعمال

ٿيڻ لڳو. هندستان جي ٻين گهڻن ئي پرانتن وانگر، سنڌ ۾ پڻ مسلمان حاڪمن جي دؤر ۾ سرڪاري ڪاروبار جي ٻولي فارسي هئي. پر انگريزن جي سنڌ ۾ حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ، پهرين ڏهاڪو کن سالن تائين فارسيءَ جو استعمال رهيو. عربي ٻوليءَ جو اسلام سان واسطو هئڻ ڪري، گهڻا مسلمان عربي لِپيءَ جو استعمال ڪندا هئا، پر، عربي ۽ فارسي ٻوليون سنڌ جي عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر هيون. فارسي ٻوليءَ جو سرڪاري لکپڙهه ۾ اهڙو حال هو جو جملن ۾ اڌ کان مٿي سنڌي لفظن جو استعمال پيو ٿيندو هو." (جيتلي، 1999:90)

1845ع ۾ بمبئيءَ جي بورڊ آف ايڊيوڪيشن، سنڌ ۾ ايڊيوڪيشن ايجنسيءَ جي ٺاهڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. ساڳئي وقت اها تحريڪ به هلي رهي هئي ته سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان بڻائجي. انهيءَ تحريڪ نيٺ مادري زبان (Vernacular language) ۾ تعليم ڏيڻ جو سوال پيدا ڪيو. انگريز عملدارن مان ڪي سنڌي ڳالهائي سگهندا هئا، پر سندن عملي مان ڪوبه ماڻهو سنڌي لکي نٿي سگهيو. ملڪ جو نظام ترجمانن (Interpreters) ذريعي هلندو هو ۽ سرڪاري دفتر، پارسي زبان ۾ رکيو ويندو هو. 1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلرڪ، هڪ حڪم نامو ڪڍيو جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي. (الانا، 1993:94_ 93)

1851ع تي سنڌ جي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر (Sir Bartle Frere) هڪ اطلاع نامو ڪڍيو جنهن ۾ سرڪاري عملدارن کي هدايت ڪيل هئي ته هو سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن. هن جي فرمان نامي ۾ ڄاڻايل هو:

- آئيندي سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي.
- يورپي ۽ ٻيا ڀرڌيهي آفيسر سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن ته جيئن سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سر حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهه به سمجهي نيڪال ڪن.
- سنڌي اسڪول کلن. (الانا، 1993:93)

ڪاڪو پيرومل لکي ٿو ته: ”پر سنڌيءَ لاءِ ڪا خاص مقرر ٿيل آئيوِيٽا هئي ڪانه. ته پوءِ اهي ٿيئي مرادون ڪيئن حاصل ٿين؟ انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٿورا ٻيا ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا. جو اڳي ٻيو نمونو هو ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا پائيبند هندو- سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ لاڪنائون يا ماترائون ڪونهن ۽ پنجاب جي ’لنڊا‘ يا ٻتن اکرن وانگر آهن. ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا- اهي اڄ تائين به پنهنجو حساب ڪتاب هندو - سنڌي اکرن ۾ رکندا آهن: هندن ڪان به خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاڪنائون يا ماترائون ڪم آڻين ٿا.“ (پيرومل، 1956: 258)

ان وقت سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙ سڌاريل ماترائن (سُر) سان ديوناگري آئيوِيٽا لاءِ ڪاڪو پيرومل ڄاڻائي ٿو ته: ”سن 1890ع ڌاري ، سنڌ جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٿورا هندو- سنڌي اسڪول کولايا، ۽ هندو- سنڌي آئيوِيٽا ۾ ماترائون گڏايائين _ اهو ڪم (ساهتي پرڳڻي جي) سرڳواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ڪيو هو. انهيءَ نئين آئيوِيٽا ۾ ڪي هندو - سنڌي ڪتاب به ڇپجي پڌرا ٿيا هئا.“ (پيرومل، 1956: 258)

سنڌ جا ٻاوا، عاملن توڙي پائيبندن جون زالون، بلڪ ڪيترا پائيبند، گرمکي اکر ڪم آڻيندا هئا. جي سکن جي ٻي پاتشاهي گرو انگد صاحب، 1538ع ۽ 1552ع جي وچ ڌاري جوڙيا هئا. سنڌ جا مسلمان توڙي هندو ڪامورا عربيءَ ۽ پارسيءَ جي نموني سنڌي مضمون لکندا هئا، ۽ سيڪنهن جي لکڻ جو نمونو پنهنجو پنهنجو هوندو هو. (پيرومل، 1956: 258_259)

انگريزن جي صاحبيءَ جا پهريان ٿورا ورهيه، سڀ سرڪاري لکپڙهه پارسيءَ ۾ هلندي هئي، ۽ انگريزي ڄاڻندڙن کان ترجمو ڪرائي، انگريزي عملدار ڪم پيا ٺپائيندا هئا. (پيرومل، 1956: 259)

4.2 **آئيوينا/ رسم الخط جي تعين لاءِ ڪاميٽي ۽ متضاد رايا**

نيٺ مڙني ڳالهين کي سامهون رکي مسٽر ايلس (B. Ellis) اسسٽنٽ ڪمشنر، جي صدارت هيٺ اٺن مقامي، ٻن يورپي ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، انهيءَ ڪميٽيءَ تي هيٺيان ميمبر هئا:

1. راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ (جنهن جي نالي پٺيان N.J.V هاءِ اسڪول ڪراچي ڪوٺجي ٿو.)
2. خانبهادر مرزا صادق علي بيگ (جنهن جي سڃاڻپ تي ڪانه سگهي آهي)*
3. ديوان پريداس انند رام رامچنداڻي.
4. ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي.
5. ديوان ننديرام سيوهاڻي.
6. ميان محمد حيدرآبادي.
7. قاضي غلام علي ٺٽي وارو.
8. ميان غلام حسين ٺٽي وارو.

انهيءَ ڪميٽيءَ تي ٻه انگريزي عملدار به ڪنيا ويا هئا.

9. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ.
10. ڪئپٽن رچرڊ برٽن.

*وضاحت: مرزا صادق علي بيگ لاءِ ڪن ماهرن جو رايو آهي ته هي بزرگ شڪارپور جو هيو جنهن لاءِ محترم تاج جوئي صاحب شڪارپور جي هاءِ اسڪول ۾ موجود هيڊ ماسٽرن جي لسٽ مان اندازو ڪيو ته صاحب موصوف شڪارپور جو آهي، (ڏسو: سنڌي ٻولي جرنل سيپٽمبر 2008) حالانڪ مذڪوره صاحب ساڳيو ئي آهي جيڪو مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ هيو جيڪو سنڌي مسلمانن جو پهريون شخص هيو جنهن BA ڪري اٿندي ئي شڪارپور جو هيڊ ماسٽر ٿيو. اهڙو اشارو مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ*

*پنھنجي آتم ڪٿا: 'سائو پن يا ڪارو پنو' ۾ ڏنو آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي ڄاڻائڻ موجب مرزا قليچ بيگ 1853ع ۾ ڄائو ۽ مرزا صادق علي بيگ ڪانئس 10 سال وڏو هيو جڏهن ته سرڪاري طور تي آئيويٽا جي مقرري 1853ع ۾ ٿي آهي، ان صورت ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته مرزا صادق علي بيگ 10 سالن جي عمر ۾ آئيويٽا ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو هوندو! ان وضاحت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته 1853ع واري ڪاميٽيءَ ۾ مقرر ٿيل ميمبر مرزا صادق علي بيگ اڄ سوڌو ڇنيءَ طرح پتو نه پئجي سگهيو آهي ته هي بزرگ ڪٿان جو هيو ۽ ڪهڙي حيثيت تحت ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو؟*

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته: "انگريز ميمبر ان لاءِ نامزد ٿيا ته اهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن رسم الخط جي مقرريءَ تي هو پنھنجا مشورا ڏيئي سگهن. هن ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا رايا متضاد هئا. جنهنڪري صورتخطيءَ تي سخت بحث ٿيو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن، جيڪي لسانيات جا ماهر هئڻ سبب مشوري ڏيڻ لاءِ ڪميٽيءَ تي کنيا ويا هئا. تن ۾ به اختلاف ٿي پيو. ڪئپٽن اسٽئڪ جو رايو هو ته سنڌيءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط مقرر ڪيو وڃي. پنھنجي دعويٰ جي دليل ۾ هو پنھنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي گرامر' ۾ بيان ٿو ڪري ته: 'هن ڪم جي شروعات ڪرڻ وقت، اول سوچڻو پيم ته ديسي لفظ ڪهڙي خط ۾ لکان. پنھنجي انتخاب لاءِ منھنجي نظر ۾ سنڌي خط، رومن خط، پارسي خط، گرمکي خط ۽ ديوناگري خط هئا. پارسي خط کي انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم، جو منھنجي اڳيان 'وادن جو گرامر' (Wathena's Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. پارسي خط مقرر ڪرڻ کان اڳ ڪيترن ئي نج سنڌي آوازن لاءِ نئيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها، جن جا آواز پارسي خط سنڌين لاءِ بلڪل ائين ٿيندو جيئن رومن خط جنهن ۾ صورتن جا اضافا ڪجن ها يا تبديليون ڪن ها، جيڪي پارسيدانن کي جيڪر عجيب لڳن ها.'

اسٽئڪ انهيءَ ڪري ديوناگري خط اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ ان لاءِ هيٺيان ٻه دليل ڏنائين:

1. هن خط کان يورپي عملدار بخوبي واقف آهن.
2. هيءُ خط سنڌي زبان لاءِ بنيادي خط آهي.

اسٽئڪ ديوناگري حرفن ۾ ڪي نشان گڏي، سنڌي آوازن لاءِ صورتون ٻه مقرر ڪيون هيون. ٻئي طرف ڪئپٽن رچرڊ برٽن زور آندو ته سنڌي زبان لاءِ عربي سنڌي خط ئي زياده موزون ٿيندو. پنهنجيءَ دعويٰ جي دليل ۾ هو لکي ٿو ته 'سنڌي زبان لکڻ لاءِ ديوناگري توڙي ٻيا ڪيترائي خط چونه هجن، پر اهي سڀ انهن جي موجوده صورت جي ڪري بيڪار آهن. هن انلاءِ هيٺيان سبب ڄاڻايا آهن:

(1) ديوناگري خط يقيناً عالماڻو خط آهي، انهيءَ ڪري هيءُ خط لغت، گرامر ۽ اهڙن ٻين ڪمن لاءِ بهتر ٿيندو جيڪي غير سنڌين (Europeans) کي سنڌي زبان سيکارڻ جي مراد سان لکيا ويا هجن، پر ساڳئي وقت، ديوناگري خط ۾ ڪيترين اوڻايون ٻه آهن. گهڻ ۾ گهڻ اهڙا ويهه حرف آهن جن کي اعرابن (diacritical marks) ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي، جيئن مختلف آوازن جي حرفن کي ڌار ڌار سمجهي سگهجي. ازان سواءِ هيءُ خط آسانيءَ سان لکي به نه سگهندا، جو هي بلڪل غير مانوس خط آهي.

(2) خداوادي (خدا آبادي) خط لاءِ ڪيل سفارش جي مخالفت ۾ برٽن صاحب دليل ڏيندي لکيو آهي ته حالانڪ هيءُ خط هندن جي با اثر حلقي ۾، يعني واپارين ۾، عام طور استعمال ٿئي ٿو پر ان جي موجوده صورت عام فهم نه آهي.

(3) گرمکي خط لاءِ لکي ٿو ته جيتوڻيڪ گرمکي خط ديوناگريءَ جو هڪ آسان نمونو آهي، پر اهو پنجابيءَ لاءِ ئي موزون آهي، پر سنڌيءَ لاءِ موزون ٿي نٿو سگهي. هن خط جي مقرر ڪرڻ لاءِ ديوناگريءَ وانگر حرفن ۾ گهڻيون ئي تبديليون آڻيون پونديون.

(4) برٽن، ڪميٽيءَ تي زور آندو تہ عربيءَ جو نسخ رسم الخط سنڌ جي حالتن جي لحاظ کان نهايت ئي موزون ٿيندو. هن خط جي خوبي ان مان ئي ظاهر آهي تہ الجيريا کان وٺي گنگا نديءَ تائين، بخارا کان سلون تائين، هيءَ خط پکڙيل آهي. صدين تائين هن خط کي آزمايو ويو آهي، ۽ ٿوري ڦير گهير سان مختلف زبانن لاءِ ڪارگر سمجهيو ويو آهي. هن خط جي خاص خوبي هيءَ بہ آهي جو ٿوريءَ ئي تبديليءَ سان، هندستان (برصغير هند-پاڪ) جي مورڏني (cerebrals) ، ايران جي روان (liquids) ۽ عربستان جي نڙيءَ وارن (gutturals) آوازن لاءِ عربي رسم الخط جون صورتون مقرر ڪيون ويئيون آهن. هن خط کي ايشيا جو اعليٰ ترين (par excellence) رسم الخط چئي سگهجي ٿو.

نسخ خط جي سفارش لاءِ ڪئپٽن برٽن، ڪميٽيءَ اڳيان وڌيڪ هيٺيان دليل پيش ڪيا:

- سنڌ جو سمورو علم ادب قديم زماني کان وٺي هن ئي رسم الخط ۾ ملي ٿو.
- سيئي پڙهيل مسلمان هيءَ رسم الخط پڙهي سگهن ٿا، ۽ منجهائن اڪثر لکي بہ سگهن ٿا.
- جيتوڻيڪ هندو عامل هيءَ رسم الخط پڙهي نہ ٿا سگهن، پر اها تسليم شده حقيقت آهي تہ سنڌي عامل نستعليق خط (پارسي خط) مان چڱيءَ طرح واقف آهن، تنهنڪري هيءَ خط انهن لاءِ بہ مشڪل نہ ٿيندو." (الانا، 1993: 96-99)

"حروف تهجيءَ لاءِ صرف ٻن آفيسرن کي، جي سنڌي زبان ڄاڻندا هئا، تن کي راءِ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو. هڪ هو ڪيپٽن رچرڊ برٽن ۽ ٻيو هو ڪيپٽن جارج اسٽئڪ. ٻنهين ۾ اختلاف پيدا ٿيو. رچرڊ برٽن عربي رسم الخط جي حمايت ۾ هو ۽ اسٽئڪ هندي رسم الخط جي حق ۾ هو. ان اختلاف کي ڏسي، فريئر بہ نسلي ۽ قومي پهلوءَ کي اڳيان رکي پريشان رهيو. ان بعد اهو فيصلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس جي حڪم تي عربي حروف تهجي جي حق ۾ ڪيو ويو." (انگريز گورنر، 1967: 134-138)

### 4.3 عربي۔ سنڌي آئيويٽا/ رسم الخط جي حق ۾ رچرڊ برٽن جا دليل

ڪاڪو ڀيرومل صاحب ان بحث کي هيئن لکي ٿو ته: "سر رچرڊ برٽن هڪڙيءَ ڳالهه تي، ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ ٻيءَ ڳالهه تي ٿي بيٺو ته سر بارٽل فريئر وڏي ويچار ۾ پئجي ويو ڇي: جيڪڏهن عربي_سنڌي اکر ٺاهبا ته هندو اهي اکر سکندائي ڪين، ۽ جي هندو۔ سنڌي آئيويٽا چالو ڪبي، ته مسلمانن کي اها ڳالهه ڪين آڙنديءَ اڻين هن علمي ڳالهه کي گويا فرقيوار رنگ اچي ويو ۽ هيءَ هڪ هندو۔ مسلم سوال ٿي پيو! آئيويٽا جو جيستائين فيصلو نه ٿيو تيستائين سنڌي اسڪول به کلي نٿي سگهيا. نيٺ اهو آئيويٽا جو سوال 'ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ' جي ڊئريڪٽرن جي ڪورٽ ۾ فيصلي لاءِ ويو. سن 1853ع ۾ انهيءَ ڪورٽ فيصلو ڪيو ته 'سنڌي آئيويٽا لاءِ عربي صورتخطي آزمائڻ گهرجي.' تعليمي ڪمن لاءِ ڏهه هزار رپيا منظور ٿي آيا، تنهن کان پوءِ ڪم شروع ٿيو. نئين سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن هندو صاحبن زور ڀريو ته 'ا' ۽'ع' ؛ 'ت' ۽'ط'؛ 'ث' ، 'س' ۽ 'ص' ؛ 'ز' ، 'ذ' ، 'ض' ۽ 'ظ' ؛ 'ڪ' ۽ 'ق' ؛ ' ح' ۽ 'ھ' جهڙن اچارن لاءِ ڌار ڌار اکر بدران هڪ هڪ اکر مقرر ڪري، اکرن جو تعداد گهٽائجي، سندن اها رٿ هيٺين سببن ڪري رد ٿي:

1. سنڌي ٻولي اڳي ئي عربي صورتخطيءَ ۾ لکڻ ۾ پيئي اچي، تنهنڪري عربيءَ وارا سڀ اکر قائم ڪجن، باقي رڳو نج سنڌي اکرن لاءِ ڪي صورتون مقرر ڪجن.
2. جيڪڏهن عربي لفظن جون صورتون مٽائي ڇڏيون ته پوءِ لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي ويندي، عربي ۽ فارسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙو مونجهارو پيدا نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته عربي ۽ پارسيءَ جون نهايت عمديون لغتون اڳي ئي موجود آهن.

3. جيڪڏهن عربي اکرن جون صورتون ڦيرائبيون، ۽ مسلمانن جا نالا، جهڙوڪ 'محفوظ علي' بدران 'محفوز الي' لکبو، ته ڪوبہ مسلمان اها ڳالهہ قبول نہ ڪندو ته هڪ با معنيٰ ۽ درست نالو ڦيرائي هڪ بلڪل بي معنيٰ ۽ غلط صورت وارو نالو ڪم آڻجي.

4. عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي هن وقت (1853ع) تائين، سڀ سنڌي ڪتاب عربي ۽ پارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن. جيڪڏهن هينئر عربي حرفن جون صورتون ڦيرائبيون، تہ اهو چئڻ صدين جو علم ادب (ساهت) مسلمانن جي آئيندي نسل لاءِ بلڪل بيڪار ٿي پوندو. (پيرومل، 1956: 260، 263ـ264)

ان سڄي صورتحال لاءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، 29 ڊسمبر 1854ع واري ايلس واري رپورٽ جي بنياد تي ڄاڻائي ٿو تہ: "ڊئريڪٽرن جو سنڌيءَ جي لکاوٽ بابت فيصلو سال 1853ع جي شروعاتي مهينن ۾ بارٽل فريئر وٽ پهتو هن پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر بي. ايڇ. ايلس کي انهيءَ تي عمل ڪرڻ لاءِ هدايت ڏني. ايلس پنهنجي رپورٽ، 29 ڊسمبر 1854ع تي تيار ڪري ڪمشنر کي ڏني، جا سال کن ڪمشنر جي آفيس ۾ پيئي هئي. بارٽل فريئر 24 ڊسمبر 1855ع تي اها رپورٽ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تعليم کاتي جي ڊئريڪٽر سي. جي. ايرسڪائين کي موڪلي، جيڪا بمبئي سرڪار 1856ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. انهيءَ رپورٽ جي باريڪيءَ سان اڀياس ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس پنهنجي بالا عملدار بارٽل فريئر جي هدايت ۽ رضامنديءَ سان جيڪا عالمن جي ڪاميٽي ٺاهي، ان جولاءِ 1853ع ۾ عربي- سنڌي الف- بي جي تختي تيار ڪري ڇپائي پڌري ڪئي. ايلس اها سياڻپ ڪئي تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙي لپي اپنائجي (عربي- سنڌي يا خدا آبادي؟) انهيءَ سوال کي ڪاميٽيءَ جي اڳيان ايجنڊا تي رکيائين ئي ڪونہ هن لکيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن ماهرن يورپي عملدارن انهيءَ سوال تي اڳيئي وستار سان بحث ڪيو هو ۽ ان بحث ۾

ٻين عملدارن جا رايا بہ ويچار هيٺ آندا ويا هئا. ان بحث ۾ پنج کن سال اڳيئي گذري چڪا هئا، پر ڪوبہ يڪراءِ فيصلو تي نہ سگهيو هو انهيءَ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتاب، گرامر ۽ ڊڪشنريون وغيره ڇپائڻ جون رٿائون بہ پاڻيءَ ۾ پسي پيون هيون. جيڪڏهن انهيءَ سوال تي ڪاميٽيءَ ۾ وري بحث پئي شروع ٿيو تہ انهيءَ جو انت ئي ڪونہ ٿيندو، فقط ڪاغذ ڪارا ٿيندا ۽ ڏگها ڏگها منٽس تيار ٿيندا ويندا. سنڌي ٻوليءَ جو ماهر رچرڊ برٽن ان وقت سنڌ ۾ حاضر ڪونہ هو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پڻ بيماريءَ جي ڪري علاج لاءِ موڪل تي لنڊن هليو ويو هو. ايلس پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ انهن پنهي عالمن جا ويچار اسان وٽ اڳيئي فائيلن ۾ موجود آهن. ان ڪري ان سوال تي ٻيهر بحث ڪرڻ مان ڪوبہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪرندو فقط وقت جي بربادي ٿيندي. اها ڳڻ ڳوت ڪري هن مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ اڳيان فقط سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي لِپيءَ ۾ لکاوٽ جو هڪ روپ مقرر ڪرڻ جو مسئلو ايجنڊا تي رکيو." (جيتلي، 1999: 97)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق موجب: "ٻن سڄاڻ انگريز عملدارن رچرڊ برٽن ۽ بي. ايچ. ايلس جي زوردار دليلن بعد ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس لنڊن جي سرڪاري مراسلي Dispatch No: 46 مورخہ 8 ڊسمبر 1852ع ۾ آخري طور سنڌ ۾ 'عربي- سنڌي رسم الخط' جي جاري رهڻ جو فيصلو ٿيو. ان بعد جولاءِ 1853ع ۾ 'نظر ثاني ڪيل الف- بي' کي ڪاغذ جي هڪ وڏي شيٽ تي ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح 1855ع ۾ 'نظر ثاني ڪيل عربي- سنڌي الف- بي' رائج ٿي."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تحقيق موجب خيال ڏيکاريندي لکي ٿو تہ: "هن کان اڳ اڪثر ائين پئي سمجهيو ويو آهي تہ موجوده سنڌي الف- بي نئين سر ٺاهي ڪانہ ويئي پر اڳ هلندڙ الف- بي تي نظر ثاني ڪري ان کي ڪن ترميمن ۽ اضافن سان رائج ڪيو ويو. سنڌ جي ڪمشنر سر هينري بارٽل فريئر سنڌ ۾ تعليم بابت بي. ايچ ايلس جي رپورٽ سان

شامل سندس روانگي واري خط ۾ صاف طور ڄاڻايو آهي تہ مسٽر ايلس اڳين مسلمان عالمن جي 'ايجاد ڪيل' حرفي صورتن کي سامهون رکي انهن مان ڪي خاص صورتن وارا حرف استعمال لاءِ چونڊيا ۽ پڻ جزوي ترميمن سان ڪي پيا اکر شامل ڪري الف- بي پوري ڪئي. ڪمشنر فريئر اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنل الف- بي کي 'نئين سر ايجاد ڪيل' الف- بي بدران صحيح طور تي 'نظر ثاني ڪيل' الف- بي (the alphabet revised) سڏيو آهي. سن 1853ع تائين ڪاتبن جي لکيل ڪتابن مان ظاهر آهي تہ سنڌي اچارن لاءِ هيٺين صورتن وارا حرف اڳ ئي سنڌي صورتخطي ۾ رائج هئا: ٻ، ڀ، ٽ، ٺ، ٿ، ڄ، ڃ، ڇ، ڍ، ڏ، ڊ، ڌ، ڙ، ڦ، ڪ، ک، ڳ، ڻ" (بلوچ، 1992: 14)

اصل ۾ ڊاڪٽر بلوچ صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ ايلس واري آئيوڻا کي 'نظر ثاني ڪيل' الف- بي (the alphabet revised) ڪوٺيو آهي تہ سنڌ جا پراڻا ڪاتب يا لکندڙ انهن اکرن جا روپ اڳ ئي استعمال ڪندا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌ جا ليکڪ يا ڪاتب انهن اکرن جون رسمون اڳ ئي ڪم آڻيندا هئا. حقيقت ۾ ايلس جي ڪاميٽيءَ جيڪا آئيوڻا ترتيب ڏني ان ۾ هڪ اڌ اکر جي ردوبدل بعد هاڻوڪي 'ايلس جي آئيوڻا' بيهاري وئي، جيڪا اصل ۾ مشن هائوس جي هارون لوهار جي طرفان هڪ اڌ اکر جي بدل سان هڪ چارٽ ذريعي عام ڪئي وئي هئي، جنهن بابت بي. ايچ ايلس جي رپورٽ ۾ واضح ڄاڻايو ويو آهي.

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس جي حڪم تي عربي حروف تهجيءَ جي حق ۾ ڪيل ان فيصلي اچڻ تي سر فريئر، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ايلس کي اهوڪم سپرد ڪيو تہ عربي حروف تهجي تيار ڪرائي. عربيءَ ۾ رڳا اٺيهہ حرف آهن (عربيءَ ۾ اصل ۾ اڻاويهہ حرف آهن، باقي اکرن جي شڪل جي مٿا سٺا تحت اٺيهہ يا ٽيهہ بہ ٿي سگهن ٿا) . ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ انهن جي صوتي اثرات ۽ خصوصيات کي قائم رکڻ لاءِ ان گهٽتائيءَ کي ٽيڪن جي وسيلي سان پورو ڪيو ويو. ان

نئين رسم الخط نهايت تيزيءَ سان ترقي ڪئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو پوءِ ستت ئي سنڌي پولي صوبي جي سرڪاري زبان قرار ڏني وئي ۽ سرڪاري دفترن مان فارسي خارج ڪئي وئي. (انگريز گورنر، 1967: 134 ـ 138)

### 4.4 انگريزن پاران عربي ـ سنڌي آئيوٽا/ صورتخطي لازمي قرار

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ اردو مقالي ۾ انگريزن پاران مقامي ملازمن ۽ انگريزن ٻنهي لاءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ۾ صلاحيت جو امتحان لازمي قرار ڏيڻ واري حوالي سان لکي ٿو ته: "ان سلسلي ۾ پهريون امتحان 2 نومبر 1855ع کان اڳ ٿيو جنهن ۾ هڪ انگريز ۽ هڪ ديسي آفيسر ڪامياب ٿيا. انگريز ۽ هندو آفيسر جي هڪ اثر واري ٽولي عربي ـ سنڌي نسخ رسم الخط کي بدلائي ان جي جاءِ تي 'ديوناگري' يا 'سنڌي واڻڪا اکر' کي رائج ڪرڻ جي زوراٽي ڪوشش ڪئي ۽ ڪتاب لکيا. مگر عربي ـ سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي زبان جي تاريخي، تدريسي، علمي، ادبي ۽ تصنيفي روايتون ايتريون ته مضبوط هيون جو اهي ڪوششون آخرڪار ناڪام ٿيون ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي انتظامي مجلسن جاري ٿيل سنڌي ـ عربي رسم الخط کي جزوي ترميمن ۽ اضافت سان رائج ڪرڻ جو فيصلو ڏيئي ڇڏيو. سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر بي ـ ايچ ايلس سنڌ جي عالمن جي جوڙيل سنڌي حرفن جي جاري ٿيل مختلف صورتن مان ڪجهه خاص صورتون چونڊي ورتيون ۽ نظرثاني ڪانپوءِ جولاءِ 1853ع ۾ 'سنڌي الف ـ بي' تي ٻڌل قرطاس شايع ڪري ڇڏيو جيڪو هڪ جهڙي نموني تي تعليمي ۽ دفتري شعبن ۾ رائج ٿيو." (بلوچ، 96 ـ 1995: 6 ـ 29)

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ان ڏِس ۾ لکي ٿو ته: "1853ع جي شروعاتي دؤر ۾ ايلس پنهنجيءَ صدارت هيٺ سنڌي عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي. انهن جي صلاح سان هن عربي ۽ فارسي اکرن ۾ ضروري سڌارا ۽ واڌارا ڪري، انهيءَ رسم الخط ۾ سنڌي الف ـ بي جو هڪ چارٽ تيار

ڪرايو. جيڪو جولاءِ 1853ع ۾ سيني اسڪولن ۾ سرڪاري ڪاروبار ۾ تعليم جي ڪيتر ۾ سنڌي ٻولي انهيءَ رسم الخط ۾ لکي وڃي. سنڌيءَ لاءِ تيار ڪيل اها معياري الف- بي اڄ تائين هلندي پيئي اچي، جيتوڻيڪ جدا جدا لفظن جي هجيئن ۾ زيرن زبرن جو مسئلو اڃا تائين حل نہ ٿي سگهيو آهي."

ڊاڪٽر مرليڌر اڳتي ڄاڻائي ٿو تہ: "ايلس انهيءَ دؤر ۾ سياڻپ ڪري، انهن سنڌي هندن کي بہ راضي رکيو جن گهر ڪٺي تہ سندن ٻارن کي ديوناگري، گرمکي يا هندو- سنڌي اکرن ۾ سنڌي ٻولي سيکاري وڃي. انهيءَ طبقي لاءِ سرڪار طرفان پرائمري سطح جا درسي ڪتاب انهن لپين ۾ بہ ڇپايا ويا. پر جيئن تہ سرڪار سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط اختيار ڪرڻ جي حق ۾ هئي، انهيءَ ڪري ٻين لکاوٽن جو دائرو ڀاڱمرادو ڏينهون ڏينهن محدود ٿيندو ويو." (جيٽلي، 1999: 31)

مٿي ڊاڪٽر بلوچ جي ڄاڻائڻ موجب تہ: "1855ع ۾ 'نظر ثاني ڪيل عربي- سنڌي الف- بي' رائج ٿي." مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ 1853ع ۾ مقرر ٿيل آئيوينا جي 1855ع ۾ باقاعده لاڳو ٿيڻ ۾ ٻہ سال رنڊڪ پوڻ جا ضرور ڪي سبب هوندا. هڪ تہ ان آئيوينا تي مبني ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ گهڻل ٿي هوندي، ٻيو تہ انهن ڏينهن ۾ لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ وارد ٿيو جنهن مقرره آئيوينا تي چوهڙ چنبيندي پنهنجا نرالا رايا رکي هڪ الڳ آئيوينا ترتيب ڏني، جنهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پڻ سعيو ڪيائين. ان حوالي سان ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻٽ پنهنجي تحقيق موجب ڄاڻائي ٿو تہ:

"جولاءِ 1853ع ۾ موجوده 52 اکري سنڌي الف- بي جي سڌاريل تختي تيار ڪرائي، ليٿو ۾ ڇپرائي، سڄي سنڌ ۾ ورهائي وئي .... سرڪاري خرچ سان انهيءَ رسم الخط ۾ اسڪولي ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿي ويا. جن جي نگراني لائق ڏيهي منشين جي مدد سان ايلس پاڻ ڪري رهيو هو. جفاڪشي ۽ خلوص جو اهو مقام هو جو فقط هڪ سال اندر 'باب نامي' کان علاوه ڇهہ ٻيا ڪاراڻتا ۽ بنيادي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا.

انهيءَ دوران ٻولين جو هڪ ٻيو عالم ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 12 سيپٽمبر 1854ع تي ڪراچي بندر تي اچي لٿو. لسانيات جي هن ماهر کي 'چرچ مشنري سوسائٽي' پاران سنڌ ۾ ان لاءِ موڪليو ويو هو تہ هو هتي اچي سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر، ڊڪشنريون ۽ ٻيا ڪارائتا ڪتاب لکي هن پوئتي پيل ٻوليءَ کي سائنسي بنياد فراهم ڪري. هن ذهين کي قدرت اهڙي تہ ذات ڏني هئي جو هو فقط چند مهينن ۾ ئي ڪنهن بہ ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري وٺندو هو. سنڌي ٻولي ڊاڪٽر ٽرمپ کي توڙي جو عربي، فارسي ۽ هندستاني (اردوءَ) جي پيٽ ۾ ڏکي لڳي، پر پوءِ بہ فقط ٻن مهينن اندر گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري ورتائين. ايتري قدر جو نومبر 1854ع ۾ لنڊن ۾ پنهنجي هيڊ آفس عرف 'دي پيرينٽ ڪميٽي آف دي چرچ مشنري سوسائٽيءَ' کي 'سنڌي الف- بي' بابت جامع اسڪيم تيار ڪري هڪ رپورٽ جي صورت ۾ رواني ڪيائين، جنهن ۾ ٻين اهم ڳالهين جي ذڪر سان گڏ ايلس پاران تيار ڪرايل ۽ سڌاريل سرڪاري 'سنڌي الف- بي' کي بہ سخت تنقيد جو نشانو بڻايائين. جڏهن اها رپورٽ ايلس جي مطالعي هيٺ آئي، تڏهن پنهنجي ساٿي جي پريت واري پورهئي تي پاڻي ڦرندو ڏسي مات تي ڪونہ ويٺو ۽ پنهنجي ڏاهپ ۽ تجربي جي بنياد تي پاڻ مٿان ٿيل تنقيد جو علمي ۽ تحقيقي جواب ڏنائين. نتيجي ۾ 8 جنوري 1855ع تي هڪ عالمانہ ۽ مدلل رپورٽ تيار ڪري ڪمشنر فريئر جي معرفت بمبئي سرڪار کي ڏياري موڪليائين." (ٻٽ، 2004: 45- 61)

### 4.5 ايلس آئيوينا/ رسم الخط بابت ڊاڪٽر ٽرمپ جي رپورٽ

ڊاڪٽر ٻٽ صاحب اڳتي ڊاڪٽر ٽرمپ جي ڪميٽي آف دي چرچ مشنري سوسائٽيءَ کي موڪليل رپورٽ پڻ ڄاڻائي آهي، جنهن جي چند اهم ڳالهين کي هت ڄاڻائڻ اهم سمجهجي ٿو:

- "ڪراچي پهچڻ شرط بنا دير جي سنڌي ٻوليءَ جي ابياس کي هٿ ۾ کنيو اٿم. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌي ٻوليءَ بابت هر معاملي کي مونجهاري ۾ ڦاٿل ڏٺم. هن ملڪ ۾ رهندڙ يورپي

ڪمشنر کان ويندي هيٺين سطح جي ڪاموري تائين، هرهڪ سان لهه و چڙهه ڪيم، مگر سنڌيءَ جي معاملي ۾ ڪين ٻي خبر لڌم. هڪ ئي شخص، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي پئي ورتي آهي، سو آهي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس، جنهن معاملن کي بهتريءَ ڏانهن وٺي وڃڻ بجاءِ، پنهنجي ساده لوحي ۽ موروڪائي تي ٻڌل خيالن سان الف- بي کي بد تر ئي ڪيو آهي.

- انهيءَ قسم جي ڪچري کي ٻهارڻ خاطر 'سنڌي الف- بي' تي هن سان گڏ شامل چوپڙي لکي اٿم. جنهن بابت اهو ٻڌائيندي خوشي ٿئي ٿي ته اها بمبئيءَ ۾ موجود مشرقي علوم جي عالمن ۽ سنڌ جي ڪمشنر وٽ ڏاڍي مڃتا ماڻي چڪي آهي. انهن بنيادن تي مسٽر ايلس پاران اسڪولن ۽ آفيسن ۾ رائج ڪيل الف- بي کي رد ڪري، مون پاران تيار ڪيل الف- بي کي ان جي جاءِ تي نافذ ڪيو ويندو. ان باري ۾ مون زور پريو آهي ته هندستاني الف- بي کي ٿن تبديلين سان رائج ڪيو وڃي.

1. ڇو ته ساڳئي ٻڻ ٻڌياد مان هٿڻ ڪري، اها سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت موزون آهي.
2. ڇو ته اها هر ڪنهن کي اچي ٿي، ايتري تائين جو ڪيترا ڏيهي ماڻهو به اها ڄاڻن ٿا.
3. ڇو ته ان ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم آسانيءَ سان ٿيندو ۽ رومن سسٽم رائج ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. مون حڪومت آڏو هڪ درخواست پيش ڪئي آهي ته سرڪار ان رسم الخط ۾ گرامر، لغت ۽ ڪجهه اسڪولي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪري ۽ مسٽر فريئر اقرار ڪيو آهي ته وس آهر ڪوشش وٺي، ان مقصد لاءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ ڇاپخانو برپا ڪرائيندو. هن وقت اها درخواست بمبئيءَ ۾ (گورنر جي) ڪائونسل اڳيان پهچي چڪي آهي. هن

وقت آءُ جيڪي ڪتاب تيار ڪري رهيو آهيان، سي هن ريت آهن: سنڌي ريڊنگ بڪ، لغت طور نحوي ۽ اشتقاقي لفظن سان گڏ هڪ لغت، سنڌي- انگريزي، جنهن ۾ هر سنڌي لفظ جو اشتقاق ڏنل هوندو، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر. (ٻٽ، 2004: 45_ 61)

### 4.6 مسٽر ٻٽرو ايلس جي جوابي رپورٽ

ڊاڪٽر ٽرمپ وارن اعتراضن جي جواب ۾ بي. ايچ ايلس پنهنجي ڏنل جوابي رپورٽ ۾ جيڪو ڄاڻايو آهي تنهن جو مختصر بيان هن ريت آهي:

- ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌ اندر چند هفتن ۾ سنڌين سميت، جن به ان ڏس ۾ ڪم ڪيو آهي، انهن سڀني جي محنتن تي پاڻي ڦيرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ جي ياداشتنامي جي ڪجهه حصي ۾ 'هندو- سنڌيءَ' تي بحث ٿيل آهي، مگر خود ڊاڪٽر ٽرمپ جي چوڻي ته ملڪ جي باشندن جي وڏي اڪثريت مسلمانن جي آهي، انڪري اهڙن اکرن جي ضرورت آهي، جيڪي مسلمان پڙهي سگهندا هجن. ان ڪري سندس هندو- سنڌي واري ڳالهه کي پاسيرو ڪري رکجي ٿو.
- هاڻي سوال ٿو ايري ته سنڌين جي استعمال لاءِ ڪتاب ڪهڙي رسم الخط ۾ ڇاپيا وڃن ۽ اهو معاملو ڊاڪٽر ٽرمپ جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ ئي 'عربي رسم الخط' طور طئه ٿي چڪو آهي. اهو رسم الخط ڪيترن ئي سالن کان وٺي سنڌيءَ ۾ لکڻ خاطر مسلمان ڪم آڻيندا رهيا آهن. تنهن به ضرورت آهر بنيادي رسم الخط ۾ ڪجهه واڌارا ڪيا ويا آهن ته جيئن سنڌيءَ ۾ موجود اهڙن آوازن کي ظاهر ڪري سگهجي، جيڪي عربيءَ ۾ موجود ڪونهن. بلڪل ساڳيو طريقو هندستان ۾ آزمائجي چڪو آهي، جنهن صورت ۾ اتي جي ٻوليءَ تي عربي رسم الخط لاڳو ڪيو ويو آهي.

هاڻ عربي دانن کي اهو محراڻ ۾ گهڻي دير ٿي وئي آهي تہ نج سامي اکرن تي اضافي ٽبڪا ڏنا وڃن.

- تازو شايع ڪيل (سرڪاري) سنڌي الف۔ بي بابت ڊاڪٽر ٽرمپ اعتراف ڪيو آهي تہ ان جي قديم ڍانچي ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ ڪئي وئي آهي. دراصل سچ تہ اهو آهي تہ ڊاڪٽر ٽرمپ پاران بيان ڪيل تبديلين کان منجهس گهڻيون گهٽ عمل ۾ آنديون ويون آهن.
- سنڌ ۾ رائج قديم رسم الخط کي 'غير منطقي' ۽ 'بي اصولي' چوڻ بلڪل بيجا ڳالهہ آهي. هونئن بہ اهو رسم الخط ڪو نؤن ڪونهي جو انهيءَ جا اصول طئہ ڪجن. جيڪڏهن انگريزي رسم الخط تي اهڙي قسم جو حملو ڪيو وڃي تہ اها بہ پاڻ بچائي ڪانہ سگهندي، ۽ مون محسوس ڪيو آهي تہ شروع کان ئي هڪ سوال اٿندو رهيو آهي، تہ بنيادي رسم الخط ۾ ڪهڙيون تبديليون ۽ اضافا ڪيا وڃن. اهو سوال ڪڏهن بہ نہ اٿيو آهي تہ ان کي رد ڪري ان جي جاءِ تي جرمن، رومن يا ڪو ٻيو رسم الخط رائج ڪيو وڃي.
- مان ڊاڪٽر ٽرمپ جي انهيءَ خيال سان متفق آهيان تہ ٻوليءَ سان اها وڏي زيادتي ٿيندي جو 'ف' تي وڌيڪ ٽبڪا ٽڪي 'پ' جو وسرڳي آواز ناهيو وڃي. مان اهڙي ارهہ زورائيءَ تي سندس ڏڪاري موقف ۾ برابر جو شريڪ آهيان، مگر مان سندس انهيءَ راءِ کي بلڪل محڙ لاءِ تيار ڪونہ آهيان تہ 'ان کي موريو ئي مٽائي ڇڏجي.' جڏهن تہ اهو (ٻنهي شڪلين ' ڦ ' ۽ 'ڦ' ۾) ورهين کان سنڌي ٻوليءَ جي لکت ۾ موجود رهندو اچي ٿو.
- هندستانيءَ کي رائج ڪرڻ اعتراض جوڳو هوندو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سنڌي آوازن کي اچارڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت موجود ڪونهي. ان

مان وڏيڪ مونجهارو پيدا ٿي پوندو جنهن بابت خود ڊاڪٽر ٽرمپ گهڻو بيان ڪيو آهي. اهو خصوصاً انهن آوازن جي شڪلين جي حالت ۾ نمايان آهي، جيڪي ٻين جي نمائندگي ڪن ٿا، مثلاً: 'ٿ' يعني 'th' مورڌني آواز 't' ٿي پوندو. جيڪڏهن اها صورتحال ٻوليءَ لاءِ مونجهارو پيدا ڪندڙ ڪانهي ته پوءِ انهن لفظن جي معنيٰ منهنجي سمجهه کان مٿي آهي.

- منهنجي خيال مطابق اکرن لکڻ جي نموني وارو هڪ الڳ بحث آهي. اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته روان لکائي لاءِ نسخ موزون ڪونهي ۽ اسان کي معلوم آهي ته اها طرز تحرير گهڻو تڻو ڇپائيءَ جي ڪم تائين محدود آهي، ان ڪري بلاشبهي دفتر جي ڪم لاءِ روان سنڌي لکت يا نستعليق ئي ڪتب آندو ويندو. مختلف اکرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ طرز تحرير ساڳي ڇپائيءَ واري استعمال ڪبي، جڏهن ته هندستانيءَ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ تحرير هڪ نموني واري هوندي آهي ته لکپڙهه لاءِ وري ٻيو ڪتب آڻبو آهي، اها صورتحال هندستانيءَ سان لاڳو آهي، جنهن جي تحرير جا ٻه نمونا موجود آهن ۽ سنڌيءَ لاءِ به بلاشڪ ساڳيو رستو موزون آهي.
- ڊاڪٽر ٽرمپ وسرڳي آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سامي رسم الخط ۾ ٽبڪن جي استعمال تي اعتراض ڪندي چوي ٿو ته: 'رسم الخط جي نوعيت جي برخلاف اهو عمل ڏڳ ٽبڪن کي ٿاڦڻ برابر ٿيندو.' انهيءَ اعتراض جي وضاحت هن ريت ٿيندي ته اهو رسم الخط جيڪو اوپرن آوازن جي نمائندگي ڪري ٿو ته ان ۾ هر حالت ۾ ڪجهه نشانين جو اضافو اٽتر ٿي پوي ٿو. دراصل ٽبڪن لڳائڻ وارو عمل بي ڊنگو ضرور آهي، مگر گهربل نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ ايڏي وڏي مونجهاري ۾ وجهندڙ ڪونهي. مثال طور 'ڇ' کي 'ڇ' جو وسرڳي آواز ڪري لکڻ هندستاني

صورت 'ڇهہ' کان وڌيڪ موزون ۽ آسان آهي. جڏهن تہ اها حقيقت آهي تہ اهو اکر ٻوليءَ ۾ موجود آهي ۽ هر جاءِ تي 'ڇ' ئي لکيو وڃي ٿو. ان ڪري ان کي رد ڪرڻ جو مون کي ڪوبہ جواز ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اهڙيءَ ريت ٻيا وسرڳي آواز جيڪي قديم ۽ جديد لکت ۾ عام طور ڪتب آندا ويندا ٿا، انهن جو استعمال بہ ساڳئي قاعدي هيٺ ٿيندو.

- مان ان ڳالهہ تي ضرور حيران ٿيو آهيان تہ هڪ مڃيل ۽ معروف زباندان 'ڱ' کي 'نگ' لکڻ تي ڪيئن راضي ٿيو آهي. مون کي امڪان نظر ٿو اچي تہ هو سنسڪرت آواز ' ङ ' کي بہ رد ڪري اڳتي ان کي ' ंग ' لکڻ جي سفارش ڪندو. مگر سنڌين جي لهہ وچڙهہ کان پوءِ فرمائيندو تہ 'نگ' جو آواز بہ 'ڱ' لاءِ غلط آهي. اهڙيءَ ريت 'ني' کي 'ڃ' ۾ بدلائڻ واري ڊاڪٽر ٽرمپ جي راءِ جو ساڳيو ئي حال ٿيندو.
- ڊاڪٽر ٽرمپ جو اعتراض آهي تہ سامي رسم الخط ۾ گهڻن آوازن کي ٻن ٽبڪن سان ظاهر ڪرڻ سنڌن اصليت جي برعڪس ٿيندو. اهو نقطو بلڪل حقيقت تي مبني آهي تہ سامي اکرن کي غير سامي صورتن ۾ بدلائڻ اڻنگو عمل آهي. اهو اعتراض بجا، مگر سنڌي اکرن سان اها ٻي ڏنگائي ڪرڻي ئي پوندي. شايد ڊاڪٽر ٽرمپ انهيءَ حقيقت کان واقف ڪونهي تہ سامي رسم الخط جيڪو ترڪي زبان جي پڻ نمائندگي ڪري ٿو ان ۾ 'گ' کي ٽي ٽبڪا لڳائي 'ڳ' ڪيو ويو آهي. ترڪي ٻوليءَ ۾ لساني واڌارو سڌاريل سنڌي الف- بي کان ٽيون حصو (33 سيڪڙو) وڌيڪ آهي.
- ڊاڪٽر ٽرمپ قديم ۽ جديد سڌاريل اکرن ۾ آيل تبديلين جي جيڪا پيٽ ڪئي آهي، ان بابت بہ اکر چوڻ لازمي سمجهان ٿو.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي سمجهڻ جي برعڪس 'ط' ڪي ڇڏڻ نہ بلڪ ٻن صورتن ۾ ڪتب آندو ويو آهي ۽ جتي ان جي استعمال سان ڪو فرق ظاهر نٿو ٿئي، ان کي ڏکيو يا منجهائيندڙ سمجهي رد ڪيو ويو آهي. مثال طور 'ڄ' جو ڪارج 'ڇ' کان وڌيڪ ڪونهي ۽ ٻنا ٽيڪي اهو ڪنهن ٻئي اکر لاءِ ڪتب ڪونہ ٿو اچي تہ اضافي ٽيڪو واقعي منجهائيندڙ ٿئي ٿو. مگر 'ط' نشانيءَ طور ڪتب آڻڻ سنڌين لاءِ بلڪل نئين ڳالهہ آهي. الف- بي جي سڌاري دوران مان ان حقيقت کان بلڪل بي خبر هئس تہ 'ٺ' کي عام طور 'ٽ' جو وسرڳي آواز ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. گذريل آگسٽ (1854ع) ۾ پهريون دفعو مشن هائوس جي هارون لوهار پاران پڌري ڪيل رسم الخط ڏسڻ کان پوءِ اها حقيقت معلوم ٿيم . بعد ۾ ڳولا ڪندي پڪ ڪيم تہ ان اکر کي سڌاريل الف- بي ۾ شامل ڪجي ها، ڇاڪاڻ تہ اهو اکر اڪثر ڪري جديد سنڌي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا. انهيءَ صورتحال ۾ 'ٺ' جي استعمال جي بلڪل ضرورت ڪانہ هئي. ان ڪري ان اکر کي ڪڍي ان جي جاءِ تي هارون لوهار واري 'ٺ' کي ٺي رکيو ويو آهي.

- سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي تہ ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي الف- بي لاءِ هارون لوهار واري رسم الخط کي سونهون بنايو آهي. ان جي باوجود اکرن جون ڪافي صورتون منهنجي نظر مان نڪتل، ڪتابن ۾ ڏٺل ڪونهن. ان سلسلي ۾ ٻہ چڱن تعليم يافتہ سنڌين سان لهہ و چڙهہ ۾ آهيان، اهي ان کان واقف ڪونهن. تنهنڪري مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ وسرڳي آواز 'ج' ۽ 'ڪ' ۽ نج سنڌي آواز 'گ' ۽ مورڌني آوازن 'ڻ' مشنري سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ بلڪل اڻلڀ آهن ۽ اهي عام استعمال هيٺ آيل اکرن جي صورتن کان بلڪل نرالا آهن. انهن ۾ هڪڙي صورت تہ نهايت مشڪل

• چا مون کي 'ژ' ۽ 'ڙ' جي صورتن بابت ڪو اعتراض هئڻ گهرجي، جن کي گذريل وقت جا سنڌي پنهي شڪلين ۾ لکندا رهيا آهن. پوئين طرز سڌاريل رسم الخط ۾ استعمال ڪيل 'ڙ' کان به وڌيڪ عام رهي آهي، ڇاڪاڻ ته پراڻي سنڌي لکت ۾ پنهي ريئن (ر) ۾ ڪوبه فرق رکيل ڪونهي.

(مذڪوره نقطي ۾ ٻٽ صاحب طرفان ' ژ' جي جڳهه تي 'ڦ'، 'ڙ' جي جڳهه تي 'ڦ' ڇاڻائي ۽ ٻن ريئن (ر) جو ترجمي ۾ ذڪر نه ڪري ٿورو مونجهارو پيدا ڪيو آهي، ته آيا اهي اکر واقعي 'ڦ' جي گهر وارا آهن يا 'ر' جي گهر وارا. اهي ننڍا مونجهارا به تحقيق جي حوالي سان وڏين غلطين جي امڪان کي روڪي نه ٿا سگهن. البته ايڊيٽر / پروف پڙهندڙ جي لاپرواهي واري امڪان کي نه رد نه ٿو ڪري سگهجي.)

• 'ط' کي ٽن وسرڳي آوازن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو هو جن مان هڪ ته اڳيئي بيسود ٿي چڪو هو باقي ٻن بابت به ڪيترائي اعتراض ٿيا ۽ نيٺ انهن مان هٽ ڪيٽا پيا، ڇاڪاڻ ته اهي سنڌين ۽ لسانيات جي ماهرن لاءِ بلڪل اوپرا هئا. باقي ٻن ٽن اکرن 'جه' ۽ 'گه' کي ڪتب آڻڻ ۾ ڪوبه حرج محسوس ڪونه ٿيو. اهي ٿورا اٽانگا ضرور آهن، مگر گذريل وقت جيان وسرڳي ۽ غير وسرڳي آوازن کي هم شڪل ڪري لکڻ کان ائين لکڻ بهتر سمجهيو ويو.

• مورڊني 'ڻ' لاءِ الڳ نشانيءَ جي اهميت کي ڊاڪٽر ٽرمپ به مڃي ٿو. ان سلسلي ۾ 'ط' جو استعمال ئي بهتر ٿيندو. ان سان گڏ ٽِڪي جو استعمال بيسود ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ان سان ڪنهن به مونجهاري ٿيڻ جو امڪان ڪونهي، انلاءِ ڊاڪٽر ٽرمپ جي ان بيان جو ڪو مقصد ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته 'ط' ٽِڪي کان سواءِ لاپاٿتو ڪونه ٿيندو.

- 'ک' کي 'ڪ' جو وسرڳي آواز سمجهڻ ۾ مون کي ڪا دقت محسوس ڪانہ ٿي ٿئي. اهو هميشه 'ڪ' جو وسرڳي آواز ٿي رهيو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ اهو غير وسرڳي بہ رهيو آهي. جيئن تہ اهو بيئي شڪليون بغير ڪنهن امتياز جي ٻن الڳ آوازن جي نمائندگي ڪنديون هيون تہ هاڻ اهو عمل ڪو ايترو شديد ڪونہ ٿو لڳي تہ اهي بيئي الڳ الڳ آوازن کي ظاهر ڪن. در اصل 'ک' کي ڊاڪٽر ٽرمپ جيتري ميجتا ڏني آهي، اها ان کان گهٽو ڪارائتو ڪم ڪري رهي آهي. اها قديم سنڌي لکت ۾ 'گ' ۽ 'ڪ' جي وسرڳ طور ڪتب ايندي رهي آهي. انهن ٽنهي اکرن مان ڪنهن هڪ جي حد بندي ڪرڻ هڪ قدرتي عمل آهي، جيڪي سنڌي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا. جڏهن تہ غير سنڌي ان کي آسانيءَ سان سمجهي ڪونہ سگهندا.
- جيڪڏهن 'ڍ' لاءِ الڳ اکر جي ضرورت ڪانهي تہ اهو جلدي خود بخود متروڪ ٿي ويندو. ڊاڪٽر ٽرمپ جي سماعت جو احترام ڪندي چئجي ٿو تہ انهيءَ اکر ۽ 'ڏ' يا 'ڌ' ۾ وڏو فرق موجود آهي.
- مان پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي گهٽو ڪجهہ وڌيڪ چئي سگهان ٿو پر جيئن تہ مون ڊاڪٽر ٽرمپ پاران مسلمان سنڌي الف- بي تي ڪيل بحث جي شروعات ڪارائتين ڳالهين سان ڪئي آهي، ان ڪري وڌيڪ گفتگو کي بيسود سمجهان ٿو.
- هندستاني ڳالهين کي هيٺين حالتن ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو:

  1- رسم الخط ۾ صدين کان ڪابہ نشاني موجود ڪونهي.

  2- جتي اهي سنڌي آوازن جو پورائو ڪري سگهندا هجن.

جيڪڏهن انهن ٻنهي شرطن جو پورائو ڪونہ ٿو ٿئي تہ پوءِ هندستانيءَ جو استعمال بنا مقصد ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ ٿيندو. 'جه' ۽ 'گه' جي حالت ۾ هندستاني کي ڪن نون ۽ اڻ نهندڙ

اکرن تي ترجيح ڏيڻ گهرجي (جهڙوڪ: ط). جڏهن ته ٻين اکرن جي حالت ۾ مون کي اهڙي ڪا ضرورت ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ته ڪو وڏي ميچتا ماٿيل قديم سنڌي اکرن کي رد ڪري ڇڏجي يا اهڙن کي هٽائي ڇڏجي، جيڪي ڪجهه وقت کان وٺي ڪتابن جي ڇپائي ۽ ٻين ڪمن ۾ بخوبي ڪتب اچي رهيا آهن." {8 – جنوري 1855ع، بي. ايچ ايلس، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ} (پنڌ 2004:45_61)

ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو ته: "ايلس صاحب گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، سنڌي ماهرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي زبان لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي. مٿي بيان ڪيل نج سنڌي آوازن، جن جون صورتون عربي ۽ پارسي رسم الخطن مان مخدووم ابوالحسن ورتيون هيون، سي قائم رکيائين: باقي رهيل نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حرفن ۾ ڦير گهير آڻي، يا انهن کي زائد نقطا ڏيئي يا ڪي نوان نشان بنائي، سنڌيءَ لاءِ موزون صورتخطي مقرر ڪيائين. مخدوم ابوالحسن واري اڳوڻي صورتخطي، جيڪا سنڌ ۾ عام طور ڪم تي آندي ويئي، ايلس ان کي بنيادي صورتخطيءَ طور ڪم آڻي، انهيءَ رسم الخط جي آڌار تي ئي، هن پنهنجي صورتخطي ٺاهي. هن عربيءَ جا 28 ئي حرف، ۽ پارسيءَ جي3 حرف ان ۾ شامل ڪيا. جيئن مخدوم ابوالحسن ڪيو هو. پارسيءَ جي ٽنهي حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا. صرف صورتون پارسي خط جون اختيار ڪيون ويون. ڇاڪاڻ جو اهي صورتون عربي رسم الخط ۾ موجود نه هيون. عربيءَ جي 28 صورتن مان ڪن جا آواز ته سنڌي زبان جا پنهنجا آواز هئا. باقي جيڪي نج عربي صورتون سنڌي رسم الخط ۾ شامل ڪيون ويون هيون، سي صرف لکت ۾ اچن ٿيون،جو ته اهي آواز سنڌي پڙهيل خواه اڻپڙهيل اچاري نه ٿو سگهي. باقي اهي آواز جيڪي عربي يا پارسيءَ ۾ موجود نه هئا، اهي ڪل ويهه (چند وسرگن کان سواءِ) هئا، جن لاءِ مخدوم ابوالحسن وارن سنڌي حرفن ۾ تبديليون ڪري، نوان حرف يا هڪ حرف مقرر ڪيائين، جي هن ريت آهن:

| ابوالحسن واري صورت | ايلس واري صورت | ابوالحسن واري صورت | ايلس واري صورت |
|---|---|---|---|
| ب | ٻ | د، دھ | ڌ |
| پ، ٻھ | ڀ | ذ | ڏ |
| ٿ، تھ | ٿ | د، در | ڊ |
| ت، تر | ٽ | ڊ | ڍ |
| ٺ، ٺھ | ٺ | ر | ڙ |
| ف، پھ | ڦ | ک، کھ | ک |
| ج | ڄ | گ | ڳ |
| ج | جھ | گ | گھ |
| نج | ڃ | نگ | ڱ |
| چھ | ڇ | ن | ڻ |

ڊاڪٽر الانا وڌيڪ لکي ٿو تہ: حاصل مطلب تہ ايلس، سنڌي صورتخطيءَ کي جيڪو نئون روپ ڏنو سو اڄ ڏينهن تائين ڪم اچي ٿو پيو. هيءَ صورتخطي 52 حرفن تي مشتمل آهي. عربيءَ وارو 'ء' جيتوڻيڪ سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن (Consonant) طور ڪم نٿو اچي" (الانا، 1993:102، 103)

### 4.7 عربي - سنڌي آئيوينا / رسم الخط / صورتخطيءَ جي واڌاري لاءِ اپاءَ

انگريزي حڪومت، سنڌ لاءِ جيڪا تعليمي پاليسي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ رٿا منظور ڪئي، تنهنجو تفصيلي جائزو وٺندي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڄاڻائي ٿو تہ:

(الف) سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪيو ويو.

(ب) مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ حڪمنامو جاري ڪيو ويو.

(ج) سرڪاري دفترن ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ لاءِ حڪمنامو ڪڍيو ويو.

(د) سرڪاري آفيسرن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ٺهرائي وئي.

(ھ) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن ڪي ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ مترجمن لاءِ انعام رکيا ويا.

(و) سنڌ ۾ تعليم کاتو قائم ڪيو ويو ۽ اسڪولن ۾ نصاب لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ لاءِ حڪمنامو ڪڍيو ويو.

(ز) تعليم کاتي ۾ ترجمي جو سيل (cell) قائم ڪيو ويو.

(ح) سنڌي زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ حڪمنامو ڪڍيو ويو ۽ ان لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي.

(ط) سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪيا ويا.

(ي) سنڌي زبان جو وياڪرڻ ۽ لغتون لکرايون ويون.

(ڪ) سرڪاري طور سنڌي اخبارون ڪڍيون ويون.

(ل) سرڪاري اشتهارناما، سرڪيولر ۽ نوٽيس وغيره سنڌي زبان ۾ به جاري ڪيا ويا.

مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ انگريز سرڪار طرفان گھڻو توجہ ڏنو ويو جنھن ڪري ھن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ھر ميدان ۾ تمام گھڻي ترقي ڪئي. (الانا، 2006: 309)

ان مختصر مطالعي بعد سرڪاري طور تي جيڪا عربي- سنڌي آئيويٽا 'ايلس واري پٽيءَ' جي نالي سان اسان تائين پھچي سگھي آھي، تنھن بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب لکي ٿو تہ: "انھيءَ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ جي سموري ڪاروائي ۽ تيار ڪيل تختي اڃان تائين مون کي ھٿ اچي نہ سگھي آھي. پر انھيءَ مطابق سنڌي پاراٺو ڪتاب ننديرام ميراڻي سيوھاڻيءَ لکي تيار ڪيو ھو. اھو پھريون ڪتاب آھي جيڪو تعليم کاتي سن 1853ع ۾ عربي- سنڌي الف- بي سيکارڻ لاءِ لِٿو تي ڇپائي پڌرو ڪيو ھو. انھيءَ جو 1857ع وارو ڇاپو مون وٽ موجود آھي. انھيءَ ۾ مقرر ڪيل عربي- سنڌي الف- بي جي تختي ھن ريت ڏنل آھي:

## باب پنجون

## 5. عربي ـ سنڌي آئيوينا جي ترتيب واري مسئلي جو اپياس

### 5.1 مسئلي جو بيان

عربي- سنڌي آئيوينا جي ترتيب باضابطا طور تي انگريزي دؤر حڪومت: 1853ع ۾ اٺ رڪني ڪاميٽيءَ طرفان، سرڪاري طور تي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن آئيوينا کي ايلس واري آئيوينا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ساڳي آئيوينا جي اکرن ۾ مشن هائوس جي هارون لوهار چند سڌارا آڻي، چارٽن ذريعي عام ڪيو. جنهن سبب بارٽل فريئر ان آئيوينا کي 'سڌاريل آئيوينا' (Revised alphabet) ڪوٺيو.

ڪافي عالمن ان ايلس آئيوينا جي اکرن ۽ ترتيب تي اعتراض رکيا ۽ انهن الڳ سان اکرن جون شڪليون ۽ ترتيبون رکيون. ڪافي غور ويچار ۽ مباحثن بعد 1853ع واري ترتيب کي بحال رکيو ويو. جنهن جو بنيادي انحصار مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جي ترتيب تي هو.

1935ع ڌاري سنڌ جي عالمن ۽ استادن پاران عربي 'ابتث' آئيوينا کي ذهن ۾ رکي، عربي- سنڌي آئيوينا جي ترتيب تصورن جي بنياد تي، اکر جي هم شڪل ۽ ٽبڪن- وار تيار ڪئي وئي، جيڪا پرائمري اسڪولن ۾ عام ڪئي وئي. اها ترتيب اڪثريت سان مقبوليت ماڻي ورتي.

1960ع ۾ 'جامع سنڌي لغات' جو پهريون جلد ڇاپيو ويو جنهن جو روح روان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هيو. بلوچ صاحب پاران 1935ع واري آئيوينا کي نظر انداز ڪري، 1853ع واري ساڳي ترتيب ۾ صرف هڪ اکر 'پ' جي پر مان 'ڦ' کي هٽائي، 'ف' جي پر ۾ رکيو ويو. ڊاڪٽر الانا صاحب جي ٻڌائڻ موجب ان ڦير گهير جو سبب 'ڦ' ۽ 'ف' جي هم شڪلي ڏسيو ويو. ان حوالي سان سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته:

? جڏهن ’ڦ‘ کي ’ف‘ جي هم شڪليءَ سبب ’پ‘ جي
پر کان هٽائي ’ف‘ جي پر ۾ رکيو ويو تہ پوءِ 1935ع
واري سڄي ساري هم شڪلي ۾ تبديلي اچي وئي. وار
آئيويٽا کي ڇو رد ڪيو ويو. يا ان کي رد ڪرڻ جي
ڪهڙي گهرج پيش آئي؟

1960ع واري ڊاڪٽر بلوچ آئيويٽا جي سرڪاري مقرريءَ بعد بہ ڪافي اسڪولن ۾ ڪونہ پڙهائي وئي. 1980ع واري ڏهاڪي تائين ضلع نوشهري فيروز جي 90 سيڪڙو اسڪولن ۾ 1935ع واري ترتيب پڙهائيندا رهيا. اچ سوڏو پريا ۽ موري تعلقي جي ڪافي ڳوٺن جي اسڪولن ۾ اها هم ـ شڪلي ۽ تبديلي وار آئيويٽا پڙهائي ۽ رٽرائي ٿي وڃي. ان جو اهم سبب، ٻارن کي ياد ڪرائڻ توڙي لکرائڻ جي لحاظ کان آسان آهي.

ان کان علاوه اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ ڪراچيءَ جي اردو ميڊيم اسڪولن ۾ آسان سنڌيءَ جي حوالي سان ايلس واري آئيويٽا مروج آهي، جنهن ۾ ’پ‘ سان گڏ ’ڦ‘ جو اکر پڙهايو وڃي ٿو. ان جي سببن ۾ هو مخرج جو سبب ڄاڻائيندا آهن ـ يعني ڊاڪٽر بلوچ واري آئيويٽا کي درسي اسڪولن ۾ مڪمل تائيد حاصل نہ ٿي سگهي آهي.

علمي توڙي ادبي لحاظ کان آئيويٽا جي ڪافي اهميت آهي، لغتن توڙي شاعريءَ جي ترتيب ۾ ان جو ادبي ڪارج نمايان آهي. ان لاءِ ان جي ترتيب کي اوتري ئي اهميت ڏيڻي پوندي.

موجوده آئيويٽا جي ترتيب ڪافي عالمن/ استادن لاءِ اڻ ـ وڻندڙ رهي آهي، جنهن لاءِ ان مسئلي جي اکيڙ ڪرڻ ۽ ڪنهن حل تائين رسڻ ضروري ٿي پيو آهي.

5.2 **تحقيق جا سوال**

? لفظ آئيويٽا جي معنيٰ ۽ مفهوم جي مرڪزي
لفظ ’ترتيب‘ مان ڇا مراد آهي ؟

? 1853ع واري عربي- سنڌي آئيويتا جي ترتيب جو بنياد ڪهڙو رکيو ويو هو؟

? 1853ع واري عربي- سنڌي آئيويتا کي 1935ع واري هم شڪلي ۽ ٽپڪن- وار آئيويتا ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪهڙي گهرج پيش آئي؟

? 1935ع واري عربي- سنڌي آئيويتا کي 1960ع واري آئيويتا ۾ مٽائڻ جي ڪهڙي گهرج پيش آئي؟

? 1960ع واري آئيويتا بيهارڻ جو ڪهڙو بنياد رکيو ويو؟

? ڇا موجوده آئيويتا جي ترتيب عالمن يا علم دوست ماڻهن ۾ ڪا مقبوليت ماڻي چڪي آهي؟

? عربي- سنڌي آئيويتا جي ماخذ عربي آئيويتا ڪن اصولن تي مبني آهي؟

? ڇا علم توڙي ادب ۾ آئيويتا جو ڪو ڪارج آهي؟

? ڇا سنڌي ٻوليءَ جي لغتن يا شاعريءَ ۾ ڪم ايندڙ آئيويتا جي ترتيبن ۾ ڪي اختلاف آهن؟

? ڇا عربي- سنڌي آئيويتا ڪنهن اصول تي ترتيب ڏئي سگهجي ٿي؟

5.3 طريقه ڪار

عربي- سنڌي آئيويتا سان گڏوگڏ هن خطي جي اهم ٻولين جي آئيويتائن جو تقابلي اڀياس ڪندي، آئيويتا جي مونجهاري بابت عالمن جا رايا سامهون رکيا ويندا، ۽ ضروري وضاحتن بعد وضاحت طلب نڪتن جي صورت ۾ نچوڙ ڪڍيو ويندو ۽ مونجهاري بابت ڪي اصولي تجويزون رکيون وينديون، آخر ۾ ان پوري اڀياس جو اختصار رکيو ويندو.

ان مسئلي کي ڏسڻ يا جاچڻ لاءِ ترتيبن جي هيٺين اصولن ذريعي عربي- سنڌي آئيوينا جي ڇنڊڇاڻ (analysis) ڪئي ويندي

- ✓ مخرجي ترتيب/ گروهي ترتيب
- ✓ هم شڪل ۽ ٽٻڪن وار ترتيب

### 5.3.1 آئيوينا جي ترتيب بابت عالمن جا خيال ۽ رايا

26 جولاءِ 1995ع تي اربع ڏينهن سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي ڪاميٽي روم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جي صدارت ۾ عالمن جي هڪ ڪميٽيءَ پاران جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مانوارو محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پروفيسر شيخ محمد فاضل، منهنجو رهبر: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ڊاڪٽر فهميده حسين، منهنجو محسن: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي امداد حسيني صاحب شامل هئا. يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو تہ هن بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي الف- بي سنئاءَ اها ئي مستند ۽ قابل عمل رهندي جيڪا سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ٿيل 'جامع سنڌي لغات' (زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ) ۾ استعمال ٿيل آهي، جيڪا هيٺين ريت آهي:

| |
|---|
| ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهہ ڃ چ |
| ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض |
| ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ |
| ل م ن ڻ و هہ ء ي |

1960ع

(امين، 1995- 1996: 111)

عربي- سنڌي آئيوينا جي ترتيب جو مسئلو بہ پنهنجي جڳهہ تي آشڪار رهيو آهي، ان بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب پنهنجي ڪتاب 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' ۾ لکي ٿو تہ: "مان سنڌي عالمن ۽

تعليمدانن جو ڌيان سنڌي ورڻمالا ۾ حرفن جي ترتيب طرف ڇڪائڻ چاهيان ٿو. ٻاراڻن ڪتابن ۾ ڏسبو ته الف- بي جو سلسلو هڪ جهڙو نه آهي. ساڳي ڳالهه سنڌي شبد ڪوش سان به لاڳو آهي. سنڌي ڊڪشنرين ۾ الف- بي جو سلسلو جدا جدا نموني ڏنل آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به لفظ کي ڳولهڻ لاءِ خاص طور شاگردن کي گهڻي پريشاني ٿيندي آهي. عربي فارسي الف- بي ۾ حرفن جو سلسلو ساڳي 'صورت' وارن حرفن جي آڌار تي مقرر ڪيل آهي، جيڪو ڌوني وگيان جي اصولن مطابق نه آهي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ديوناگري ورڻمالا ۾ حرفن جي ترتيب انهن اصولن مطابق آهي. سنڌي عالمن کي گهرجي ته جيترو جلد ٿي سگهي اهڙن مسئلن تي گنڀيرتا سان ويچار ڪري گهربل قاعدا ۽ شبد ڪوش تيار ڪن." (جيٽلي، 1999: 195)

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي راءِ مان اها ڳالهه ضرور واضح ٿئي ٿي ته موجوده عربي- سنڌي آئيويتا جي ترتيب پريشان ڪندڙ آهي، جڏهن ته عربي ۽ فارسي لاءِ ڄاڻايو اٿس ته اهي 'صورت' آڌار ترتيب ڏنل آهن، ڌوني وگيان (علم صوتيات) پٽاندر ناهي'. اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب عربي آئيويتا جي مختلف آئيويتائن تي غور ڪونه ڪيو هوندو جيڪي پڻ مختلف خيال کان ترتيب ڏنل آهن.

1960ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب 'جامع لغات سنڌيءَ' ذريعي موجوده آئيويتا جي پٽي ٻيهاري عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سرڪاري پنيرائي پڻ حاصل ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏنل ترتيب موجب: ساڳي ايلس واري آئيويتا ۾ صرف هڪ اکر جي ڦير ڦار ڪيل آهي.

ايلس کان وٺي ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب تائين، ٿيندڙ سفر بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته: "موجوده عربي- سنڌي آئيويتا/ پٽي (ايلس واري) چارٽ ۾ ڏجي ٿي، جيڪا اڳتي هلي جدا جدا ڪتابن ۾ اکرن جي ڦير گهير سان ترتيب ۾ مٿبي رهي آهي:

☜ 1853ع واري **ايلس آئيوينا**: ا ب ٻ ڀ ت
ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جه ڃ ڇ چ ح
خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ
ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گه ڱ ل م ن ڻ و
ه ء ي

1935ع ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ جيڪا ڦير گهير ڪئي وئي، تنهن ڪانپوءِ پٽيءَ جي صورت هن ريت وڃي بيٺي:

☜ 1935ع ۾ **ترتيب ڏنل آئيوينا**: ا ب ٻ پ
ڀ ت ٺ ٽ ث ٿ ف ڦ گ ڳ ڱ ک ي د
ڌ ڏ ڊ ڍ ح ج ڄ ڃ ڇ چ خ ع غ ر ز ڙ م
ن ل س ش و ق ص ض ڻ ط ظ ه جه
گه ڪ ء

سال 1960ع ۾ .... 'ڦ' کي 'پ' جي پر مان هٽائي 'ف' جي پر ۾ رکيو ويو. انلاءِ هي دليل ڏنو ويو ته ف ۽ ڦ جي شڪل هڪجهڙي آهي.... اها هن ريت آهي:

☜ 1960ع ۾ **ترتيب ڏنل آئيوينا**: ا ب ٻ ڀ
ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جه ڃ ڇ چ ح
خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع
غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گه ڱ ل م ن ڻ و
ه ء ي."

ڊاڪٽر الانا صاحب اڳتي لکي ٿو ته: "هن پٽيءَ ۾ 'ڦ' کي 'ف' جي پاسي رکڻ لاءِ ڏنل دليل مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته اسان جا ماهر سنڌي صوتياتي نظام کان واقف نه هئا ... انهيءَ ڪري 'ڦ' ۽ 'ف' جي وچ ۾ صوتياتي لحاظ کان ڪابه قرابت، ڪابه نسبت ۽ ڪابه هڪجهڙائي ڪانهي. ...." (الانا، 2005: 209_211)

ڊاڪٽر الانا صاحب 1960ع جي ترتيب تي جيڪا نظر ڌري آهي، سا صوتياتي نظام تي مبني آهي، جنهن تحت ڄاڻايو اٿن تہ: 'ڦ' ۽ 'ف' ۾ ڪا بہ ويجهڙائپ ڪانهي، بلڪ 'پ' ۽ 'ڦ' جي وچ ۾ ويجهڙائپ آهي، ان خيال آڌار 'ڦ' کي 'پ' جي پر ۾ ئي رهڻ ڏنو ويو هجي ها! ياد رهي تہ: 'پ' ۽ 'ڦ' کي 1853ع واري ايلس آئيويٽا ۾ هڪٻئي ساڻ رکيو ويو هو.

پروفيسر عبدالڪريم لغاري، 'ڪاڪي پيرومل جو آئيويٽا جي ترتيب تي اعتراض' ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: "مسٽر پيرومل جو پهريون اعتراض، سنڌي الف۔ بي جي حرفن جي ترتيب تي آهي. (1) (فوٽ نوٽ: ان ئي اصول تحت ڦ کي ف جي پرسان رکيو ويو آهي.) حقيقت هيءَ آهي تہ عربي الف۔ بي جا حرف ٿوري مشابهت جي لحاظ کان ترتيب ڏنل آهن ۽ سنڌي الف۔ بي جيئن تہ عربي الف۔ بي تان ئي ٺهيل آهي، ان ڪري ساڳئي عربي الف۔ بي واري اصول کي سنڌي الف۔ بي لاءِ بہ اختيار ڪيو ويو آهي. سنڌي الف۔ بي جي ترتيب ۾ ڪنهن بہ مونجهاري يا رولي جو باعث نہ ٿي بڻجي. اها ترتيب سرڪاري طرح سان اوائلي پاراڻن ڪتابن ۾ هن ريت هئي:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ث ٺ ف ڦ گ ڳ ڱ ک ي د ذ ڌ ڏ ڊ ڍ

ح ج ڄ چ ڃ ڇ خ ع غ ر ز ڙ م ن ل س ش و ق ص ض ڻ ط ظ

ھ جھ گھ ڪ ء." (لغاري 1976: 95)

پروفيسر لغاري صاحب جهڙوڪر پيرومل جي جواب ۾ ان ڳالهہ جي دلالت پيو ڪري تہ سنڌي آئيويٽا، اکرن جي مشابهت (هم شڪلي) جي لحاظ کان ترتيب ڏنل آهي، جنهن جي شاهديءَ ۾ 1960ع واري ترتيب جو مثال ڏيندي فوٽ نوٽ ۾ اهو ڄاڻايو تہ 'ان ئي اصول تحت ڦ کي ف جي پرسان رکيو ويو آهي.'

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پڻ موجوده آئيويٽا تي پنهنجي راءِ رکي آهي، محترمہ لکي ٿي تہ: "ٻوليءَ جي حروف تهجيءَ جي ترتيب

(order) کي هڪ مسئلو بڻايو ويو آهي. سنڌيءَ جي عربي لکت جنهن وقت انگريزن طرفان مقرر ڪئي وئي ته ان جي هڪ سرڪاري ترتيب به مقرر ٿي هئي. ان کان اڳ به ترتيب جا مختلف نمونا رائج هئا، جيئن ابوالحسن جي سنڌي هئي. ان کان پوءِ انگريزن واري مقرر ترتيب موجب سمورا پاراٺا ڪتاب ۽ ڊڪشنريون ڇاپيون وينديون هيون. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ اها ئي ترتيب آهي. ان ترتيب موجب ٻارن کي اکر سيکارڻ ۾ سهوليت خاطر الف کان پوءِ ب ۽ پوءِ نقطن جي تعداد موجب حرفن کي رکيو ويو هو جنهن ۾ ٻ کي ب کان پوءِ رکيل هو. ڪجهه وقت کان پوءِ اها ترتيب بدلائي وئي ۽ 'ب' کان پوءِ 'ٻ' کي رکيو ويو جواز اهو ڏنو ويو ته هر اوسرگ آواز پٺيان وسرڳ آواز رکيا ويا آهن. پر اهو اصول 'پ' ۽ 'ڦ' سان لاڳو ڪونه ڪيو ويو ڇوته 'ڦ' جي شڪل صورت 'ف' سان ملندڙ هئي. ان ڪري اتي رکڻ وڌيڪ مناسب سمجهي وئي. ان صورت ۾ موجوده ترتيب نه صوتيات جي لحاظ کان درست آهي ۽ نه وري نقطن جي ترتيب سان. اهڙي قسم جون تبديليون اختيار وارين حيثيتن تي رهندڙ فرد انفرادي طور تي ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته اهڙا ڪم ماهرن تي مشتمل ڪميٽين يا پئنلن کي ڪرڻ گهرجن.“ (نعميده، 2012: 137_ 138)

مختلف وقتن ۾ مختلف آئيوٽائن بابت ڊاڪٽر صاحب جو خيال انتهائي منجهائيندڙ ۽ غير محققانه آهي. هن جو خيال آهي ته 'پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ انگريزن واري ترتيب هئي' ۽ 'ان ترتيب موجب ٻارن کي اکر سيکارڻ ۾ سهوليت خاطر الف کان پوءِ ب ۽ پوءِ نقطن جي تعداد موجب حرفن کي رکيو ويو هو جنهن ۾ ٻ کي ب کان پوءِ رکيل هو. ڪجهه وقت کان پوءِ اها ترتيب بدلائي وئي ۽ 'ب' کان پوءِ 'ٻ' کي رکيو ويو'. منهنجي ذاتي تحقيقي اڀياس موجب انگريزن واري ترتيب ۾ 'ب' کان پوءِ 'ٻ' کي رکيو ويو هو. اهو انداز اڳ جو آهي، پوءِ جو ناهي! پوءِ ته ساڳيو انداز ۽ ساڳي آئيويٽا. هڪ اکر سواءِ. ڊاڪٽر بلوچ موتائي هئي. پرمانند

ميوارام جي ڪنهن به لغت ۾ 'ب' کان پوءِ 'پ' واري ترتيب ڪانهي، نه رڳو ايترو پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لغت ۾ 'ب' کان پوءِ 'پ' واري ترتيب ڪونه ٿي ملي. ميڊم صاحبه جي ڪيل ڳالهه ٻڌ تي مبني آهي. 'ب' کان پوءِ 'پ' جي هجڻ واري ترتيب 1935ع ڌاري اختيار ڪئي وئي هئي، جيڪا 1960ع ڌاري ڊاڪٽر بلوچ پاران مٽائي، ساڳي انگريزن واري آئيويٽا مان صرف هڪ اکر 'ڦ' کي 'ف' جي هم شڪلي ڄاڻائي مٽيو ويو. جيڪا بيشڪ انفرادي ۽ مخصوص ماڻهن جي راءِ جي حيثيت رکي ٿي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اهڙي راءِ تي ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبه لکي ٿي ته: "... بهرحال سندس اهڙي ساڳي ڪوشش الف ب جي ترتيب (order) کي بدلائڻ واري به تنقيد هيٺ آئي. فائنل پاس اڳوڻا سنڌي پرائمري استاد موجوده ترتيب کي ناقص قرار ڏين ٿا ۽ تازو سنڌ اسيمبليءَ ۾ به ان جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو. اهڙا وڏا فيصلا (major decisions) ڪا ماهرن جي ٽيم ڪري ته شايد اهڙي تنقيد کان بچي سگهجي ٿو." (فهميده 2012: 119)

حقيقت اها به آهي ته لغت ڪاميٽيءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ سان گڏ پراڻا استاد به گڏ هئا، گهڻو امڪان آهي ته انهن جي راءِ به شامل ٿي هوندي. ان کان علاوه 26 جولاءِ 1995ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪاميٽي روم ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جي صدارت ۾ عالمن جي هڪ ڪاميٽيءَ پاران موجوده آئيويٽا کي معياري قرار ڏنو ويو. ته پوءِ وري به اهي ئي سوال اڀرن ٿا ته: ڇا اها ڪاميٽي ماهرن تي مشتمل نه هئي؟ يا هن بعد، اڳتي لاءِ ماهرن جي ڪاميٽي ڪير ٺاهيندو؟ ماهرن جي چونڊ جو معيار ڪهڙو هوندو؟ حقيقت ۾ اهڙن معاملن جي اڀياس خاطر لاڳاپيل عالمن ۽ استادن تي مشتمل سيمينار ٿيڻ کپن ۽ پوءِ سيمينار جي سفارشن جي روشنيءَ ۾ ڪوڪم ٿيڻ کپي. ٻي صورت ۾ علمي اڀياس جي حيثيت به ڪاميٽيءَ کان گهٽ ڪونه هوندي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ اڳتي لکي ٿي تہ: "انگريزن واري ترتيب جنهن ۾ وسرڳ آواز اوسرگ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي.

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز
س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي

ان کان سواءِ هيءَ ترتيب بہ رهي آهي، جنهن ۾ پ کي ب کان پوءِ رکيو ويو ۽ ان جي وسرگ آواز ڦ کي ف ۽ ق جي وچ ۾ رکيو ويو:

ا ب ٻ ڀ پ ت ٿ ٽ ٺ ث ج ڄ جه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز
س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي

جنهن کي اسي واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران هيءَ ترتيب ڏني وئي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز
س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي

تازو ڇپيل جامع سنڌي لغات ۾ اها ئي ترتيب آهي. هاڻي جڏهن پراڻين ڊڪشنرين تي نظر وجهون ٿا تہ انهن جي ترتيب مختلف آهي ۽ موجوده دور ۾ اها ٻي آهي، ان سان شاگردن کي مونجهارو ٿي سگهي ٿو." (فهميده، 2012: 138)

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ انگريزن واري ترتيب لاءِ لکي ٿي تہ 'وسرڳ آواز اوسرگ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي'، ڳالهہ ڪنهن حد تي ٺيڪ بہ آهي، ليڪن اصولي طو ر تي ڪيل ڪم مان اهڙي پڪ ٿئي ڪونہ ٿي! آئيوٽا ۾ ٻنا اکر(Digraph) 'جه ۽ گهہ' نرالا وسرڳ آهن. اهي ئي پنهنجن اوسرڳن سان رکيل ڪونهن. اهڙي واٽرٽائپ ٻين هنڌن بہ نڪري سگهي ٿي. 'ف' ۽ 'و' مخرج جي لحاظ کان قريب آواز آهن، سي ئي ڇڳا پيا آهن. ان بنياد تي اهو چوڻ ئي بيجا آهي تہ 'وسرڳ آواز اوسرگ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي'. اصل حقيقت ڏانهن اجا بہ خيال نہ ٿو وڃي.

ڊاڪٽر صاحب جي ڄاڻايل وچين آئيوينا جنهن ۾ 'ب' کان پوءِ 'پ' رکيل آهي، سا خود ساخته آهي، منهنجي ذاتي اڀياس موجب ڪٿي به ڪنهن اهڙي آئيوينا ڪونه ڄاڻائي آهي. ساڳي بلوچ آئيوينا ۾ صرف 'پ' کي هڪڙي هنڌان هٽائي 'ب' کان پوءِ رکيو ويو آهي. ٻيو ته بلوچ آئيوينا 1960ع ۾ جامع سنڌي لغات جي جلد پهرئين جي سرورق تي ڏني وئي هئي ۽ ان جي سرڪاري پذيرائي پڻ ڪئي وئي. اسي واري ڏهاڪي واري ڳالهه ٻي تڪي آهي.

محترم آفتاب ابڙي به موجوده 'ف' ۽ 'ق' جي پر ۾ هجڻ ۽ 'پ' ۽ 'ق' جي قرابت تي راءِ رکي آهي ته: "مڪاني ڪاميٽيءَ 'ف' کان پوءِ 'ق' رکي. يعني اهو 'ف' جو وسرڳ نهرايو ويو جيڪو هڪ ٻيو غير منطقي فيصلو هو جڏهن ته 'ق' وسرڳ آهي 'پ' جو." (ابڙو 2010: 51_ 92)

ڪهڙي مڪاني ڪاميٽيءَ 'ف' کي 'ق' جي پر ۾ رکيو ۽ 'ق' کي 'ف' جو وسرڳ قرار ڏنو؟ هڪ اجايو وڏاءُ ۽ هترادو ڳالهه ٻڌائي وئي آهي. ڪنهن به عالم اهڙي راءِ نه رکي آهي ته مڪاني ڪاميٽيءَ يا بلوچ صاحب 'ق' کي 'ف' جو وسرڳ قرار ڏنو! علمي حوالي سان اهڙي راءِ گمراه ڪندڙ آهي.

ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ ٻين عالمن جي 'پ' ۽ 'ق' جي قريب هجڻ واري راءِ تي ۽ پروفيسر لغاريءَ واري دلالت تي ٻه- ٽي سوال اڀرن ٿا ته:

- ? هڪ ته: ڇا 1853ع واري آئيوينا (جي ترتيب) مخرج جي بنياد تي رکيل هئي، جنهن سبب الانا صاحب صوتياتي نظام کي نظر ۾ رکي راءِ جوڙي؟
- ? ٻيو ته: ڇا ائين ته ناهي جو 1960ع واري ترتيب ٻيهارڻ ۾ 'ق' کي 'ف' جي پر ۾ رکڻ وقت ڊاڪٽر بلوچ جي خيال ۾ عربي 'ابتث' يا 1935ع واري هم شڪلي ۽ ٽبڪن وار آئيوينا آڏو رهي هجي؟

? جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ جي نظر ۾ اکر جي هم- شڪلي سامهون هئي تہ 1935ع واري آئيويتا کي تقويت ڇو نہ ملي؟ ڇا ان ۾ ڪي ڪوتاهيون هيون، يا اها ڪن ماهرن جي جڙيل ڪونہ هئي، يا ان کي جوڙڻ وارا ڪي ڪاٻي ڏريا مذهب جا ماڻهون تہ ڪونہ هيا؟

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترتيب بابت اهڙا سوال ۽ مسئلا رهيا آهن، جنهن تي ڪافي عالمن ۽ استادن اعتراض ورتا، نتيجا بند ڪمرن ۾ حل ڪرڻ سبب، حالت اها آهي جو ڪافي علائقن ۾ اڄ بہ 1935ع واري (ابتث واري انداز سان ترتيبيل) شڪل ۽ تبڪن-وار پٽي پڙهائي وڃي ٿي. منهنجي ذاتي جائزي موجب ساهتي پرڳڻي جي ڪافي ٻهراڙيءَ جي اسڪولن (خاص طور پريا ۽ موري تعلقي) ۾ اڄ بہ اها ترتيب پڙهائي وڃي ٿي، ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟ سڀ ڪجهہ آڏو آهي! ڇوڻ جو مقصد تہ سرڪاري مقرريءَ باوجود بہ استاد 1960ع واري ٻي ٺڪي ترتيب پڙهائڻ کي پسند ڪونہ ٿا ڪن.

1920ع ڌاري مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ ايلس واري پٽيءَ/ آئيويتا جي ورج ۽ ترتيب تي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ تنقيد ڪندي ديوناگري مخرجي آئيويتا سان پيٽي ترتيب ڏني آهي. (قليچ، 165:2006)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ساڳئي نموني سنڌي آوازي سرشتي جي 41 اکرن کي ديوناگري ترتيب جيان بيهاريو آهي. (جيٽلي، 2006: 128- 132)

محترم واحد بخش شيخ صاحب 52 سنڌي اکريءَ جي ورج ڪندي، عربي شمسي- قمري آئيويتا جيان، مخرج موجب ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (شيخ، 1986: 12- 13) حالانڪ اها ورج موجوده حالتن مطابق اٽوٽندڙ ليکي وئي آهي، ليڪن هن بزرگ جيڪا پنهنجي سوچ ۽ عربي انداز سان مخرجي ورج ڪئي آهي، سا ساراهڻ جوڳي آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب عربي- سنڌي آئيويٽا جي 1853ع، 1935ع ۽ 1960ع واري گاڏڙ ترتيب، ٻاراڻن ڪتابن ۾ هجڻ جو ذڪر ڪندي، ڏني آهي. (جيٽلي- 1999: 56)

ا ب ٻ ٻ ڀ ت ٺ ٽ ٿ ث ٿ ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ گهہ ڳ ڱ ل م ن ڻ و هہ ء ي.

ڇاڻايل ترتيب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جي خود ساخته آهي، جيڪا سندس خيال موجب ٻاراڻن ڪتابن ۾ عام رواجي ترتيب آهي: سندس ڇاڻايل ترتيب ۾ گهٽو وڌن 1935ع واري ترتيب جو آهي.

1935ع واري عربي- سنڌي آئيويٽا جي ترتيب ٻار لاءِ ٻوليءَ جي مقرره مهارتن مان: پڙهڻ ۽ لکڻ موجب ٺوٺي تصوراتي طور تي ياد ڪرڻ تمام آسان ۽ موزون هئي. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ 'ٻولين جي لکڻ جو طريقو' واري باب ۾ پوپٽي هيرانندائيءَ جو 1935ع واري عربي- سنڌي آئيويٽا جي ترتيب جو ديوناگري آئيويٽا جي ترتيب سان پيش ڪيل تقابلي جائزو پيش ڪندي ڄاڻائي ٿو ته: "ديوناگريءَ ۾ نڙي، چپن، تارون، ڏندن مان نڪرندڙ آواز ترتيب سان بيهاريل آهن، ائين چوڻ ٺيڪ ناهي ته ائين اچارن سکڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي. سنڌيءَ جا اکر انهن کان بهتر طريقي موجب بيهاريل آهن، جيڪي نظر طريقي (Sight Method) موجب آهن: مثلاً: ب، ٻ، پ، ڀ، ت، ٺ، ٽ، ٿ، ث- د، ذ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ- ح، ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ وغيره. ان ڪري ٻارن کي لکاوٽ سکڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي ٿئي." (جتوئي، 1996: 192)

پروفيسر سيد محمد سليم خط نستعليق موجب عربي- اردو آئيويٽا جي ترتيب تي تنقيد ڪندي عربي جي ترتيب لاءِ لکي ٿو ته: ''حروف کی ترتیب بھی اصلاح کی طالب ہے۔ ابتدا میں حروف کی ترتیب آرامی طریقہ پر ابجد کے مطابق تھی۔ ا ب ج د، ہ و ز، ح ط ی، ک ل م ن، س ع ف ص، ق ر ش ت، ث خ ذ، ض ظ غ۔

اس ترتیب میں نہ آواز کا خیال رکھا گیا اور نہ شکلوں کا خیال رکھا گیا تھا۔ صوتی یا صورتی کوئی مناسبت اس ترتیب میں نظر نہیں آتی۔ طالب علموں کو اس ترتیب کے یاد کرنے میں سخت دشواری تھی۔ نحو اور لغت کے امام خلیل بن احمد فراہیدی نے سب سے پہلے اس بے ترتیبی کو محسوس کیا۔ اس کی جدّت پسند طبیعت نے ایک نئی ترتیب پیش کی۔ اس نے حروف کو حلق کے مخارج کے اعتبار سے درجہ بدرجہ ترتیب میں رکھا۔ یہ ترتیب حلقی تھی۔ ع ح ہ، خ غ، ق، ک ج ش ض، ص س ز، ط د ت، ظ ذ ث، ر ل ن ف، ب م ء ی و۔ بلاشبہ لسانیات کے محققین کے نزیک خلیل کا یہ کارنامہ بڑا قابل قدر ہے، لیکن طلبہ کے نقطۂ نظر سے دشواریاں بدستور باقی رہیں۔ یاد کرنے میں اب بھی سہولت پیدا نہیں ہوئی۔

عربی خط کے عظیم فن کار ابن مقلہ (۳۱۰ھ / ۹۲۳) نے طلبہ کی دشواری کو محسوس کیا اور پھر اس کا حل نکالا۔ اس نے ہم شکل حروف کو ایک جگہ جمع کر کے ایک نئی ترتیب ابتث کہلاتی ہے۔ اب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز، س ش، ص ض، ط ظ، ع غ، ف ق، ک ل م ن، و ہ ء ی۔ جس طرح ابن مقلہ کے اختراع کردہ خط نسخ نے خطِ کوفی کو منسوخ کر دیا۔ اسی طرح اس کی جاری کردہ ترتیب نے ترتیب ابجدی اور ترتیب حلقی کو منسوخ کر دیا۔" (سلیم، ۱۹۸۱: ۹۱ سے ۹۲)

(حرفن جي ترتيب ۾ اصلاح جي گهرج آهي. ابتدا ۾ حرفن جي ترتيب آرامي طريقي سان ابجد موجب هئي: '*ابجد، هوز، حطي، ڪلمن، سعفص، قرشت، ثخذ، ضظغ*'. هن ترتيب ۾ نه ته آواز جو خيال رکيو ويو ۽ نه وري شڪلين جو خيال رکيو ويو. صوتي يا صورتي ڪابه مناسبت هن ترتيب ۾ نظر نه ٿي اچي. شاگردن کي ان ترتيب کي ياد ڪرڻ ڪافي مشڪل هو. ان سلسلي ۾ نحو ۽ لغت جي امام خليل بن احمد فراهيدي (780ع) سڀ کان پهريائين بي ترتيبي محسوس ڪئي، انجي جدت پسند طبيعت هڪ نئين ترتيب پيش ڪئي. ان حرفن کي حلق جي مخرج مطابق درجي بدرجي ترتيب ڪيو: *ع ح هه، خ غ ق، ڪ ج ش ض، ص س ز، ط د ت، ظ ذ ث، ر ل ن ف، ب م ء ي و*، اها ترتيب حلقي هئي. بيشڪ لسانيات جي محققن آڏو اهو وڏو ڪارنامو قدر جي لائق هو. ليڪن شاگردن جي نقطهء نظر کان مشڪلاتون ساڳيون رهيون. ياد ڪرڻ ۾ وري به ڪا سهوليت

ڪانہ ٿي. عربي خط جو عظيم فنڪار ابنِ مقلہ (923ع) شاگردن جي مشڪلاتن کي محسوس ڪندي هم شڪل - رفن کي يڪجاءِ ڪري هڪ نئين ترتيب پيش ڪئي جيڪا 'ابتث' چورائي ٿي. اها هي آهي: ا، ب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز، س ش، ص ض، ط ظ، ع غ، ف ق، ڪ ل م ن، و هہ ء ي. جهڙيءَ طرح ابن مقلہ جي گهڙيل خطِ نسخ، خطِ ڪوفيءَ کي منسوخ ڪيو اهڙيءَ طرح انجي جاري ڪيل ترتيب، ابجدي ۽ حلقي ترتيب کي منسوخ ڪري ڇڏيو.)

### 5.3.2 عالمن جي راين جو نچوڙ

- 26 جولاءِ 1995ع تي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي ڪاميٽي روم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جي صدارت ۾ عالمن جي هڪ ڪميٽيءَ پاران- جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مانوارو محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پروفيسر شيخ محمد فاضل، منهنجو رهبر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ڊاڪٽر فهميده حسين، منهنجو محسن ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، محترم امداد حسيني صاحب شامل هئا- يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو تہ 'هن بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي الف- بي سٽاءَ اها ئي مستند ۽ قابل عمل رهندي جيڪا سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ٿيل 'جامع سنڌي لغات' (زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ) ۾ استعمال ٿيل آهي.

جيڪي عالم آئيوينا جي ترتيب لاءِ ڪا راءِ رکن ٿا تن کي هيٺينءَ ريت ڄاڻائجي ٿو:

- **مرزا قليچ بيگ** چواڻي: هيءَ الف- ب عربي ٻوليءَ جي الف- بي تان نهيل آهي .... ان جا اکر يا آواز ڪنهن اصول تي نهرايا نہ ويا آهن، رڳو ڏُڪي تي وقت تپ ئڻ لاءِ نهرايا ويا آهن ....

سنسڪرت ۾ يا سنسڪرت مان نڪتل ٻولين ۾ وات مان نڪرڻ وارين جاين وارا اکر يا آواز سڀ گڏ ڏنل آهن.

- **پوپٽي هيراننداڻيءَ چواڻي:** ديوناگريءَ ۾ نڙي، چپن، تارون، ڏندن مان نڪرندڙ آواز ترتيب سان بيهاريل آهن. اٿين چوڻ ٺيڪ ناهي تہ اٿين اچارن سکڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي. سنڌيءَ جا اکر انهن کان بهتر طريقي موجب بيهاريل آهن. جيڪي نظر طريقي (Sight Method) موجب آهن. مثلاً: ب، ٻ، پ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، ث، ـ د، ذ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ ـ ح، ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ وغيره. ان ڪري ٻارن کي لکاوٽ سکڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿي ٿئي.
- **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي چواڻي:** ٻاراڻن ڪتابن ۾ ڏسبو تہ الف ـ بي جو سلسلو هڪ جهڙو نہ آهي. ساڳي ڳالهہ سنڌي شبد ڪوش سان بہ لاڳو آهي. سنڌي ڊڪشنرين ۾ الف ـ بي جو سلسلو جدا جدا نموني ڏنل آهي. .... عربي فارسي الف ـ بي ۾ حرفن جو سلسلو ساڳي 'صورت' وارن حرفن جي آڌار تي مقرر ڪيل آهي، جيڪو ڌوني وگيان جي اصولن مطابق نہ آهي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ديوناگري ورڻمالا ۾ حرفن جي ترتيب انهن اصولن مطابق آهي.

هاڻي اچو تہ عربي ـ سنڌي ورڻمالا جي چارٽ ۾ ڏنل سڀ حرف ڏسون جيڪي عام طور هن سلسلي ۾ ٻاراڻن ڪتابن ۾ ڏنا ويندا آهن:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ

ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ گھ ڳ ڱ

ل م ن ڻ و ھ ء ي

- **ڊاڪٽر الانا چواڻي:** 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل 'جامع سنڌي لغات' جلد اول ۾ الف ـ بي جي پٽيءَ ۾ وڏيڪ ڦير ڦار آڻي 'ڦ' کي 'پ' جي پير مان هٽائي 'ف' جي پير ۾ رکيو ويو. انلاءِ هي دليل ڏنو ويو تہ ف ۽ ڦ جي شڪل هڪجهڙي آهي،

تنهنڪري ٻئي حرف هڪٻئي جي پاسي ۾ رکڻ گهرجن .... هن پٽيءَ ۾ ’ڦ‘ کي ’ف‘ جي پاسي رکڻ لاءِ ڏنل دليل مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ اسان جا ماهر سنڌي صوتياتي نظام کان واقف نہ هئا.

- **پروفيسر عبدالڪريم لغاريءَ چواڻي:** مسٽر پيرومل جو پيو اعتراض، سنڌي الف- بي جي حرفن جي ترتيب تي آهي. ان ئي اصول تحت ڦ کي ف جي ڀرسان رکيو ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ عربي الف- بي جا حرف ٿوري مشابهت جي لحاظ کان ترتيب ڏنل آهن ۽ سنڌي الف- بي جيئن تہ عربي الف- بي تان ئي ٺهيل آهي، ان ڪري ساڳئي عربي الف- بي واري اصول کي سنڌي الف- بي لاءِ بہ اختيار ڪيو ويو آهي. سنڌي الف- بي جي ترتيب ۾ ڪنهن بہ مونجهاري يا رولي جو باعث نہ ٿي بڻجي. اها ترتيب سرڪاري طرح سان اوائلي ٻاراڻن ڪتابن ۾ هئي.
- **ڊاڪٽر فهميده حسين چواڻي:** ٻوليءَ جي حروف تهجيءَ جي ترتيب (order) کي هڪ مسئلو بڻايو ويو آهي .... انگريزن واري مقرر ترتيب موجب سمورا ٻاراڻا ڪتاب ۽ ڊڪشنريون ڇاپيون وينديون هيون. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ اها ئي ترتيب آهي. ان ترتيب موجب ٻارن کي اکر سيکارڻ ۾ سهوليت خاطر الف کان پوءِ ب ۽ پوءِ نقطن جي تعداد موجب حرفن کي رکيو ويو هو جنهن ۾ ٻ کي ب کان پوءِ رکيل هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ اها ترتيب بدلائي وئي ۽ ’ب‘ کان پوءِ ’ٻ‘ کي رکيو ويو. جواز اهو ڏنو ويو تہ هر اوسرگ آواز پٺيان وسرگ آواز رکيا ويا آهن. پر اهو اصول ’ٻ‘ ۽ ’ڦ‘ سان لاڳو ڪونہ ڪيو ويو ڇوتہ ’ڦ‘ جي شڪل صورت ’ف‘ سان ملندڙ هئي، ان ڪري اتي رکڻ وڌيڪ مناسب سمجهي وئي، ان صورت ۾ موجوده ترتيب نہ صوتيات جي لحاظ کان درست آهي ۽ نہ وري نقطن جي ترتيب سان. اهڙي قسم جون

تبديليون اختيار وارين حيثيتن تي رهندڙ فرد انفرادي طور تي ڪندا رهيا آهن، جڏهن تہ اهڙا ڪم ماهرن تي مشتمل ڪميٽين يا پئنلن کي ڪرڻ گهرجن.

- **واحد بخش شيخ جي** ترتيبيل آئيوينا جو ڍنگ عربي طرز جي شمسي۔ قمري آئيوينا تي آهي، جيڪا آوازن جي مخرج موجب بيهاريل آهي.
- **پروفيسر سيد محمد سليمؒ چوائي:** عربي۔ اردو آئيوينا جي ترتيب ۾ اصلاح جوڳي آهي، عربي ابجد جي ترتيب ابتدا ۾ آرامي طريقي سان هئي، جنهن جي ترتيب ۾ نہ تہ آواز جو خيال رکيو ويو ۽ نہ وري شڪلين جو خيال رکيو ويو. ان مشڪلات کي ڏسندي خليل بن احمد اها بي ترتيبي محسوس ڪندي ان جي آوازن کي مخرج مطابق ترتيب ڏنو. ليڪن شاگردن جي نقطہ نظر کان مشڪلاتون ساڳيون رهيون، عربي خط جي ابن مقلہ شاگردن جي مشڪلاتن کي محسوس ڪندي هم شڪل حرفن کي ترتيب ڏنو. جهڙيءَ طرح ابن مقلہ جي گهڙيل خطِ نسخ، خطِ ڪوفيءَ کي منسوخ ڪيو اهڙيءَ طرح انجي جاري ڪيل ترتيب، ابجدي ۽ حلقي ترتيب کي منسوخ ڪري ڇڏيو.

### 5.3.3 وضاحت طلب نڪتا

عالمن جي خيالن ۾ راين مان جيڪي اهم وضاحت طلب نڪتا سامهون اچن ٿا سي هيٺين ريت رکجن ٿا:

- 5.3.3.1. **لفظ 'آئيوينا' جو دائرو**
- 5.3.3.2. **ترتيب جا نمونا**
- 5.3.3.3. **مقبول ترين ترتيب**

### 5.3.3.1. لفظ آئيوينا جو دائرو

*لغت ۾ عالمن جي روشنيءَ ۾ لفظ آئيوينا جو جيڪو مفهوم آڏو آيو آهي تنهن جي مراد جو اهم مرڪز 'ترتيب' تي آهي، يعني: ڪنهن ٻوليءَ لاءِ لکجندڙ صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ اکرن جي اها ترتيب جيڪا متعلقہ ٻوليءَ وارن لاءِ قبوليت جو درجو رکندي هجي.*

### 5.3.3.2. ترتيب جا نمونا

سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ عربي- سنڌي آئيوينا توڙي صورتخطيءَ جو بنياد عربي آئيوينا تان ورتل آهي، ان کان علاوه سنڌي ٻولي ديوناگري آئيوينا/ رسم الخط ۾ بہ لکبي رهي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان عربي توڙي ديوناگري مقبول آئيوينائون رهيون آهن، جن جي اهم سببن ۾ مذهب جو ڪردار اهم رهيو آهي.

- ديوناگري آئيوينا جي ترتيب آواز جي مخرج موجب رکيل آهي.
- عربي آئيوينا ۾ ترتيبن جا ٽي نمونا رهيا آهن:

5.3.3.2.1. ابجد (شماري) آئيوينا.
5.3.3.2.2. مخرجي (شمسي قمري اکر- وار) آئيوينا.
5.3.3.2.3. ابتث (شڪل ۽ ٽپڪن- وار) آئيوينا.

### 5.3.3.2.1 ابجد (شماري) آئيوينا

پوري دنيا جي ٻولين جي مقرره صورتخطيءَ لاءِ متعين ڪيل آئيوينائن ۾ ڪو بہ اهڙو مثال ڪونہ ٿو ملي، جو ڪنهن هڪ ٻوليءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ آئيوينائن جو تصور موجود هجي ۽ ساڳئي وقت انهن آئيوينائن جو سماجي ڪارج پڻ!

عربي ٻولي اها واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ ٽن آئيوينائن جو تصور موجود آهي ۽ جن جو عربي ٻوليءَ جي حوالي سان الڳ الڳ سماجي ڪارج پڻ آهي، جنهن جو ذڪر پوئين باب ۾ ٿي چڪو آهي.

دنيا جي گولي تي اڪثريت سان ڪم ايندڙ رومن الفابيٽ/ آئيويتا جي ترتيب جو بنياد بہ ابجد تان ورتل آهي، جيڪا عام طور تي انگريزيءَ ۾ ڪم آندي وڃي ٿي. رومن الفابيٽ جو بنياد وري يونانيءَ تان ورتل آهي. ابجد آئيويتا جو شماري ڪارج ڏسي يوناني الفا بيٽا جي چند اکرن کي رياضيءَ ۾ علامتن طور پڻ ڪم آندو ويندو آهي. رومن الفابيٽ جي ترتيب، ابجد ترتيب سان تقابلي هيٺ رکجي ٿي:

| ضظغ | ثخذ | قرشت | سعفص | ڪلمن | حطي | هوز | ابجد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| XYZ | UVW | QRST | OP - - | KLMN | HIJ | EFG | ABCD |

جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ رومن الفابيٽ جو بنياد ابجد ئي آهي، صرف چند آوازن جي ردوبدل سان ترتيب ڏني وئي، جيڪا جيئن جو تيئن عام استعمال ۾ پئي اچي. دؤر جديد ۾ جڏهن 'الفابيٽ/ آئيويتا' جي مراد ئي 'اکرن جي ترتيب' آهي، تہ ان صورت ۾ رومن الفابيٽ جي ترتيب ڪهڙي ڪاتي ۾ آڻجي؟ پر جيئن تہ عام ٿي چڪي آهي ۽ ابجد کان بہ مختصر آهي ان صورت ۾ ان تي غور ڪرڻ کي فضول سمجهيو ويو آهي.

سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان عربيءَ جون ٽئي آئيويتائون سنڌي صورتخطيءَ ۾ باقاعده ڪم آنديون ويون/ وينديون آهن. هڪ: ابجد واري آئيويتا، ٻي: شمسي قمري آئيويتا ۽ ٽي: ابتث (شڪل ۽ ٽٻڪن _ وار)

5.3.3.2.1.1 **سنڌي صورتخطيءَ ۾ ابجد آئيويتا جو مختصر ڪارج**

- عام طور تي ڄاڻايل نڪتن مان ڪنهن هڪ جي وڌيڪ تفصيل ۾ شمار لاءِ ڪم آندي ويندي آهي: محترم رحيم بخش ميمڻ جي ڪتاب 'تعليم مادري زبان' مان ٿورو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"شاگردن جي پڙهڻ وقت هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکڻ گهرجي:

1. پڙهڻي اهڙي هجي، جنهن سان مضمون جو مطلب بلڪل صفائيءَ ۽ چٽائيءَ سان ظاهر ٿي سگهي .... ان جو مطلب سمجهي سگهجي. ان لاءِ هيٺيان نڪتا قابل توجہ آهن:

(الف) پڙهڻ وقت مضمون جي موضوع جو خيال رکجي، تہ اهو ڪهڙي جذبي هيٺ ۽ ڪهڙي نوع ۾ رکيل آهي .... پڙهڻ وقت پڙهندڙ کي ڪوشش ڪري ٻڌندڙ ۾ انهن جذبن جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي....

(ب) پڙهڻ وقت آواز پورو ڪيجي، نہ تمام جهيڻو هجي ۽ نہ تمام بلند هجي.

(ج) لفظن جو تلفظ بلڪل درست هئڻ گهرجي.

(د) پڙهڻ وقت بيهڪ جي نشانين جو خيال رکجي ۽ انهن موافق وچ وچ ۾ موزون ساهہ کڻجي.

(هہ) پڙهڻ جي رفتار بہ فطرتي گفتگو جي رفتار جهڙي هئڻ گهرجي، نہ تمام تکڙي هجي ۽ نہ تمام ڍري هجي." (رحيم 1950:76)

- ڪنهن بزرگ جي شاعري وغيره مان ڪنهن سٽ جو ابجدي تعداد معلوم ڪري سن وفات يا ڪنهن واقعي کي ظاهر ڪيو ويندو آهي، جيئن:
- علم نجوم يا جفر جي حوالي سان ستارن ۽ برجن معلوم ڪرڻ لاءِ نالن جي اکرن جا ابجدي عدد جوڙ ڪري برج يا ستارو وغيره معلوم ڪيو ويندو آهي. ابجدي تعداد ذريعي ڪنهن آيت يا سورة وغيره جو تعويذ ٿل وغيره جو نقش ناهيو ويندو آهي يا عام طور تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ جو ابجدي تعداد '786' پڻ ڪم آندو ويندو آهي. (ياد رهي تہ سنڌي نالن ۾ ڪم ايندڙ نيٺ سنڌي آوازن/ اکرن لاءِ ابجد جا قريب آوازي اکر ورتا ويندا آهن.)

### 5.3.3.2.2 مخرجي آئيوينا

هن کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪمر ايندڙ ديوناگري آئيوينا ۾ اهڙو تصور موجود آهي، جڏهن تہ موجوده دؤر مطابق سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪمر ايندڙ عربي- سنڌي آئيوينا جي ڪا مروّج مخرجي ترتيب جي ڪا شڪل موجود ڪونهي. البتہ مرزا قليچ بيگ مرحوم، ڊاڪٽر جيٺلي ۽ واحد بخش شيخ صاحب جن جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا جن بزرگن پنهنجي خيال کان اهڙي ترتيب بيهارڻ جي ڪوشش ورتي هئي/ آهي. مرزا صاحب ۽ جيٺلي جيڪا شڪل بيهاري، تنهن جو انداز ديوناگريءَ وارو آهي ۽ شيخ صاحب جيڪا مخرجي ترتيب بيهاري تنهن جو انداز عربيءَ واري شمسي- قمري انداز واري آهي. پر جيئن تہ اها مقبوليت ماڻي ڪانہ سگهي، تنهن ڪري اها ڪنهن بہ ڳڻپ ۾ ڪانہ ٿي اچي.

#### 5.3.3.2.2.1 سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي مخرجي آئيوينا جو ڪارج

سنڌي صورتخطيءَ ۾، عربي مرڪب لفظن جي استعمال سبب، عربي مخرجي (شمسي- قمري) آئيوينا جو استعمال ڪنهن حد تي ٿئي ضرور ٿو! ان جو سبب عربي صورتخطيءَ جي تقليد آهي، ان صورت ۾ عربي مخرجي آئيوينا جي سڃاڻ لازمي ٿي پوي ٿي، جيئن:

- قمري آوازن سبب 'ال' پڙهڻ: عبدالْڪريم، ابوالْقاسم، احڪم الْحاڪمين، اشرف الْمخلوقات، اصحاب الْجنت، ام الْمؤمنين، باب الْاسلام، بيان الْعارفين، حجّة الْوداع، رب الْعالمين، صراط الْمستقيم، قيد الْماءِ، بحرالْڪاهل، يوم الْحساب وغيره.
- شمسي آوازن سبب 'ال' نہ پڙهڻ: تارڪ الدّنيا، سيد الشّهداء، سيدة النّساء، صحت النّساءِ، عوام النّاس، فارغ التّحصيل، مُفيد الصُّبيان، اصحاب النّار، السّلام عليڪم، عبداللّطيف، عبدالسّلام وغيره.

### 5.3.3.2.3 ابتڊ (مقبول ترين) آئيويتا

سنڌي آئيويتا توڙي رسم الخط جو بنياد جيئن تہ سڌو سنئون عربي آئيويتا جي خط نسخ تان ورتل آهي، ان صورت ۾ ان جي اصولن کي باضابطہ طور تي جاچيو ڪونہ ويو آهي. عربي۔ سنڌي آئيويتا/ ايلس آئيويتا مٿين ٻن آئيويتائن کان هٽي ڪري، بنيادي طور تي 'ابتڊ' تان ورتل آهي، هيٺ اهڙي ڀيٽ ڏيکارجي ٿي:

**عربيءَ جي ابتڊ (شڪل ۽ نبڪن وار ) آئيويتا**

ا ب ت ث، ج ح خ، د ذ، ر ز، س ش، ص ض،

ط ظ، ع غ، ف ق ڪ، ل م ن، و هہ ي

**عربي۔ سنڌي (ايلس واري) آئيويتا**

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ث پ ڦ ج ڄ جھ ڃ
چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط
ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و
هہ ء ي.

### 5.3.3.3 عربي ۽ سنڌي آئيويتا جي تقابلي ڀيٽ

| صورت | عربي (ابن مقلہ واري) آئيويتا | سنڌي (ايلس واري) آئيويتا |
|---|---|---|
| ا ۽ ب | ا ب ت ث | ا، ب، ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، |
| ح | ج ح خ | ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ |
| د | د ذ | د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ |
| ر | ر ز | ر ڙ ز |

| صورت | عربي (ابن مقلہ واري) آئيوينا | سنڌي (ايلس واري) آئيوينا |
|---|---|---|
| س | س ش | س ش |
| ص | ص ض | ص ض |
| ط | ط ظ | ط ظ |
| ع | ع غ | ع غ |
| ف ڪ/ ک | ف ق ڪ/ ک | ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ |
| ل م ں | ل م ن | ل م ن ڻ |
| و ه ی | و ہ ی | و ھ ۽ ي |

عربي 'ابتث' آئيويتا ۽ ايلس آئيويتا جي تقابل مان اندازو ٿئي ٿو تہ ايلس آئيويتا ترتيب ڏيڻ وقت ابتث آئيويتا کي سامهون رکي، سنڌي اضافي اکرن کي متعلقہ عربي اکرن جي وچ ۾ تنبيو ويو. جنهن جو اندازو ڏنل تقابل مان بخوبي ٿئي ٿو.

5.3.3.4 تقابل مان حاصل امڪاني نڪتا

- ✓ ايلس آئيويتا جي تعين لاءِ ابن مقلہ جي شڪل ۽ ٺهڪن وار آئيويتا سامهون رکي وئي هوندي.
- ✓ اکرن کي ٺهڪن وار ترتيب رکڻ جي ڪوشش ورتي وئي هوندي. جيئن: هيٺان- ٻ، ٻ- ڀ، ڊ. مٿان: ٺ، ٽ، ٿ، ڌ، ڏ، ڎ وغيره
- ✓ اکرن کي گھر- وار/ شڪل- وار بہ رکيو ويو جيئن: ب، ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، ث، پ: ج، ڄ، جھ، ڃ، چ، ڇ، ح، خ: د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ: ر، ڙ، ز: س، ش: ص، ض: ط، ظ: ع، غ: ک، گ، ڳ، گھ، ڱ: ن، ڻ: ۽، ي

✓ آوسرڳ- وسرڳ آوازن جي ترتيب جو به خيال رکيو ويو جيئن:ت- ٿ، ٽ- ٺ، پ- ڦ، ج- ڇ، ڊ- ڏ، ڍ- ڍ، ڪ- ک.

✓ ساڳئي وقت ڪن آوسرڳ- وسرڳ جو خيال نه به رکيو ويو جيئن: ب- ڀ، ج- جهه، گ- گهه.

<u>ان کان علاوه آئيويتا جي ترتيب ۾ همزي جي آخر ۾ هجڻ مان به اهو اندازو ٿئي ٿو ته اهڙي اکر جي ترتيب ۾ اکر جي هم- شڪليءَ جو خيال رکيو ويو هوندو.</u> هونئن به همزي جو استعمال عام طور تي عجمي آئيويتائن جي آخر ۾ ئي ملي ٿو. جيڪڏهن آواز جي بنياد تي رکڻ جو رواج رهيو هجي ته پوءِ يقيناً الف جي پر ۾ ئي سونهين ٿو. اهڙيون شڪايتون عام طور ٿينديون رهيون آهن. اهڙي شڪايت شان الحق حقي جي هن حوالي مان به ملي ٿي: ''ایک زیادتی تو ہمزہ کے ساتھ یہ ہوئی کہ اگرچہ یہ الف ہی کا ہم آواز اور ہم نام ہے، لیکن اسے حروف تہجی کے آخر میں صرف 'ی'، 'ے' سے پہلے جگہ دی گئی ہے، حالانکہ وہ پکار پکار کے کہہ رہا ہے کہ میں دراصل حرف صحیح الف ہی ہوں۔ جو کام وہ کرتا ہے، وہ میں بھی کرتا ہوں۔'' (حقي، 161:1996)

متي ڄاڻايل همزي بابت ويچارگي مان اهو ئي خيال اپري ٿو ته هن اکر کي عربي آئيويتا ته ڪا اهميت ڪانه ڏني، البته عجمي آئيويتائن ۾ جڳهه ڏني وئي آهي، سا به اڪثر آخر ۾. ظاهر آهي ته ان جو اهم سبب همزي اکر جي (ي سان) هم شڪلي آهي.

متي ڄاڻائي چڪا آهيون ته عربيءَ جون ئي آئيويتائون اڄ سوڌو عربيءَ ۾ مستعمل آهن. پڪو امڪان آهي ته عربي- سنڌي آئيويتا ترتيب ڏيڻ وقت، ماهرن جي نظر 'ابجد' ۽ 'مخرجي' آئيويتا کي ڇڏي ڪري، عربيءَ جي 'ابتث' واري ترتيب تي هوندي. ليڪن ان چونڊ ۾ ڪوبه وڏاءُ نه ٿيندو ته اُن وقت ڪنهن به عالم جي اڳيان 'ابتث' جي ترتيب جا ڪارڻ ۽ اصول يقيناً سامهون نه آيا هوندا. جنهن سبب عربي- سنڌي آئيويتا جي

ترتيب ۾ 'ابتث' واري ترتيب رکندي به ان جا اصول ڪونه اپنايا ويا. البته جتي ممڪن ٿي سگهيو اتي مخرج جو پڻ خيال رکيو ويو.
'ڦ' واحد اهڙو اکر محسوس ٿئي ٿو جيڪو هم شڪلي گروه ۾ نه ٿو اچي، جنهن سببان ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان کي 1960ع ۾ 'جامع سنڌي لغات' ذريعي ڪٿي 'ف' جي پر ۾ رکيو_ سو به 'ف' کان اڳ نه پر پوءِ رکيو.
ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڇاڻاڻ موجب: ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان عمل مان اهوئي واضح ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر بلوچ جي نظر اکر جي هم شڪليءَ تي هئي.
1935ع ۾ ڪتابن ذريعي ايلس واري آئيوينا کي 'ابتث' واري ڪارڻ ۽ اصول پٺاندر شاگردن جي ياد ڪرڻ ۽ لکڻ واري سهوليت کي نظر ۾ رکي، اکر جي شڪل ۽ ٽبڪن_ وار ترتيب رکي وئي، جيڪا تصويرن بجاءِ تصورن جي بنياد تي هئي. مذڪوره آئيوينا شاگردن، استادن توڙي چند عالمن ۾ يڪسان طور تي مقبوليت جو درجو ماڻي ورتو. ايتريقدر جو 80 واري ڏهاڪي تائين پرائمري اسڪولن ۾ باقاعده پڙهائي ۽ رٽرائي وئي. اڄ سوڏو ڪن اسڪولن ۾ مذڪوره آئيوينا پڙهائي وڃي ٿي.

### 5.3.3.5 ڪنهن آئيوينا/ ترتيب جي مقبوليت جو ڪارڻ

ڪنهن آئيوينا جي مقبوليت جي ڪارڻن مان به ڳالهيون سامهون اچن ٿيون:

- هڪ، آئيوينا جو مختصر هجڻ؛
- ٻيو، آئيوينا جي آسان ترتيب.

#### 5.3.3.5.1 آئيوينا جو مختصر هجڻ

موجوده حالت ۾ برصغير ۾ مستعمل آئيوينائن مان انتهائي مختصر آئيوينا جو اعزاز انگريزي آئيوينا/ الفابيٽ کي آهي، جنهن ۾ 26 اکر آهن. ان کان اڳ اهو اعزاز آرامي ابجد کي حاصل هيو. ڇاڪاڻ ته انهن جي ابجد ۾ ڪل 22 اکر (ابجد هوز حطي ڪلمن سعفص قرشت) هئا. جن ۾ عربن پنهنجي گهرج آهر 6 اکرن (ثخذ ضظغ) جو اضافو ڪري 28 اکرن جو

مجموعو ٺاهي ڇڏيو. عالمن جي راءِ مطابق انگريزي آئيويٽا/ رومن رسم الخط جو بنياد بہ آرامي ابجد مان آهي.

عام طور اهو ئي تصور ڪيو ويندو آهي تہ پوري دنيا ۾ رومن ۽ عربي رسم الخط جي مقبوليت جو ڪارڻ سندن ترتيب ۾ موجود اکرن جو اختصار آهي. جيڪڏهن اختصار ڏٺو وڃي تہ بنيادي آرامي ابجد ۾ اکرن جي ترتيب انتهائي مختصر هئي، تہ پوءِ ڪهڙي ضرورت پئي جو عربن ان ۾ اضافو ڪيو؟

جيئن عربن پنهنجن مخصوص آوازن سان آرامي ابجد ۾ اضافو ڪيو تيئن فارسيءَ وارن ان ۾ پنهنجن آوازن آهر اکرن جو اضافو ڪيو اهڙيءَ ريت اردوءَ وارن ان ۾ پنهنجن آوازن کي اکرن جي صورت ۾ اضافو ڪيو. ساڳئي نموني سنڌي ٻوليءَ جي آئيويٽا/ رسم الخط ۾ عربي فارسيءَ سميت پنهنجن آوازن لاءِ پڻ الڳ اکرن جو اضافو ڪيو. عربي آواز وارن اکرن کي صرف صورتخطيءَ جي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ بحال رکيو ويو. ائين آئيويٽا/ رسم الخط جو وزن وڌي ويو. ايتريقدر جو سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ اڄ سوڌو سڌارن واڌارن جي ضرورت آهي.

موجوده حالتن ۾ عربي- سنڌي آئيويٽا ۾ ڪنهن اکر يا صورتخطيءَ ۾ واڌاري کي بيجا بار ڀانيو وڃي ٿو. پر حقيقت ۾ ڪنهن سڌاري ۽ واڌاري سان سنڌي صورتخطيءَ جي معاملن ۾ درستگي (accuracy) واري معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

موجوده انگريزي آئيويٽا ۾ اکرن جي مختصر هجڻ سبب ان جي صورتخطي ڪافي پيچيده ۽ منجهائيندڙ آهي، جيستائين ڪو انگريزي لفظ ٻڌو يا ٻڌايو نہ ويو هوندو درست اچار ڪڍڻ ئي مسئلو آهي!

ان حوالي سان ڊاڪٽر چندر جي ڏاسواڻي لکي ٿو تہ: ”ٻوليءَ جي حوالي سان هڪ مثالي لپي اها چئبي آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي خاص اچارن لاءِ خاص نشانيون هجن. ڪابہ لپي جنهن ۾ هڪ آواز لاءِ هڪ کان

وڏيڪ نشانيون هجن يا وري هڪ نشاني هڪ کان وڌيڪ آوازن لاءِ هجي ته اهڙي ضعيف ۽ ناڪافي سمجهبي آهي.“ (ڏاسواڻي، 2009: 60_76)

ڊاڪٽر ڏاسواڻيءَ جي حوالي ۾ به نڪتا سامهون اچن ٿا. هڪ: هڪ آواز لاءِ هڪ کان وڌيڪ نشانيون هجڻ. ٻيو: هڪ نشاني، هڪ کان وڌيڪ آوازن لاءِ هجڻ. ڊاڪٽر صاحب جو پهريون اشارو يقيناً عربي رسم الخط ڏانهن آهي، جڏهن ته ٻيو نڪتو غالباً انگريزي رسم الخط ڏانهن هوندو.

پهرين نڪتي آهر، خود ديوناگريءَ ۾ هڪ آواز 'ش' لاءِ به اکر ملن ٿا، جنهن جي اڄ تائين ڪنهن عالم تز تشريح ڪانه ڪئي آهي. عربي آوازن/ اکرن جو سنڌي آئيوپتا ۾ رکڻ جو سبب لفظن جي وسعت آهي. جڏهن ته ٻئي نڪتي وارو اشارو سڌو سنئون انگريزي آئيوپتا ڏانهن ٿو وڃي، جنهن ۾ هڪ آواز لاءِ ڪافي اکرن کان ڪم ورتو ويندو آهي. پنهنجي جڳهه تي اها به هڪ حقيقت آهي ته انگريزي صورتخطيءَ ۾ هڪ آواز لاءِ مختلف اکرن کان ڪم وٺڻ جو اهم سبب، ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي لفظ کي انگريزي صورتخطيءَ ۾ ساڳي صورت سان پنهنجو ڪرڻ هوندو آهي. مثلاً:

| *English orthographic allographs for [k]* |
|---|
| key, cat, back, bouquet, chemistry, mecca, Pinocchio, dekko, walk, khan, lacquer, biscuit, lough, sgraffito, qat |

انگريزي صورتخطيءَ بابت ساڳي شڪايت ڊاڪٽر سهيل بخاري هن ريت ڪري ٿو: ”رومن رسم الخط میں اگرچہ کل ۲۶ حروف ہیں لیکن انگریزی میں آوازیں چھبیس سے زیادہ ہیں۔ اس کا ایک ایک حرف کئی کئی آوازیں دیتا ہے مثلاً۔۔۔ایک آواز ش کے لیے شپ (Ship پانی کا جہاز)، مشین (Machine کل)، اسٹیشن (Station مقام) اور پریشر (Pressure دباؤ) وغیرہ میں کئی کئی حروف کے مجموعوں ایس ایچ (Sh)، سی ایچ (Ch)، ٹی آئی (ti) اور ڈبل ایس (ss) وغیرہ سے کام لیا جاتا ہے۔۔۔اس رسم الخط میں سُروں کے لیے علامتوں کی

جگہ صرف پانچ حروف مقرر ہیں لیکن حال یہ ہے کہ ایک ایک حرف کئی کئی سُروں کا کام دیتا ہے اور ایک ایک سُر کے لیے کئی کئی حرف آتے ہیں۔" (سہیل،1988:21-22)

انگريزي صورتخطيءَ جي حوالي سان ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر فرمان فتحپوري هن انداز سان پيش ڪئي آهي تہ: "آوازوں کا سب سے خراب نظام انگریزی میں ہے اور جب تک ہر لفظ کے ہجے (Spelling) پوری طرح رٹی ہوئی نہ ہو کوئی شخص انگریزی لکھ ہی نہیں سکتا اس کے باوجود انگریزی برابر ترقی کرتی جا رہی ہے۔" (فرمان،1998:70)

صورتخطيءَ جي خيال کان، ان ڳنڀير حالت ۾ انگريزيءَ جي آئيويٽا جي مختصر هجڻ جو ڪو فائدو ڪونهي، جڏهن تہ عربي رسم الخط جي مزاج ۾ آوازن جي درستگيءَ (accuracy) وارو تصور موجود هوندو آهي. ان خيال کان ڪنهن آئيويٽا جي مختصر هجڻ جو جواز ڪو وزن ڪونہ ٿو رکي. ان نڪتي تي غور ڪرڻ بعد ڪنهن آئيويٽا جي مختصر هجڻ کي مقبوليت جو ڪارڻ ڪوٺڻ غير علمي راءِ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

### 5.3.3.5.2 آئيويٽا جي آسان ترتيب

عربي- سنڌي آئيويٽا توڙي رسم الخط جو بنياد عربي آئيويٽا ۽ رسم الخط تان ورتل آهي. عربي آئيويٽائن مان جيڪا وڌيڪ مقبول ۽ عام ٿي سگهي آهي، سا 'ابتث' واري ترتيب آهي، جيڪا ابن مقلہ شاگردن جي ڏکيائين کي سامهون رکي جوڙي هئي. ابن مقلہ جيئن تہ خطاطي ۽ خوشخطيءَ جو ماهر هيو، تنهن ڪافي خط ايجاد ڪيا جن ۾ 'خط نسخ' ڪافي مقبوليت ماڻي چڪو. سندس 'ابتث' واري ترتيب گهڻي قدر خطاطيءَ جي اصولن تي مبني هئي.

'ابتث' واري ترتيب جي مقبوليت لاءِ پروفيسر سيد محمد سليم لکي ٿو تہ: "عربي خط جي عظيم فنڪار ابن مقلہ (923ع) شاگردن جي مشڪلاتن کي محسوس ڪندي هم شڪل حرفن کي يڪجاءِ ڪري هڪ

نئين ترتيب پيش ڪئي جيڪا 'ابتث' چورائي ٿي. جھڙيءَ طرح ابن مقلہ جي گھڙيل خطِ نسخ، خطِ ڪوفيءَ کي منسوخ ڪيو اھڙيءَ طرح انجي جاري ڪيل ترتيب، ابجدي ۽ حلقي ترتيب کي منسوخ ڪري ڇڏيو." (ترجمو: حوالو مٿي ڄاڻايل)

پروفيسر سيد محمد سليم صاحب جي ڄاڻائڻ مان اھا ڳالھ واضح ٿئي ٿي تہ ڪنھن بہ آئيوينا جي مقرريءَ يا تعيّن جو بنياد شاگردن جي سھوليت آھي. عربيءَ جي ٽن آئيويناڻن مان جيڪا ھن وقت عام رواجي مستعمل آھي سا 'ابتث' ئي آھي، جنھن جو بنياد، خطاطيءَ جا اصول آھن. بنيادي شاگرد، ڪابہ آئيوينا، خطاطيءَ جي بنياد تي آسانيءَ سان ذھن نشين (Decode) ڪري ٿو وٺي.

*************

## باب ڇهون

### 6. عربي۔ سنڌي آئيوِيتا جي مختلف رخن کان ورچ ۽ تجويز ڪيل ترتيب

1960ع واري ترتيب ٻارن توڙي استادن لاءِ سکيا جي عمل ۾ اڙوٽندڙ ثابت ٿي آهي. ان کان علاوه ڪافي عالمن پاران ان تي علمي تنقيدون بہ ٿيون آهن. نتيجةً ان کي آسماني صحيفي جو درجو ڏيندي سيڪو 'آمنا صدقنا' ڪيون وينو آهي. حالانڪ ٿيڻ ائين کپندو هو تہ ان جي ترتيب لاءِ پرائمريءَ جي جهونن استادن، پڙهائيندڙ استادن ۽ علم لسان جي ماهرن جو هڪ ڪٺ ڪوٺائي/ سيمينار ڪرائي، انهن جا رايا ۽ تجويزون گڏ ڪري، ان تي هڪ غير جانبدار ڪاميٽي مقرر ڪري، ڪو فيصلو صادر ڪجي ها تہ جيئن پڙهائيندڙن ۽ پڙهندڙن لاءِ آساني ۽ دلچسپي پيدا ٿئي! هي علمي بحث آهي، هن ۾ ڪنهن صحيفي يا پوپ جو تصور ڪونہ هوندو آهي. جنهن بابت ڪا راءِ نہ ٿي ڏئي سگهجي! اهڙو خيال رکندي ان کي مختلف رخن کان عالمن جا متعين ڪيل ورچ جا نمونا رکي، تقابلي نموني جاچڻ بعد ڪا مثبت راءِ رکڻ جو حق رکجي ٿو:

#### 6.1. آوازي گروه موجب اکري ترتيب

- انسان جا بنيادي آوازي (primary sound): ا، ب
- ڌوڪڻا (plosive) : پ، ڦ، ٻ، ڀ، ت، ٿ، د، ڌ، ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڄ، ڃ، ج، جهہ، ڪ، ک، گ ۽ گهہ
- اڌوڪڻا /چوسڻا (Implosive) آواز: ٻ، ڏ، ڄ، ڳ
- گهڻا وينجن آواز (nasal sound) : ڃ، ڱ، ن، ڻ، م
- گسڻا آواز: و ف، ز س، ش، غ، خ، هہ
- ڦڙڪڻا آواز: ڙ، ڙهہ
- پاسيرا آواز: ل، لهہ
- ڦرڻا آواز: ر
- نيم سر: ي، و
- گهڻا سر: نْ

### 6.2 مخرجي ورڇ موجب اکرن جي ترتيب

- ٻچپوان: ب، ٻ، پ، ڦ، ڀ، م، مھ، و
- چپ- ڏندن گاڏوان: و، ف
- ڏندوان: ت، ٿ
- مهاڙوان: ن، نھ، ٽ، ٺ
- ڏاڙهه مهاڙوان: ز، س
- مُورڌني: ڊ، ڍ، ٽ، ٺ، ڏ، ڙ، ڙھ، ل، لھ، ر، ڙ، ڙھ
- سخت تارونءَ وارا: ج، جھ، ڄ، ڃ، چ، ڇ، ش، ي
- نرم تارونءَ وارا: ڪ، ک، گ، گھ، ڳ، ڱ، و
- نرم تارونءَ کان پوئيئر: ق، غ، خ
- گلي وارا: ھ (الانا 1967: 28ع 29 جي وچ ۾ ڏنل چارٽ)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ڄاڻايل سنڌي آوازن جي مخرجي تيبل موجب عربي- سنڌي آئيويتا جي ترتيب هيٺين بيهي ٿي:

ا، ب، ٻ، پ، ڦ، ڀ، م، مھ، و ف، ت، ٿ، ن، نھ،
ٽ، ٺ. ز س، ڊ، ڍ، ٽ، ٺ، ڏ، ڙ، ڙھ، ل، لھ، ر
ڙ ڙھ، ج، جھ، ڄ، ڃ، چ، ڇ، ش، ي، ڪ، ک،
گ، گھ، ڳ، ڱ، ق، غ، خ، ھ

### 6.3 ديوناگري مخرجي ورڇ موجب اکرن جي ترتيب (ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي خيال موجب)

- نرم تارونءَ آواز: ڪ، ک، گ، ڳ، گھ، ڱ
- سخت تارونءَ وارا آواز: چ، ڇ، ج، ڄ، جھ، ڃ
- مورڌني آواز: ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڏ، ڻ
- ڏندن وارا آواز: ت، ٿ، د، ڌ، ن
- ٻن چپن وارا آواز: پ، ڦ، ب، ڀ، ٻ، م
- گهڪي وارا آواز: و س، ش، ھ

مرڪب آواز: ٻَ، ڀَ، ٽَ، ڊَ، ڍَ، ڱَ، ڪَ، ۽ ڏَيَ، ڌَيَ، ڀِيَ، ڀِيَ، ٿِيَ، جِيَ، گِيَ، ڪِيَ، نِيَ.

*نوٽ: مرڪب آوازن ۾ 'ر ۽ ي' اهڙا آواز آهن، جيڪي اڳين اکرن کي ساڪن ٻڌائي پاڻ سان ملائڻ جي سگهه رکن ٿا.*

### 6.5 خطاطيءَ موجب اکري ترتيب

ياد رهي ته عربي صورتخطيءَ ۾ ٽن آئيويٽائن جو تصور موجود آهي: ابجد، قمري- شمسي ۽ ابتث آئيويٽا. عربي صورتخطيءَ لاءِ موجوده عام رواجي آئيويٽا: 'ابتث' شاگردن توڙي استادن جي سهوليت لاءِ، خطاطيءَ جي اصولن کي سامهون رکي، خط نسخ جي مؤجد ابن مقلہ ترتيب ڏني هئي. اهو ئي خيال رکي عربي- سنڌي آئيويٽا 1935ع ۾ ترتيب ڏني وئي، جيڪا خطاطيءَ جي اصولن تي ئي رٿيل هئي. حقيقت ۾ 1935ع واري آئيويٽا نہ رڳو پڙهڻ پڙهائڻ جي لحاظ کان آساني رکي پئي، پر اکرن جي گهرن موجب ترتيب آهر، سولائي پڻ رکي پئي. اهوئي سبب آهي جو ابتدائي ٻار هن پٽيءَ کي پڙهڻ لکڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ دلچسپي ۽ سهوليت محسوس ڪري ٿو. موجوده ترتيب وارو مونجهارو بہ خطاطيءَ جي اصولن موجب ئي مناسب نموني حل ڪري سگهجي ٿو. 1935ع واري ترتيب جي ورڇ مختلف اندازن سان رکڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

#### 6.5.1 1935ع واري آئيويٽا جي هر شڪليءَ موجب ورڇ

- عمودي اکر: ا
- افقي اکر: ب، ٻ، ڀ، پ، ت، ٿ، ٽ، ث، ٺ
- وڪڙ/ وري وارا افقي اکر: ف، ڦ
- ڪنڌائتي ليڪن وار افقي اکر: گ، ڳ، ڱ، ک
- گولائي مائل افقي اکر: ي
- قوسي اکر: د، ذ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ
- اڌ گول مائل عمودي اکر( هڪ نمونو): ح، ج، ڃ، چ، ڇ، خ

- اڌ گول مائل عمودي اکر (ٻيو نمونو): ع، غ
- قوسي کُليل اکر: ر، ز، ڙ
- وٽ وارا اکر: م
- اڌ گول وارا افقي اکر: ن، ل، س، ش، و
ق، ص، ض
- طوئي وارا اکر: ٽ، ط، ظ
- ھ وارا اکر: ھ، جھ، گھ
- ڪنديدار اکر: ڪ، ء (خيال ورتل - سليم: 1981: 94)

1935ع واري آئيويتا مان خيال وٺي، خطاطيءَ جي اصولن موجب، اکرن جي ھر شڪليءَ ٽيڪن - وار بنيادي گھر ۾ وَٽ وَري آھر،ساڳي آئيويتا جي اکرن جي مختلف پاسن کان ھيٺين طريقن سان ورڇ ڪجي ٿي:

1. اکر جي سِري موجب ھم شڪليءَ واري ترتيب،
2. اکر جي پڇڙيءَ موجب ھم شڪليءَ واري ترتيب،
3. متصِل ۽ غير متصِل (ڳنڍجندڙ ۽ اڻ ـ ڳنڍجندڙ) اکرن موجب ھم شڪليءَ واري ترتيب،
4. بنا ٽيڪن ۽ ٽيڪن ـ وار اکرن جي ھم شڪليءَ واري ترتيب،
5. اکر جي گھر ۽ ٽيڪن ـ وار گڏيل ترتيب

### 6.5.2. خطاطيءَ موجب اکر جي سري جي ھم شڪليءَ پٽاندر ورڇ

- عمودي اکر: ا، ل
- افقي اکر: ب،ٻ،پ،ڀ،ٿ،ت،ٽ،ث،ٺ
- ترڇي ليڪ وار افقي اکر: ڪ، گ، گھ، ڳ، ڱ
- ابتي ترڇي ليڪ وارا اکر: د، ڊ، ڍ، ذ، ڌ، ڏ

- افقي ليڪ سان گولائيءَ وارا اکر: ح، ج، جھ، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ
- قوس وارا اکر: ر، ز، ڙ
- اڌ گول وارا اکر: ن، ڻ
- وري وارا اکر: ف، ڦ، و، ق، م، ه
- بيضوي مائل منڊي وارا اکر: ص، ض، ط، ظ
- اٽين وارا اکر: س، ش
- ڪنڊيدار اکر: ع، غ، ڪ، ي، ء

مٿين اکرن جي سري موجب ورڇ سان هيءَ ترتيب بيهي ٿي:

ا ل ب ٻ پ ڀ ٽ ت ٿ ث ٺ ڪ گ گھ
ڳ ڱ د ڏ ڍ ذ ڊ ڌ ح ج جھ ڄ ڃ چ ڇ خ
ر ز ڙ ن ڻ ف ڦ و ق م ه ص ض
ط ظ س ش ع غ ڪ ي ء.

### 6.5.3. خطاطيءَ موجب اکر جي پڇڙيءَ جي هم شڪليءَ پٽاندر ورڇ

- عمودي اکر : ا، ط، ظ
- افقي اکر: ب، ٻ، پ، ڀ، ٽ، ت، ٿ، ث، ٺ
- ڪنڊيدار افقي اکر: ف، ڦ
- ترڇي ليڪ وارا افقي اکر: ڪ، گ، ڳ، ڱ
- ابتي ترڇي ليڪ وارا اکر: د، ڏ، ڍ، ذ، ڊ، ڌ
- گولائيءَ وارا اکر: ح، ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ، ع، غ
- گولائيءَ مائل اکر: ر، ز، ڙ، و
- ڪڙي وارا اکر: ق، ل، ن، ڻ، س، ش، ص، ض، ي

✍ وٽ ۽ وڙوارا متفرق اکر: م، ھ، جھ، گھ، ڪ، ء.

مٿين اکرن جي پيچرڙيءَ وار ورڇ بعد هيٺين ترتيب بيهي ٿي:

ا ط ظ ب ٻ ڀ پ ٿ ٽ ٺ ٿ ٽ ف ڦ
ڪ گ ڳ گ د ڌ ڍ ڊ ڏ ڎ ح ج ڄ ڃ چ
ڇ خ ع غ ر ز ڙ و ق ل ن ڻ س ش
ص ض ي م ھ جھ گھ ڪ ء

6.5.4. متصِل ۽ غير متصِل (ڳنڍجندڙ ۽ اڻ ڳنڍجندڙ) اکرن جي هم شڪليءَ پٺاند ورڇ

متصل: ٺ ٻ ڀ ي پ ٻ ن ڻ ت ٽ ٿ ٺ ٽ ل س ش
ف ڦ ق ڪ گ ڳ گ ح ج ڄ ڃ چ ڇ خ
ع غ ڪ ص ض ط ظ م ھ جھ گھ

غير متصل: ا، د ڌ ڍ ڊ ڏ ڎ، ر ز ڙ، و.

6.5.5. بنا ٽڪن ۽ ٽڪن وارا اکرن جي ورڇ

(ٽڪن استعمال ڪرڻ وقت هيٺيان اصول سامهون رکيا ويا آهن)

1. ٽڪا، پهرين هيٺان پوءِ مٿان
2. ٻن ٽڪن وارن اکرن ۾ پهرين اڀا پوءِ ليٽيل
3. ٽن ٽڪن ۾ پهرين لاٽوڙ نما، پوءِ چوٽيءَ وارا.

- بنا ٽڪي وارا اکر: ا، ڪ، گ، د، ح، ع، ر، و، س، ص، ط، ل، م، ھ، گھ، ڪ.
- هڪ ٽڪي وارا اکر: ب، ف، ڊ، ذ، ج، خ، غ، ز، ن، ض، ظ، جھ
- ٻن ٽڪن وارا اکر: ٻ، ٺ، ت، ڳ، ڱ، ڍ، ڌ، ڄ، ڃ، ق، ي

- ٽن ٽبڪن وارا اکر:    پ، ٽ، ٿ، ڏ، ڇ، ش،
- چئن ٽبڪن وارا اکر:   ڀ، ٺ، ڦ، ڃ، ڙ
- علامت وارا اکر:    ڻ، ء.

مٿين ٽبڪن جي ترتيبي ورڇ موجب اکرن جي ترتيب هيئن بيهي ٿي:

ا ک گ د ح ع ر و س ص ط ل م هہ گھ ڪ

ب ف ڊ ذ ج خ غ ز ن ض ظ جھ

ٻ ٽ ت ڳ ڱ ڍ ڌ ڄ چ ق ي

پ ٽ ٿ ڏ ڇ ش

ڀ ٺ ڦ ڃ ڙ ڻ ء

### 6.5.6  اکر جي گهرءِ ٽبڪن وار گڏيل ترتيب

خطاطيءَ جي اصول موجب ڪنهن اکر جي قريب شڪل جا بنيادي گهر سامهون رکي اکرن جي ترتيب بيهارڻي پوندي آهي. هيٺ عربي- سنڌي آئيوپٽا جي بنيادي گهرن جي ورڇ ڏجي ٿي:

#### 6.5.6.1  اکرن جا بنيادي گهر

عربي- سنڌي آئيوپٽا ۾ موجود اکرن ۾ علامتن ۽ نقطن کان سواءِ بنيادي اکرن جو تعداد 21 بيهي ٿو. جيڪي ڍنگ يا ورن پٽاندر هڪبئي مان نڪتل جڙن ٿا. سي تقريباً ٨ جوڙ ٿين ٿا. اهڙن ڍنگن يا وَرَن تي مشق ڪرڻ سان پوري آئيوپٽا تي هٿ رسَ ممڪن آهي.

ا ب ف - ک د - ح ع - ر ن - و ق - س ص ط ل - م هہ ھ - ڪ ي ء

لکڻ جي فن يا مصوريءَ جي بنيادي اصولن ۾ ٽبڪي، ليڪ ۽ وَٽ وَرَن کي وڏي اهميت حاصل آهي. انهن تي گرفت حاصل ڪرڻ سان ئي سکيا جو عمل بهتر ٿي سگهندو آهي. هيٺ 1935ع واري ترتيب ۽ اکرن جي بنيادي گهرن کي سامهون رکي، ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

### 6.5.6.2 اکرن جي بنيادي گهرن موجب 1935ع واري ترتيب جي اصولي ڇنڊڇاڻ

1935ع واري سوني ترتيب:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ث ٺ ف ڦ گ ڳ

ڱ ک ي د ذ ڌ ڏ ڊ ح ج ڄ ڃ چ ڇ خ

ع غ ر ز ڙ م ن ل س ش و ق ص ض

ڻ ط ظ ه جهه گهه ڪ ء.

اکر جي هيٺان ٽٻڪن جي ترتيب موجب:

- 1935ع واري ترتيب: ا ب ٻ پ ڀ
- سفارش ڪيل ترتيب: ا ب ٻ پ ڀ

اکر جي مٿان ٽٻڪن (پهرين ايا. پوءِ ليٽيل) واري ترتيب موجب:

- 1935ع واري ترتيب: ت ٿ ٽ ث ٺ
- سفارش ڪيل ترتيب: ٿ ت ٽ ث ٺ

(هن ترتيب ۾ ٻن اکرن پهرين ايا پوءِ ليٽيل جي بنياد تي مٿا سٿا ڪئي وئي آهي)

وڏي وارن اکرن جي ٽٻڪن واري ترتيب موجب:

- 1935ع واري ترتيب: ف ڦ
- سفارش ڪيل ترتيب: ف ڦ

اکر جي پيڙهيءَ ۾ مٿان ترڇي ليڪن واري ترتيب موجب:

- 1935ع واري ترتيب: گ ڳ ڱ ک ي
- سفارش ڪيل ترتيب: ک گ ڳ ڱ

(هنن اکرن جي ترتيب ۾ پهرين هڪ پوءِ ٻه ترچيون ليڪون ۽ ٽٻڪن ۾ پهرين اڀا بعد ۾ ليٽيل ٽٻڪا رکيا ويا آهن. سو به اڳ وانگر پهرين هيٺان پوءِ مٿان، جي سٽاءَ موجب ترتيب رکي وئي آهي؛ 'ي' اکر کي آخر ۾ رکيو ويو آهي.)

**ابتي ترڇي وڙي وارن اکرن جي ترتيب موجب:**

- 1935ع واري ترتيب: د ذ ڌ ڏ ڊ ڍ
- سفارش ڪيل ترتيب: د ڊ ڍ ذ ڌ ڏ

(هنن اکرن جي ترتيب ۾ ٽٻڪن جي ترتيب ساڳي پهرين هيٺان پوءِ مٿان واري ليکي آهر رکي وئي آهي.)

**گولائيءَ وارن اکرن جي ترتيب موجب:**

- 1935ع واري ترتيب: ح ج ڄ ڃ چ ڇ خ ع غ
- سفارش ڪيل ترتيب: ح ج ڄ ڃ چ ڇ خ ع غ

(مذڪوره ترتيب هوبهو ساڳي بيٺي آهي، ڇو ته هن ترتيب ۾ ٽٻڪن جو وچور سفارش پٽاندڙ پهرين اڀا ۽ پوءِ ليٽيل رکيل آهن.)

**گولائيءَ مائل اکرن جي ترتيب موجب:**

- 1935ع واري ترتيب: ر ز ڙ
- سفارش ڪيل ترتيب: ر ز ڙ

**متفرقه اکرن جي وٿ ۽ وڙن موجب ترتيب:**

- 1935ع واري ترتيب: م ن ل س ش و ق ص ض ڻ ط ظ
  ھ جھ گھ ڪ ء
- سفارش ڪيل ترتيب: ن ڻ و ق س ش ص ض ط ظ ل م
  ھ جھ گھ ڪ ي ء

(جاڳايل ترتيب ۾ اکر جي بنيادي گهر جو خيال رکي اکرن جون جايون مٽايون ويون آهن.)

### 6.5.6.3. اکرن جي بنيادي گھرن ۾ 1935ع واري ترتيب جي بنياد تي تجويز ڪيل ترتيب

مٿين اکرن جي هر شڪليءَ ۾ ڏيکارڻ موجب ورچ بعد آئيويتا جي ترتيب هيٺن بيهاري سگهجي ٿي:

ا، ب، ٻ، پ، ڀ، ث، ت، ٿ، ٺ، ٽ، ف، ڦ، ک، گ ڳ، ڱ، د، ڊ، ڏ، ذ، ڌ، ڍ، ح، ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ، ع، غ، ر ز ڙ، ن، ڻ، و ق، س، ش ص، ض، ط، ظ، ل، م، ه، جهہ، گهہ، ڪ، ي، ء.

*********************

## 🕮 ببليوگرافي (سنڌي ۽ اردو)


- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند (1956) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ڪراچي، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند (1957) قديم سنڌ. ڪراچي ،حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند [1925] 1985. وڏو سنڌي وياڪرڻ. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- آڏواڻي ڪيولرام ديوان (1978) گل شڪر. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- ابڙو آفتاب (1992) سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري. ڪراچي: سنڌي ڪتاب گهر.
- ابڙو آفتاب (2010) موجوده عربي-سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس. ڪلاچي (تحقيقي جرنل)ايڊيٽر: پروفيسر محمد سليم ميمڻ. ج 13 (1)، 51_ 92. ڪراچي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1984) سنڌي لسانيات، صوتيات، گرامر ۽ لغت تي ٿيل تحقيق ۽ اشاعت. ٽماهي مهراڻ. ايڊيٽر: شيخ، نفيس احمد. ج 33 (2)، ص 117 _ 135. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1967) سنڌي صوتيات. حيدرآباد: ادبيات پبليڪيشن.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر [1964] 1993. سنڌي صورتخطي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2005)_ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2006) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- انگريز گورنر (1967) سنڌي رسم الخط جي تاريخ. ٽماهي مهراڻ. ايڊيٽر: ج 16 (4). ص 134_138. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

- بخاري، سہیل، ڈاکٹر (1988) اردو رسم الخط کے بنیادی مباحث. اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
- بروهي، داد محمد خادم ڊاڪٽر (2004) سنڌي براهوي لغت. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960) جامع سنڌي لغات، جلد پهريون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1992) سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي- حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1995- 1996) سنڌي ٻولي، سنڌيڪار: برڪت علي ابڙو ڪريمي. ٽماهي سنڌي ٻولي، ايڊيٽر: امين لغاري . ص 6- 29 حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2002) روشني، شاه جي ڪلام جي لغت. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2003) سائين جي.ايم سيد جون سنڌي لغت تيار ڪرڻ لاءِ مخلصاڻا ڪوششون. ورچي نہ ويني، مرتب: آزاد قاضي. ڪراچي: جي. ايم سيد فائونڊيشن.
- ٻٽ، الهه رکيو، ڊاڪٽر (2014) ٽرمپ- ايلس اختلاف راءِ ۽ 'سنڌي الف-ب' وارو مامرو. ٽماهي مهراڻ ، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ. ج 54 (1)، ص 45- 61. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- ٻگت، گهنشام داس (1910) سنڌي ٻوليءَ جي سونهن. ادارو (؟)
- پرمانند ميوارام (1991) سنڌي- انگريزي لغت. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر (1985) شاهہ جو رسالو. ڀٽ شاه: ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.
- ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر (2011) سنڌي ٻوليءَ جو گرامر. مترجم: امجد سراج ميمڻ. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جتوئي، علي نواز پروفيسر [1968] 1996.علم لسان ۽ سنڌي زبان. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

- جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر (2007) سنڌي زبان جي ماهيت. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ- دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه.
- جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر (2006) سنڌي ٻوليءَ جون مکيه خاصيتون. ٽماهي مهراڻ. ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ. ج 56 (2 ۽ 3) ص 128- 132. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- حاجاڻو بخت علي مزدور (روايت ڪندڙ) اصل ڳوٺ منڙي مشين تعلقه ڪوٽ ڏيجي. حال ساڪن محرابپور.
- حقي، شان الحق (1996) لسانی مسائل و لطائف۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
- دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر (1997) سون برابر سڳڙا (علامه دائود پوٽي جا مضمون ۽ مقالا). مرتب: هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ڏامراهو بدر (2008) سنسڪرت- سنڌي لغت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- ڏاسواڻي چندر جي ڊاڪٽر(2009) بقا جي ضامن لپي. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل. ج 2 (2). ص 60- 76. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1980) تحقيق لغات سنڌي حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1984) سچل لغات. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي.
- سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1986) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1993) اصطلاحن جي اصليت. لاڙڪاڻو: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو اڪيڊمي.

- سنگهاڻي، سترام داس سائل [2004] 2009. سائل ڪوش. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.
- سمتو عبدالوهاب، انجنيئر (2002) 'ننڍڙي روپ وارا چوٽيون ۽ پهاڪا'۔ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- سمتو عبدالوهاب، انجنيئر (2006) 'اترادي پهاڪا ۽ چوٽيون'. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
- سمتو، محمد صفر (2009) ماڊرن انگلش ڊڪشنري. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
- سومرو شهيد (2005) ٻوليءَ سندا ٻول. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- سومرو غلام قادر ڊاڪٽر (1996) سنڌي ٻڻن لفظن جي لغت. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو.
- سيد، ساجد حسين (1986) نفسيات و تعليم۔ کراچی: کفایت اکیڈمی.
- سيد، گل محمد شاهه بخاري (2010) عرفان شريف، حمديه ديوان. سکر: فڪر و نظر پبليڪيشن.
- سید، محمد سلیم، پروفیسر (1981) اردو رسم الخط. کراچی: مقتدرہ قومی زبان.
- شمس الدين بلبل (1982) ديوان بلبل، مرتب: غلام محمد گرامي. ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
- شيخ، محمد سومار (1992) سنڌي آوازن جا تبادلا۔ حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- شيخ، واحد بخش (1986) سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو ياڳو پهريون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- صدیقی، عتیق احمد (1989) رسم الخط اور زبان کا تعلق۔ اردو رسم الخط (انتخاب مقالات) مرتبہ: شیما مجید۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان۔

➤ طالب المولي، محمد زمان مخدوم (1991) لغات سنڌي مخففات.
حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
➤ عباسي عبدالرحيم آخوند (1993) جواهر لغات سنڌي اڪيچار.
حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
➤ فتحپوري، فرمان، ڈاکٹر (1998) تدریس اردو۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
➤ فهميده حسين، ڊاڪٽر (2004) سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي
لغت. ڪراچي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
➤ فهميده حسين، ڊاڪٽر (2012) سنڌي ٻولي: مختلف لساني
پهلو.حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
➤ ڦرڙو، محمد پناه (2007) هندي- سنڌي لغت. حيدرآباد: سنڌي
لئنگويج اٿارٽي.
➤ قادري، مدد علي، ڊاڪٽر (2007) سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي
ڳانڍاپو. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
➤ قاضي، آءِ آءِ علامه (1961) شاه جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
➤ قريشي، علي اڪبر اسير، ڊاڪٽر (2010) حديث عشق. لالو رائنڪ/
جوڻائي شريف: علامه تارڪ اڪيڊمي.
➤ ڪنگراڻي عزيز (2009) اکر اکر آرسي. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
➤ ڪوڙل خان ۽ ڪوڙل خان (1995) ڪلام ڪوڙلين. مرتب: غوث
محمد گوهر. ڪونڙي محمد ڪبير: الڪبير اڪيڊمي.
➤ گرامي غلام محمد (2009) عربي- سنڌي ليٿوگراف، سنڌي رسم الخط ۽
اسلوب بيان. سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا- مرتب: خان محمد
جروار. جلد IV، ص 22- 75. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
➤ لغاري ، امين (1995- 1996) سنڌي ٻوليءَ جي مستند الف-ب.
(رپورٽ) تماهي سنڌي ٻولي، ايڊيٽر: امين لغاري. ص111. حيدرآباد:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

- لغاري، عبدالڪريم، پروفيسر (1976) سنڌي ا _ ب جي ارتقا. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- مرزا قليچ بيگ (1994) لغات لطيفي. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
- مرزا، قليچ بيگ [1961] 2006. سنڌي وياڪرڻ (گڏيل ڀاڱا). ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- موراڻي، راشد (2005) ديوان راشد. حيدرآباد: سچل پبليڪيشنز.
- ميرچنداڻي ڏيارام وسڻ مل (2007) عربي ـ سنڌي صورتخطي. سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا ـ مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو. جلد 1، ص 152 ـ 155. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ميمڻ، رحيم بخش (1950) تعليم مادري زبان. حيدرآباد: مدينہ پرنٽنگ پريس.
- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (1972) ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي. ٽماهي مهراڻ، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ج 61 (4). ص 156 ـ 171. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- ميمڻ محمد صديق (2007) عربي ـ سنڌي صورتخطي. سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا ـ مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو. جلد 1، ص 102 ـ 111. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- هدايت پريم، ڊاڪٽر (2007) سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق ـ حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر (2007) پيش لفظ سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون. مرتب : خود. جلد: 1، ص VII ـ XXXI. حيدرآباد: سنڌ لئنگويج اٿارٽي.
- همايوني عبدالغفور (2004) فرهنگ همايوني، مرتب: نياز همايوني. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

- هيراڻي، ڪيمچند (2007) عربي- سنڌي صورتخطي. سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا- مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو. جلد 1. ص 146- 151. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- واسواڻي، پهلاجراءِ ليلارام (2007) عربي- سنڌي صورتخطي. سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا- مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو. جلد 1. ص 156- 173. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- وزارت تعليم (1982) سنڌي زبان جي بنيادي لغت. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- وزارت تعليم (2006ع) سنڌي نصاب، ٻارهين ڪلاس لاءِ. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ.
- وسڻاڻي جهمٽمل نارومل (1978) وٿيپتي ڪوش. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- وفائي دين محمد (1985) تذڪره مشاهير سنڌ. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.


## 🕮 Bibliography (English):


- **Anandram, Munshi** (2007) The Sindhi Instructor- Sindhi Adabi Board Jamshoro.
- **Bulchand, Dulamal** (2003) – A manual of Sindhi – Sindhi Language Authority Hyderabad
- **Catherine Schwarz** (1989) The Chambers Dictionary- Chambers Cambridge Edinburgh.
- **David crystal** [1987] 1996. The Encyclopedia of language. Cambridge University. Islamabad: National book foundation.
- **Crowther, Jonathan** [1948] 1998. Oxford advanced learners Dictionary. Oxford University press.
- **John Shakespeare** [1834] 1980. Dictionary Urdu- English and English- Urdu- Sang e Meel Publications Lahore.
- **John T. Platts** [1911] 2003. A Dictionary of Urdu, classical Hindi and English – Sang e Meel Publications Lahore.



9 789696 250548